

سڳداسي چانور




سُهڻي سِنڌ

سمپادڪ :

گوورڌن شرما ’گهاي


SINDHI ADABI SABHA, PUNE
1


2


4


3


5


6

سُگداسِي چانور

(ڪهاڻيون، مضمون ۽ مقالا)

سمپادڪ :

گوورڌن شرما ’گهايل‘

فائونڊر پريزيڊنٽ

سنڌي اَدبِي سڀا، پُڻي

فهرست

◆ سُگداسي چانورَ
: (ڪهاڻيون، مضمون ۽ مقالا)
◆ سمپادڪ : گووردن شرما 'گهايل'
پريزيڊنٽ، سنڌي اَدبي سڀا، پُٽي،
٢٠٢، ريو گرانڊ، فورٽاليزا، ڪلياڻي نگر،
پُٽي - ٤١١٠١٦ موبائيل : ٩٨٢٣٧٨٨٦٩٠
◆ پهريون ڇاپو : ١ ڊسمبر ٢٠٠٨
◆ قيمت : ١٥٠ روپيه ◆ ڪاپيون : ٥٠٠
◆ ڪور ڊزائين : شري پرمانند ۽ نريندر چنچلاڻي
◆ پبلشر ۽ پرنٽر : سورڻڪلا (پرنٽرس ائنڊ ائڊورٽائيزرس)،
پُٽي. فون : ٢٦١٢٩١٢٧ (٠٢٠)
◆ ٽائيپسيٽنگ : شري هرڪشن سامتاڻي، پُٽي
فون : ٢٦١٢٣٧٥٦ موبائيل : ٩٧٦٤٣٩٠٦٨٠

◆ **Sughdasi Chanwara** (Stories, Essays, Papers)
Goverdhan Sharma 'Ghayal'
President, Sindhi Adabi Sabha, Pune
202, Rio Grande, Fortaleza, Kalyani Nagar,
Pune - 411016 Mobile : 9823788690
◆ **First Edition** : 1st December 2008
◆ **Price** : 150 Rupees ◆ **Copies** : 500
◆ **Cover Design** : Mr. Paramanand & Narendra Chanchlani
◆ **Printer & Publisher** : M/s SWARNAKALA (Printers & Advertisers), Pune. Phone (020) 26129127
◆ **Typesetting** : Harkishin Samtani, Pune Ph.: 26123756 Cell: 9764390680

گذارش

اَدب عوام جو آئينو مڃيو ويو آهي. ليڪ جيڪي ڪجھ ڏسي ٿو، ٻُڌي ٿو، پڙهي ٿو، محسوسي ٿو اُهو پنهنجي تخيل سان جوڙي قلمبند ڪري ٿو. رچناڪارن کي هڪ هنڌ آڻڻ جو ڪم اَدبي اِدارا ڪن ٿا. بزرگ، جوان ۽ نوجوان قلمڪارن کي ڪٺو ڪري ساهتڪ سڄاڳي ۽ مادري زبان لاءِ محبت پيدا ڪرڻ اَهڙن اِدارن جو مقصد هوندو آهي.

سنڌي اَدبي سڀا، پُڻي ساڳئي اِرادي ۽ اُديش کي اڳيان رکي ميء ۲۰۰۱ع ۾ شروعات ڪئي. قدم در قدم وڌائيندي ڪاميابيءَ جي راه تي هلي رهي آهي. ماهوار اَدبي محفلن ۽ ٻاهران آيل عالمن ۽ اَديبن سان ڪچهريون ڪرڻ جو هڪ به نِيمُ نہ ٽاريو آهي. هر سال اَنڪل ويھ گڏجاڻيون ٿينديون رهيون آهن. سڦلتا سان ساهتڪ سرگرمين جا ست سال پورا ڪري هِڪَ وِکَ اڳيان وڌائي آهي.

قربدار سنڌيت جي شيداين پنج هزار ڏيئي پئٽرن ۽ يارنهن سؤ ڏيئي لائيف ميمبرشپ قبولي آهي. (هن رچنا - سنگره ۾ ڏنيواد طور اُنهن جا نالا ڏنا ويا آهن.) باقي رهيل عالمن - اَديبن کي بہ اَهڙيءَ طرح سهيوگي هٿُ وڌائڻ گهرجي.

سنڌي اَدبي سڀا، پُڻي هن مهل تائين چار ساهتڪ سوکڙيون، ’پيش پريئن جي‘، ’اُمنگ‘، ’انگوُر‘ ۽ ’سُگڌاسي چانور‘ شايع ڪيون ويون آهن. پهرين ٽن پستڪن جي نہ صرف هند ۾ پر سنڌ، دبئي، هانگ ڪانگ ۽ آميريڪا ۾ بہ دلي آجيان ٿي آهي. سرنديءَ وارن جي سهڪار ڪانسواءِ ائين نہ ٿي سگهي ها.

مُشاعرا ۽ سنگيت محفلون پڻ هن سڀا جي شغلن ۾ شامل آهن جن ۾ نہ صرف پونا نواسين پر ٻين شهرن جي پڻ قابل - تعريف شخصيتن شرڪت ڪئي آهي.

سنڌي اَدبي سڀا، پُڻي نَونِ ۽ اُسرندڙ رچناڪارن کي هميشه همٿايو آهي، اِها ڳالھ هن رچنا - سنگره مان بہ سڃاڻ پائڪ

شڪرگذاري

'سُڳداسي ڇانور' سنڌيت جي شيدائي پاڻڪن تائين پهچائڻ ۾ جن ٻه ساهتيڪارن، مالي مدد ڪندڙن ۽ سهيوگي ساٿين ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سهڪار ڪيو آهي تن سڀني جي سنڌي اَدبي سڀا تهدل شڪرگذار آهي.

هن رچنا - سنگره کي ٿوري وقت ۾ سهڻي روپ ۾ سجائڻ سنوارڻ جو ڪاريه ڪندڙن ڀاءُ شري هرڪشن سامتاڻي، شري پرمانند ۽ شري نريندر چنچلاڻي جا پڻ احسانمند آهيون.

ماهوار ادبي ڪلاس واسطي جڳهه ڏيڻ لاءِ 'پشپا هال' جي بانيڪارن خاص ڪري دادا شري پريم آڏواڻيءَ جا ٿورائتا آهيون.

سنڌي اَدبي سڀا پُٺي هن وقت اٺين سال ۾ آهي ۽ انهيءَ سموري عرصي ۾ جن سنڌي، هندي، مرهٽي، انگريزي اخبارن اسانجي مشغولين کي عوام تائين پهچايو آهي، اسين تن جا آڀاري آهيون.

'سُڳداسي ڇانور' اُميد ته سڀني پاڻڪن کي پسند ايندا اِن آشا سان، سدائين گڏ،

پروفيسر نيلم چاهڙيا،
سيڪريٽري، سنڌي اَدبي سڀا پُٺي

سڄڻ ۽ سهيوگي ' سنڌي اَدبي سڀا، پُڻي ' جا :

OFFICE BEARERS

Mr. Goverdhan Sharma 'Ghayal'
Founder President

Mrs. Ratna Godia 'Rolaak'
Vice President

Prof. Neelam Chhabria
Secretary

Adv. C. T. Keswani 'Lal'
Treasurer, Legal Advisor

PATRONS :

Mr. Mayaram Kukreja 'Dard'
Mr. Chhabaldas D. Milaney 'Das'
Mr. Harpal Punjabi
Mr. Atmaram Batra
Mr. Anil Batra
Mr. Balraj Batra
Mr. Baldev Sadhwani 'Nirmohi'
MJF Lion Ajit Jethwaney
Mr. Shivandas Pamnani
Dr. Prem L.Sharma
Mrs. Indira P. Sharma
Mr. Peter Dhalwani
Mr. Kamal G. Sharma
Adv. Haresh Hemrajani
Mr. Moti G. Milaney
Mr. Suresh Hemnani
Mrs. R. S. Chainani

LIFE MEMBERS :

Mr. Harkishin Samtani
Mr. Mahesh Panjwani
Dr. Jairam Tejwani
Mr. Ram Mirchandani
Mr. Gangaram Nagdev
Mr. Nanikram Punjabi
Mr. Kamlesh Moorjani
Dadi Kavita Chanchlani
Mr. Gopal Manwani
Mrs. Hemlata Bajaj
Mr. Gopichand Sachdev
Mr. K. B. Ramchandani
Mrs. Saroj Bharwani
Mrs. Chandra N. Khiani
Dr. Dashrathraj Asnani
Mr. Kripasagar Parchani
Dr. Sundri Parchani
Mrs. Kavita Tahiliani
Mr. Gobindram Bharwani
Mrs. Kala G. Bharwani
Mr. Tikam Bhojwani
Mr. Bharat D. Keswani

MEMBERS, INVITIES :

Dr. K. P. Lekhwani
Prof. Ishwari Jotwani
Mrs. Rita Shahani
Mrs. Tara Mirchandani
Mrs. Indra 'Shabnam'
Prof. Baldev Budhrani 'Deep'
Mrs. Indra B. Budhrani
Mr. Prem M. Adwani
Dr. Geeta Makhijani
Adv. Jetho Makhijani
Dr. Shobha Relwani
Prin. Aruna Jethwani
Mr. Tolaram Raheja 'Lali'
Mrs. Vijaya Teksinghnani
Mr. Ajit Kishore
Dr. Yashodhara Wadhwani Shah

سمجهي سگهندا.

بابا وڏو (منهنجي پتا صاحب جو وڏو ڀاءُ) ميهڙ (سنڌ) ۾ ڪڏهن خوشي ظاهر ڪندي چوندو هوم، ”تون ته سُگداسي آهين.“ اُن وقت اِن جملي جو مطلب سمجهه ۾ نه ايندو هوم.

آديپور (ڪڇ) گجرات ۾ اَچي ٽانئيڪا ٿياسين. منهنجو پتا صاحب سنڌ جون ساروڻيون ٻُڌائيندي چوندو هو، ”ميهڙ ۾ اَسانجي گهر جي اڱڻ ۾ سُگداسي چانورن ۽ سارين جون ڪيتريون ئي ڳوڻيون هروقت پيون هونديون هيون، اڪثر سَداورت ۾ بابا وڏو گهرجائن کي ٻُڪ ڀري ڏيندو هو.“ ڪڏهن چوندو هو ته، ”ميهڙ جو مائو ۽ مهڪ واري ميندي مشهور هئي پر سُگداسي چانور ڇا چئجي! رنڌڻي ۾ رَڌ ته پاڙيوارن کي به پَروڙ پئجي ويندي ته ڇا پيو رَڌجي.“ مطلب ته سنڌ ۾ سُگداسي چانور سيني کان سُٺا ۽ سوادي مڃيل آهن.

ذهين پاٺڪ هن ڪتاب کي پڙهندي عنوان جي پروڙ پڪ ئي پڪ سمجهي ويندا. سپ نه ته ڪيتريون ئي رچنائون پڙهندي کين سنڌ جي سُگداسي چانورن جهڙو سواد محسوس ٿيندو، اِن ڪري اِن بابت وڌيڪ واضع نٿو ڪريان.

الائي ڇو ڪجهه وقت کان ائين پيو لڳيم ته سنڌي اَدبي سڀا، پُڻي جي پوئين ساهتڪ سوڪڙي پيش ڪري رهيو آهيان. ٻڌل صحت شايد هڪ ڪارڻ هجي. وشواس اٿم ته منهنجا سهيوڳي ساٿي ۽ سچا اَدبي جوت جڳائيندا رهندا. پوئين پساهه ٽائين وقت، وَسَ ۽ وِتَ انوسار مان مُنهن ڪونه موڙيندُس، اِن ڪري ’الوداع‘ نٿو چوان. شاهه صاحب چيو آهي نه، ”تَتيءَ ٿَڌيءَ ڪاهِه، ڪانهي ويل وِهَڻ جي.“ آخر ۾ هڪ سِٽَ هيءَ به، ”مڙيئي مَدايون مون ۾، ناهي هِڪَ هوتَنِ، ۽ بس.

سومر — گوورڌن شرما ’گهايل‘

ڦرين ڊسمبر ٢٠٠٨ع — فائونڊر پريزيڊنٽ، سنڌي اَدبي سڀا، پُڻي

ني ۽ جي وچ ۾

اروڻا چينواڻي، پونو

انڌيري رات هئي. اسين ٻنيءَ جي وچ ۾، هُڏڪو جي
نوٽ ۾ محفل مچائي رهيا هئاسين. مون سان گڏ دادا درشن
جي ٽيم بہ هئي. اسانکي سنڌيءَ جا پُراڻا لوڪ گيت ۽ وايون
غيره رڪارڊ ڪرڻا هئا. هڪ وڻ جي هيٺان تَنبُن جي وچ
ر ڳائيندڙن لاءِ هڪ ننڍڙو منچ ٺاهيوسين. ٽيوب لائيٽس بہ
ڳايونسين. اجان محفل شروع ئي ڪين ٿي هئي تہ هزارين
جُگنو (ڪڙڪيتا) اچي گڏ ٿيا. اسانکي لائيٽس بند ڪرڻيون پيون
رڪارڊنگ بہ بند ڪرڻي پيئي. ايتري ۾ خدابخش آيو ۽
چيائين، ”مان توهانکي هڪ سچي آکاڻي ٿو ٻڌايان. ٽيهہ
سال اڳي اَسان جي ذات لاءِ هندستان - پاڪستان جي ڪا سرحد
ڪونہ هئي. اسانجو مال ايندو ويندو پيو هو. اسان جون ڇوڪريون
ڻَنَ پاسي شادي ڪرڻ وينديون هيون. اُتان جا ڇوڪرا هِتي
رهائڻ ڪرڻ ايندا هئا.

هڪ دفعي هڪ اَمينءَ جا سومرا پُٽ سرحد جي هُن پار
اپار لاءِ هليا ويا. اوچتو اُتي ڪرفيو لڳو ۽ اَمينءَ جا ٻار
تي ئي رهجي ويا. اَمين اچي ڏاڍي ماندي ٿي. ڪيترا
ڏينهن گذري ويا پر هُن پاسي کان اَمينءَ جي پُٽن جي
ڪابہ خبرچار ڪونہ آئي. اَمين پنچات ۾ ويئي ۽ عرض ڪيائين
ہ ”مونکي پاڪستان پاسي وٺي هلو تہ پنهنجن ٻچڙن سان
ڏجان.“

اسان اَمڙ کي چيو تہ، ”توکي پاڪستان وڃڻ لاءِ پاسپورٽ
ڪڍائڻو پوندو.“

هُن چيو، ”صدين کان اسين گڏ رهيا آهيون ۽ هاڻي چئو
ا تہ سرڪاري ڪاڳر کپي!“

تصويرون چُپ چو رهن ؟

صفحو ۱ : سڄوريءَ سنڌ جا عالم ۽ اديب سڳداسي چانورن جي سيني خوبين سان
تمنار آهن. هند ۾ چاول رچناڪارن بہ اُنهن جي نقش قدمن تي هلن پيا.

صفحو ۲ : (۱) سنڌي سنت ڪوي پنڊت بسنترام جي برج ڀاشا ۾ لکيل مهاڪاويہ
’شري بسنت ڪرشنائين‘ جي هندي ڀاڱي جو (هندي انواد سان) ومو چن
وقت (ساڄي کان) پرڪاشڪ ڊاڪٽر پريم شرما، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي،
شري گوورڌن شرما ’گهايل‘ ڊاڪٽر شريڪانت اُپاڌيايہ، شري جئرام ڦگري،
پروفيسر س.م.شاهہ، شريمتي پرڀا ماٿر، ليکڪا تارا ميرچنداڻي ۽ ڊاڪٽر
مالتي شرما. (۲) ليکڪا رتنا گوديا ’رولاڪ‘ جي نئين ناول ’پريم وش‘
جي رونمائيءَ وقت (کاٻي کان) شري هرڪشن سامتاڻي، شري ڇبلداس ملاڻي،
شري بنسي خوبچنداڻي، شري موهن گيهاڻي، رتنا گوديا ’رولاڪ‘، شري
گوورڌن شرما ’گهايل‘ ۽ اِندرا شبنم. (۳) ’سنڌو درشن‘ چئنل جي روح
روان شري هيرو ۽ ٻين معزز شخصيتن سان گوورڌن شرما ’گهايل‘.
(۴) هڪ جلسي ۾ پرنسپال رڪمڻي چئناڻي، شري ايسر ڪلياڻي، پرنسپال
ديو ناٿاڻي ۽ شري گوورڌن شرما ’گهايل‘. (۵) سنڌ - هند جا اديب (کاٻي
کان) شري تاج جويو، شري اياز گُل، شري ايم. ڪمل، ڊاڪٽر جڳديش
لڇاڻي، شري هيرو ٺڪر ۽ شري گوورڌن شرما ’گهايل‘. (٦) هڪ جلسي
۾ (کاٻي کان) ڪلاڪار شري ڪمار ڪلواڻي، شري نرمل ڏاسواڻي، هدايتڪار - ڪلاڪار
شري مدن جهماڻي، شري ايشور آهوجا ۽ شري گوورڌن شرما ’گهايل‘.

صفحو ۳ : (۷) هڪ سماروهہ ۾ رچناڪار (کاٻي کان) گيتاراج (لنڊن)، گوورڌن
شرما ’گهايل‘، ديوي ناگراڻي (آمريڪا)، ڊاڪٽر لتا ٺهلياڻي ۽ پروفيسر مينا
روپچنداڻي. (۸) ادبي سڀا جي ساليانی جلسي ۾ (ساڄي کان) رتنا گوديا
’رولاڪ‘، شري گوورڌن شرما ’گهايل‘ ۽ گائڪا گيتا ٻابلاڻي. (۹) هڪ اُردو
مشاعري ۾ (کاٻي کان) اِندرا پوناوالا ’شبنم‘، مرائي ڪوي شري گهنشام
ڏينڊي، شري گوورڌن شرما ’گهايل‘ ۽ ڪشميري ڪوي شري ديپڪ ٻُڌڪي.
(۱۰) ادبي سڀا جي هڪ جلسي ۾ (کاٻي کان) شري نريش چيتواڻي،
شري انيل ٻترا، شري اجيت ڇينواڻي ۽ شري گوورڌن شرما ’گهايل‘.

صفحو ۴ : پوني جون معزز شخصيتون (کاٻي کان) سماجي ڪاريہ ڪرتا شري
شونداس ڀماڻي، سنڌ جي مقبول اديب تاج جويو سان شري گوورڌن شرما
’گهايل‘، LION MJF اجيت ڇينواڻي، نرتڪي ڪماري سرشٽي، رچنا ۽
سپنا لڇواڻي، سرشٽي، اندرا شبنم، گوورڌن شرما ’گهايل‘، ٻلديو ٻُڌراڻي،
موتيرام ’موتي‘، ڊاڪٽر ڏرما، سريش ڇينواڻي، گهايل، پروفيسر ونود آسوداڻي،
ڊاڪٽر خوبچنداڻي، شري پريم آڏواڻي، گوورڌن، ڪلاڪار گلو رامچنداڻي
۽ شري نرمل ڏاسواڻي.

اونداهي رات ۾
امڙ جا سوُرهيہ پُٽ
اُنن تي آيا ۽ راتورات امڙ کي ولي ويا.

(A Short Story - Verbal in Bani - Kutch)

* * * * *

تيرٿ بسنت (1905 - 1995)

سدا حيات تيرٿ بسنت سنڌي ادب جي الڳ الڳ شاخائن تي پنج ڏهاڪا قلم آزمائي ڪئي. ڪهاڻي، ڪويتا، ناٽڪ، آلوچنا، مضمون ۽ مقالا لکيائين.

سندس مشهور ڪتاب آهن: 'ساهتيہ سارُ'، 'گانڌي جي'، 'آتيلو'، 'آوازَ' (ڪويتائون)، 'چٽگون'، 'ڪنور' - هن ڪتاب تي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جو اوارڊ مليس. سندس رچنائون ڪيترن درسي ڪتابن ۾ ڏنل آهن.

هن صاحب کي ڊبليو. جي. فائونڊيشن (آميريڪا) وٽان هزار ڊالر ۽ دهليءَ جي ساهتيہڪلا پريشد طرفان گولڊ ميڊل ۽ ٻيا بہ ڪيترائي انعام ۽ مانپتر مليا.

اسان اَمڙ کي آٿت ڏنو تہ سندس پُٽ ضرور موٽي ايندا. امڙ جِي حالت پُٽن جي نہ اچڻ ڪري ڏاڍِي خراب ٿي ويئِي.

خدابخش اونهو ساهہ کڻِي ڳائڻ لڳو:

”اَمڙ دِل ڌَڪيءَ ۾ رَکُ
تنهنجا سومرا پُٽ ضرور ايندا
امڙ! منهنجِي ماءُ!
دِل نہ لاهِ
تنهنجا سوُمرا پُٽ ضرور ايندا.
امڙ سڪ رک سيني ۾
اڄ نہ تہ سڀاڻي
توکي هوُ ولِي ويندا.
امڙ روئڻ بند ڪر
اَلله تي رک
اڄ نہ سڀاڻي
تنهنجا پُٽ توکي ولڻ ايندا.
راتيون جاڳِي اَمڙ وات پئِي نهاري
هُن جا پُٽ ڪوهہ ڪٽي ويا هُن پار
ڪرڻ واپار
راتون رات سرحد ڪيو هُنن کي هُن پار
امڙ! ساهہ رک سيني ۾
هوُ ايندا هِن پارِ
ورهيہ گذري ويا
اَمڙ جون اکيون آليون
پڻنچن کي ڪيائين پُڪار
تہ مان پنهنجن پُٽڙن سان مِلان
۽ مونکي ولِي هلو هُن پار
اَمڙ کي دِلاسا ڏناسين گهڻا
الله ٻُڌي اسانجِي پُڪار

نڪرندو آهي. مڙس جو پنهنجي زال تي شڪ ته هوءَ ٻئي پرش کي پيار ٿي ڪري، ان سان ناجائز رستو اٿس يا زال جو پنهنجي مڙس تي شڪ ته هن جو ڪنهن ٻيءَ ڇوڪريءَ سان پيار آهي. آفيس ۾ ضروري ميٽنگ جي بهاني يا ٻئي ڪنهن بهاني اُن ڇوڪريءَ سان ڪنهن هوٽل يا ريسٽارنٽ ۾ ويهي پيو مزا ماڻي، ڪائي پيئي ۽ گهر اچي چوندو ته اَڄ خبر ناهي ڇو بُک ڪونهي يا پيٽ ۾ گڙٻڙ آهي. تون ۽ ٻار ڪائي ڇڏيو. ويچاري پتني جنهن پتيءَ لاءِ دلپسند، لذيذ کاڌو پيار سان تيار ڪيو، هيترو وقت انتظار ڪيو سا جهڙو تهڙو اَنمنيو ڪائي، ڏُکي من سان سمهي پوي ٿي. اهو بي بنياد شڪ نه آهي پر ٿي سگهي ٿو اَجايو شڪ هجي. جي شڪ غلط آهي، اَجايو آهي ته گهر ۾ گهڻي ۽ جهڳڙو اُٿپن ٿئي ٿو جنهن ۾ زال مڙس سان ٻارن جي معصوم زندگيءَ تي به بُرو اثر پوي ٿو ۽ سندن من پڙهڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ نٿو لڳي ۽ گهر جو واتاورڻ زهريلو بڻجي ٿو، پر جي شڪ اجايو ناهي، ڳالهه سچي ۽ پڪي آهي ته به گهر جو ماحول ساڳيو آهي ۽ هر وقت ٽينشن رهي ٿو. ڪيترا دفعا نوبت طلاق تائين پهچي وڃي ٿي ۽ ويچارا اَبهم ٻار جيڪي ماءُ پيءُ ٻنهي کي بيحد پيار ڪن ٿا، تن جو من لڏندڙ ٻيڙيءَ وانگر رهي ٿو. ڳالهه ڇا آهي؟ ڪير صحيح، ڪير غلط؟ شڪ جا قصا ٻيا به گهڻيئي آهن. گهر ۾ ڪا شيءِ سون يا پئسا گُم ٿي وڃن ٿا ۽ ڇاهي اهي ڪٿي هيٺ مٿي، هيڏانهن هوڏانهن رکيل هُجن يا ويسر جي مرض ڪري ياد نه پوندا هجن يا گهر جو ڀاتي چوريءَ يا ٻين ڪن بُرين عادتن ۾ مبتلا هجي پر گهڻو ڪري شڪ ويچاري نوڪر يا نوڪرياڻيءَ تي پوي ٿو. ڪيس ڏمڪايو وڃي ٿو. وقتي پوليس ٿاڻي ۾ رپورٽ به درج ڪرائي وڃي ٿي ۽ پوليس جي ٻاران پڇا ڳاڇا سان گڏ ڪيس مار ڪُٽ سهڻي پوي ٿي، جيستائين سچ ثابت ٿئي، ڳالهه جو فيصلو ٿئي تيسين شڪ جو شڪار

شَڪُ

اِندرا ہلديو ہُڏرائڻي، پونو

سياڻن جو چوڻ آهي ته ڪنن ٻُڌي تي گهٽ وشواس ڪجي ۽ اکين ڏٺي تي به ذرا سوچجي ته ڇا اهو ائين ٿي سگهي ٿو؟ شڪ يا اَوشواس من جي هڪ اهڙي اوسٿا آهي جا ڪنهن بنياد تي ٻڌل نه ٿيندي آهِي، اهو من جو هڪ اَهڙو خيال هوندو آهي جو هميشه شڪ ڪرڻ واري کي پريشان پيو ڪندو آهي. هوُ سوچيندي سوچيندي پاڳل ٿِي پوندو آهي ۽ دماغ گرم ٿِي ويندو اَٿس. هو شَڪ جو شڪار ٿِي حقيقت کي ڳولهڻ جِي ڪوشش ڪندو آهي يا ته سندس من ۾ اَجايا سجايا خيال به پئدا ٿيندا اَٿس. وقتي شڪ بي بنياد يا اَجايو نه هوندو آهي ۽ ڳالهه سچِي هوندِي آهي ۽ شڪ پڪ ۾ بدلجندو آهي. شڪ جو ڪندو ڪيترا دفعا رشتن ۾ وڏي ڪئڙاڻ پئدا ڪندو آهي. گهڻيئي زندگيون برباد ڪندو آهي. گهڻيئي ڀيرا اسانکي ائين لڳندو آهي ته اسين پنهنجي ساٿيءَ تي شڪ پيا ڪريون ۽ اهو ڄاڻڻ جِي ڪوشش نٿا ڪريون ته آخر ائين ڇو ٿِي رهيو آهي ۽ اهو ڪڏهن ۽ ڪيئن اسان جي جيون جو حصو بڻجِي پيو! در حقيقت هيءَ هڪ اَهڙي پرتيڪريا آهي جنهن ۾ ڀاونا، ويچار ۽ وهنوار جو ميل آهي. شڪ جي بيمارِي در اصل اوشواس جِي چرم سيما آهي جنهن ۾ انسان. جو جيون پوري طرح پرڀاوت ٿِي ويندو آهي. جيڪڏهن اسين رشتن ۾ ايرکا جِي ڳالهه ڪريون ته چئي سگهون ٿا. ته جتي ايرکا رشتن کي بگاڙي ٿِي ته جيڪڏهن اسين اُتي اگر رچناتمڪ طريقي کي اَپنايون ته اها ايرکا رشتن کي مضبوط پڻ بڻائي سگهي ٿِي.

شڪ جا اهڙا ڪيترائِي مثال ملندا جنهن جو نتيجو اُگرو

ڪندا آهن. ڪين تيليءَ مان ٿنڀ، ڳالهه مان ڳالهوڙو ڪرڻ جي عادت هوندي آهي. اهي ضدي ۽ سمجھوتو نه ڪندڙ اِنسان جي قطار ۾ شامل ڪيا ويندا آهن. اَهڙا انسان ڀاوناتمڪ روپ جي لحاظ کان پڻ ٻين ماڻهن سان ميل نه ڪائي سگهندا آهن. ڪين پنهنجي دوراندیشيءَ ۽ ترڪ تي فخر هوندو آهي. چوڻي آهي ته جهڙي درشٽي تهڙي سرشٽي. سائيءَ جي بيماريءَ ۾ مبتلا مريض کي جيئن هرڪا شيءِ پيلي نظر ايندي آهي تئن شڪي سڀاءَ وارو انسان پڻ هرڪنهن کي شڪ جي نگاه سان ڏسندو آهي. سانجهيءَ جي وقت ڪنهن باغ ۾ اونده ۾ ڪنهن ٻئنچ تي ٻاءُ ٻيڻ وينا ڳالهيون ٻولهيون ڪندا هوندا ته هيءُ شڪي شخص ڪين پريمي جوڙو سمجھي ڍنڍورو پِٽيندو جيستائين سچ ظاهر ٿئي.

عقلمندي ته ان ڳالهه ۾ آهي ته جيڪڏهن اسين ڪنهن پنهنجي ساٿيءَ تي شڪ ڪريون ٿا ته ان جو سماڌان پڻ اسان وٽ ئي مؤجود آهي. سڀ کان پهرين اسانکي اهي ڳالهيون ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جن جي ڪري اسان ۾ شڪ پئدا ٿيو. پوءِ اسانکي پاڻ کان اهو سوال پُڇڻ گهرجي ته انهن ڳالهين ۾ ڪيتري سچائي آهي، ڪيترو وزن آهي. ائين ته ناهي جو اسين پنهنجي ان ساٿيءَ بابت ڪجهه غلط، اُبتو سوچي رهيا آهيون يا ٻئي جي ڀڙڪائڻ تي شڪ پئدا ڪري رهيا آهيون ۽ اسان جو اهو سوچ ويچار اَسانجي رشتن ۾ درار پئدا ڪري رهيو آهي! جڏهن ٻه اسانجي اندر ۾ شڪ جي گنجائش اُتپن ٿئي ته اسان کي پاڻ کي اهو محسوس ڪرائڻ گهرجي ته اسانجو ساٿي اسانکي بيحد پيار ڪري ٿو، اسانجي عزت ڪري ٿو ۽ اسان سان وفاداريءَ جو رشتو اَٿس. شڪ دور ڪرڻ جو سڀ کان سٺو ڪمائتو طريقو، نسخو اهو آهي ته اسين ان پنهنجي ساٿيءَ سان گڏ وِهون، ڳالهيون ڪريون ۽ ڪيس ٻڌايون ته منهنجو سنهنڊ سندس رشتي سان سلامتيءَ ڀريو نه آهي. اسان کي اُن وقت اها خبرداري ڪرڻي

تي من ۾ سوين سوال پيدا ٿين ٿا.

شڪ جي جڙ اوشواس آهي. ڪڏهن ڪڏهن مڙد پنهنجي زال تي شڪ ڪري اُن کي چوي ٿو ته تنهنجي ڪک ۾ پلجندڙ ٻار منهنجو نه آهي ته وري ڪڏهن زال مڙد کي چوي ٿي ته توکي هڪ گهر واري ته ٻي ٻاهر واري آهي، جنهن تي پيو لڪ لُڪائين ۽ اَهڙيءَ طرح ٻنهي جي وچ ۾ شڪ جي ديوار وچي پيئي ڪڙي ٿيندي ۽ سندس گرهست جيون تباهيءَ جي اوڙاه ۾ وڪ وڌائيندو وڃي ٿو. شڪ جا ٻيا به اسانجي سماجڪ جيون ۾ مثال آهن. بعضي ڪنهن عورت جو پنهنجي مڙس ۾ شڪ هوندو آهي ته هوُ ڪانئس پئسا لڪائي پنهنجي ماءُ پيءُ يا ڀاءُ ڀيڻ کي ٿو موڪلي يا پريمڪا تي ٿو لُٽائي يا وري پٽي سوچي ٿو ته پٽني شيون پئسا وغيره پنهنجن پيڪن کي ٿي ڏئي. جڏهن ڀاڄائي پنهنجي ننڍي ڏير کي پيار ٿي ڪري، سندس اونو ٿي رکي، مڙس سمجهي ٿو ته هوءَ ڏير سان تهيل آهي ۽ ڏيري ڏيري زال مڙس جي جيون ۾ درار پوندي وڃي ٿي ۽ جيون جي گاڏي سڌي نٿي هلي.

ڪي ماڻهو بنان سبب شڪ جو شڪار ٿيندا آهن. ان ڪري سندن سماجڪ جيون ۽ ڪاريه کيتر، ٻنهي ۾ ڪافي اثر پوندو آهي. شڪي سڀاءُ وارو شخص سدائين اوشواس سان پيڙت رهندو آهي. کيس اڪثر جوکم جي ڀاونا محسوس ٿيندي آهي. هوُ پاڻ کي سلامت نه سمجهندو آهي. اَهڙا ماڻهو پنهنجين اُميدن ۽ ويچارن کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجن ئي ويچارن تي قائم رهندا آهن ۽ پنهنجي شڪ کي صحيح سمجهڻ لاءِ ڪنهن جي به سچائيءَ تي وشواس نه ڪندا آهن. شخصي سنٻنڌن ۾ اهڙا مختلف خيال جهيڙي کي جنم ڏيندا آهن. شڪي سڀاءَ وارا شخص هر وقت بيحد سڄاڳ رهندا آهن ۽ ڪنهن به ڳالهه کي جلدي اُلٽو سمجهندا آهن. غلطي ڪرڻ جي حالت ۾ پڻ اهڙا اِنسان هڪدم پنهنجو ڏوه قبول نه

وَهڪري جو موڙُ

اِندرا شبنم، پونو

پنجن ڇهن سالن کانپوءِ اڄ انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون. اڄ هو اچڻو آهي. اُهو جنهن جي ساهه سان مون ساهه کنيو آهي، جنهن جون عادتون، پسنديون، سڀاءُ، ويچار منهنجيءَ شخصيت ۾ سمائجي ويا آهن، جنهن جي گڏ هئڻ جي احساس کان مان هڪ پل به آجي نه ٿي سگهي آهيان.

قلمي دوست جي ڪالم ۾ هن جو نالو، ائڊريس پيل هئي. رچنا، منهنجي ڌيءُ، ڊوڙندي مون وٽ آئي ۽ اها ائڊريس ڏيکاريائين ۽ چوڻ لڳي، ”ممي، هن شخص جون پسندگيون بلڪل تو جهڙيون آهن. ساهت ۾ شونق، چترڪلا، قدرت سان پيار، ڳوڙهين وشين جهڙوڪ منووگيان ۽ فلاسافيءَ تي ويچار ونڊڻ، پُراڻن فلمي، غير فلمي گيتن سان پيار ۽ ڳُنڳُنائڻ. ممي، بس خط لکُ ۽ پنهنجي ائڊريس به لِکُ.“

مون رچنا جو ڪن پٽيندي چيو، ”پر هن ۾ عمر ڪٿي لکيل آهي؟“

”اَهڙا ويچار جو رکندڙ هوندو، سو ننڍو ٻار ته نه هوندو. توکي پنهنجا خيال ونڊڻ لاءِ ڪو ساٿي کپي. ڇڏ هاڻ ان ڳالهه کي. ڏس لفافي تي ائڊريس به وجهي ٿي ڏيانءِ.“

هن هڪ خط لکيو، جلد ئي هن جو جواب آيو. بس الائي ڇا ٿيو. ٻنهي طرفن کان خطن جي برسات وسڻ لڳي. ائين پئي لڳو، ڄڻ صدين جو ساٿ هو. ٻه جاڙيون آتمائون هيون، جي وڇڙي مليون هيون.

مونکي ننڍي هوندي کان ئي نرتيه، سنگيت، چترڪلا ۽ ساهت سان پاڳلپڻ جي حد تائين پيار هو. ڇٽائي انعام کٽيا هئم. پر گرئجوئيٽ ٿيڻ سان ئي شادي هڪ سکي سنڌي

آهي، ساوڌاني رکڻي آهي ته پنهنجو غصو بلڪل ظاهر نه ڪريون ۽ ان سان صرف ايترو ٿي ڳالهائڻو آهي ته اسين ان شڪ جي پريشانيءَ کان ڪيئن پار پئون؟ سندس شڪ ڪرڻ جي پريشانيءَ کي سمجهڻ ۽ سندس وشوار جيتڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اسانکي اهو پلي پانت محسوس ڪرائڻ گهرجي ته سندس سنهنڌ اَسان لاءِ ڪيترو قيمتي آهي! جيڪڏهن ائين لڳي ته اسان جو خاص طرح جو ڪو وهنوار اسانجي ساٿيءَ کي پانءِ نٿو پوي، ڪيس غصو ڏياري ٿو ته اسان کي پنهنجو اهو وهنوار بدلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن بدلائڻ مشڪل لڳي ته اَهڙي قسم جو وهنوار تمام گهٽ ڪرڻ کپي. جڏهن به ڪو انجام اقرار ڪريون ته اهو پورو ڪريون ۽ ڪڏهن به اهڙو واعدو نه ڪريون جنهن کي اسين عملي جامو نٿا پهرائي سگهون.

* * * * *

پيرومل مهرچند آڏواڻي
(1875 - 1950)

سدا حيات پيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ۽ مقبول نثر نويس هو. هن صاحب جا ڪيترائي ڪتاب سنڌي اَدب ۾ اهميت واري جاءِ والارين ٿا: (١) سنڌ جو سئلاني، (٢) قديم سنڌ، (٣) لطيفي شعر، (۴) سنڌ جي هندن جي تاريخ (ڀاڱو پهريون ۽ ٻيون).

ساڏنا ۾ گذارڻ لڳس.

اسان جيون جي هر اُڏام ۾ گڏ هئاسين. پر جڏهن مان
هن جي گهرو زندگي، عمر جي باري ۾ ڄاڻڻ جي ڪوشش
ڪندي هئس تہ هو بلڪل خوبصورت انداز ۾ ٽاري ويندو هو.

هُن جا خط، هن جي ٻولي، هن جون ڪويتايون، هن جا
چتر، هن جا خيال، بس مان پنهنجو وجود وساري ويٺي هئس.
مان بيهوش، خماريل، مدهوش، ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ رهڻ لڳيس.

منهنجي ڌيءَ رچنا، هوبهو مون تي ويئي هئي. رنگ روپ،
نزاڪت، ڪلا، ڪلا جي مورتي. هوءَ ڌيءَ کان وڌيڪ منهنجي
ساهيڙي هئي. مون ۾ هوءَ ڀرپور دلچسپي وٺندي هئي. منهنجون
رچنائون پڙهندي هئي. اُتساهہ وڌائيندي هئي. شروع شروع ۾
مون رچنا کي راڪيش جا ٻہ چار خط پڙهي ٻڌايا، هوءَ بيحد
متاثر ٿي هئي ۽ هن جو چهرو ڀڪڻ لڳو. ڏيري ڏيري
الائي ڇو مون کيس خط پڙهائڻ بند ڪري ڇڏيا. ڪڏهن ڪڏهن
مونکي بيحد خوش ڏسي شرارت ڀرين اکين سان پُڇي وهندي
هئي، ”راڪيش جو خط آيو آهي؟“

زندگيءَ کي جيئڻ جو مقصد ملي ويو. ٻن ٻارن کي پالي
وڏو ڪرڻ اڪيلي سر مون جهڙي نازڪ، ڪلپنا جي دنيا ۾
رهندڙ، ٿاڪئين دل رکندڙ کي، حساب ڪتاب، انگ آکڙا ۽ پتيءَ
جي صحبت بنا، اڪيلي زندگيءَ کي سنڀالڻ جو موقعو مليو.
هن جي مٺڙين يادگيرين سان، هن جا لکيل جملا، شعر، ڪهاڻيون
۽ خيالن جي نفاست، اکرن جي چونڊ، بس هروقت هو ۽ هن
جي ڪلپنا. مان خوش رهڻ ڪري ۽ ڪنهن عجيب من مطابق
ماحول ۾ رهڻ ڪري، هونءَ کان وڌيڪ سندر ٿيندي پيئي
وڃان خوب خيال ڪرڻ لڳس صحت، شرير ۽ پوشاڪن جو.

اڄ هوُ اچي رهيو آهي... ڪيئن هوندو؟ عمر؟ قد؟ سونهن؟
پنجن سالن کان گهُرڻ تي فوٽو بہ نہ موڪليائين.

ڪيئن گڏجنداسين؟ رسمي طور؟ ڀاڪر پائي؟ يا مان شايد
بيهوش ٿي وڃان؟

گهر ۾ مائٽن جي ڳولها ۽ پسنديءَ سان ٿي ويئي. منهنجو پتي واپاري هو. بنگلو، ڪار ۽ ٻيا سڀ عيش عشرت جا سامان هڪيا تڪيا حاضر هئا. گهٽتائي هئي ته گيت، سنگيت ۽ ڪلا جي هئي. پتي پئسن ڪمائڻ جي هڪ مشين هو. گهر جي ٻُنهن کي صرف گهرو ڳالهين، رڌڻ، پچائڻ، پرت، زيور ۽ اُن جي ساراهه يا ننداا ڪرڻ جي اختياري هئي. ڳائڻ، وڄائڻ ۽ ٻين ڪلائن کي گهٽتائيءَ واري نظر سان ڏٺو ويندو هو.

منهنجو من ڪومائجي ويو. چنڊ، تارا، گُل، شبنم، پهاڙ، جهرڻا، لئه تال، ويڻا سڀ وسارڻا پيا. مان اُڇايل هئس، دل جي دنيا جي.

وقت گذرندو ويو. ٻه ٻار به ٿيا. گُلڙن جيان پيارا پيارا. منهنجي ممتا جا دلارا، جن منهنجي سخت ٿيل دل جي غمن ۾ نمي ۽ گرمائش آندي. مشيني زندگيءَ ۾ ڪجهه بدل سدل آئي. مان هڏ ماس جي ٿيڻ لڳي هئس. وڏي رچنا ۽ ننڍو آڪاش، انهن جي پيار ۽ شيوا ۾ ڪئلينڊر ڪروٽ بدليندو رهيو.

قدرت کي منهنجو خوش رهڻ پسند نه هو. اچانڪ هڪ حادثي ۾ منهنجو پتي سرڳواس ٿي ويو. هاڻ مان ۽ منهنجي هيءَ زندگي، پتيءَ جو ڪاروبار سنڀالڻ، ٻارن کي وڏو ڪرڻ. ماءُ به مان ته پيءُ به مان.

مان وري خُشڪ ۽ مشين بڻجڻ لڳس.

اچانڪ رچنا، جا اُن وقت چوڏهن سالن جي هئي، اُن راجيش سان خطن وسيلي جوڙي جڏيو.

ڳالهيون، دل جون ڳالهيون، ۽ ائين منهنجو ننڍپڻ، جواني واپس وري آيا، بهار جي مُند اچي ويئي. منهنجي خزان روپي جيون ۾ وسريل گيت ياد اچڻ لڳا. منووگيان ۽ فلاسافيءَ جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ. هوُ هڪ سلو چترڪار به هو ۽ پنهنجا لکيل ڪتاب به هُن موڪليا. منهنجي اندر جو سمهيل ڪلاڪار جاڳي اُٿيو. جيڪو وقت پيو ملي، ڪلا جي

ٻانهن ۾ راڪيش کي جڪڙي ڇڏيو ۽ راڪيش بہ رچنا جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائي نرڙ تي هڪ مِٺي ڏني... منهنجون ٽنگون ڏڏڻ لڳيون، ڪنن ۾ سيٽيون وڄڻ لڳيون، اکين اڳيان اوندهہ، پر الائي ڪٿان همت آئِي جو رنڌڻي واري پٺين دروازي کان ٻاهر نڪري هلِي ويس. منهنجا پير مونکي الائي ڪيڏانهن وٺِي وڃِي رهيا هئا. دنيا کان بي خبر... الائي ڪنهن کان مان ڀڄِي رهِي هُيس، شايد پنهنجو پاڻ کان؟

جنهن شخص جو مون هيترا سال انتظار ڪيو، نس نس ۾ جنهن جو پيار سمائجِي ويو هو، جنهن سان ڏينهن رات هم ڪلام رهندِي هُيس، اهو هِي راڪيش هو؟

هِي سڀ ڇا ٿِي ويو؟ ڪڏهن ٿيو؟ رچنا ڪڏهن کان راڪيش کي چاهڻ لڳِي؟ ڇا هن بہ راڪيش کي خط لکڻ شروع ڪيا هئا؟ ڇا هن کي راڪيش جي عمر جِي خبر هئِي؟ ڇا هوءَ هن جا خط بہ پڙهندِي هئِي؟ راڪيش کي ڪهڙو ڏوهہ ڏيان؟ ڪڏهن بہ تہ اسان ٻنهِي پيار جو اظهار، ڪنهن بہ خط ۾ نہ ڪيو هو. هڪ شخص کي ماءُ ۽ ڌيءُ هيترا سال پيار ڪنديون رهيون! هيءُ ڪهڙي قسم جو ٽڪنڊو؟

شانت چت سان گهر جي باغ واري نل مان منهن ڌوتم. ميڪ اپ چڱيءَ طرح لاٿم. سينڊ وٽ اچن وارن کي ڪارِي پينسل لڳائي هيم، سا بہ اُگهيم، مٿي تي پلئہ وڌم ۽ هڪ پل ۾ پاڻ کي پنهنجِي عمر کان وڏو محسوس ڪيم.

ساڳِي ئِي رنڌڻي جي پٺئين دروازي کان اندر آيس. فرج مان پاڻِي ڪڍي پيتم. آواز ٻُڌي رچنا ڊڪندي ڊڪندي اندر آئِي، ڀاڪر پائي لاڏ ۽ چوچ مان چيائين، ”ممي، تون ڪيڏانهن گُم ٿِي ويئِي هئينءَ؟ ڏس تہ تنهنجو راڪيش آيو آهي!“

مون نمستي ڪئِي ۽... ۽ پختائيءَ سان چيم، ”پُٽ راڪيش، سفر ڪيئن ڪٽيو؟“

* * * * *

مان اڪيلي هونديس؟ رچنا هوندي؟ پپو هوندو اُن وقت؟ ڪم واري مائيءَ کي موڪل ڏيئي ڇڏيان؟ ڌوٻي، مالهي، پاڇين وارا سڀ ته هميشه وانگر ايندا ئي رهندا؟

گڏجڻ وارا هوئڻ ڪان وڌيڪ ضرور ايندا. خاص ان وقت جڏهن هوُ اچي، اُن هڪ پل لاءِ ته مان اڪيلي هُجان، اُهو هڪ پل.

پر ڇا انسان جيڪي چاهيندو آهي سو ٿيندو آهي؟ هرگز نه، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ ته ائين نه ٿيو. اڄ اهڙو ته سڀاڳو ڏينهن هو، جو هرڪو بندو حاضر هو گهر ۾. پپوءَ کي ته ڪنهن ڪم سان ٻاهر موڪليم. نوڪر کي پاڇي وٽڻ لاءِ ۽ مائيءَ کي به اهڙي ڪم لاءِ جو ڪلاڪ ڪن ته نه اچن. ۽ رچنا! هوءَ ڪتاب ڪڍي پڙهڻ جو موڊ ٺاڻي ويٺي رهي. خرچي هٿ ۾ ڏيئي بينا، رينا، ٽينا وٽ وڃڻ لاءِ چيومانس. پر هوءَ ڪنهن به صورت ۾ گهر ڪان ٻاهر پير ڪڍڻ لاءِ تيار ڪانه هئي.

آئيني اڳيان بيهي پنهنجو ڀرپور جائزو ورتم. هلڪو ميڪ اپ ڪيم. ڪن وٽ ۽ سينڌ ۾ ٿورڙا اڇا وار ڇڻ ته مونکي چيڙائي رهيا هئا. ڪاري ڪاجل جي پينسل سان انهن کي ڪارو ڪري ڇڏيم. عمر ڪان گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي ڏهه سال ننڍو ڪيم. گُلابي ساڙهي پاتم، وارن ۾ گُلابي رنگ جو گُلاب لڳايم. پنهنجي سندرتا تي پاڻ موهت ٿيڻ لڳس. مون پاڻ کي اڌ خماريل حالت ۾ پئي محسوس ڪيو.

دروازي جي گهنٽي وڳي. منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي ويئي. ننڍي ٻار جيان گهبرائجي اندرين ڪمري ۾ پيچي ويس جتان پڙدي جي پليان بيهي رهيس. هال سڄو اُتان نظر اچي رهيو هو. رچنا ئي ڊوڙي دروازو کوليو. ٢٤ - ٢٥ سالن جو لنبو، چوڙو، خوبصورت جوان اندر گهڙيو.

”مان راڪيش آهيان.“ هُن وڏو ٽهڪ ڏنو، پر هي ڇا؟ منهنجيون اکيون ۽ ڪن ڇا ڏسي ٻُڌي رهيا هئا؟ رچنا پنهنجين

لڳي. اُس بہ ڏاڍي تکي آهي. هل تہ رڪشا ۾ چڙهون.''

شيلا يڪدم دڪان مان ٻاهر نڪري هڪ رڪشا کي بيهارڻ لاءِ اِشارو ڪيائين. مان جيئن دڪان تان هيٺ لٿس تہ سامهون هڪ ١٣-١٤ سال جو ڇوڪرو شايد اسڪولي شاگرد هو، 'ڊونيشن باڪس' منهنجي اڳيان جهليندي چيو، ''غريب شاگردن جي ڪتابن لاءِ ڪجهہ مدد ڪندا؟''

ڏانهنس نهاريم. سندس آواز ۾ اِلتجا هئي ۽ اکين ۾ اُميد! مون هڪدم پرس کوليو ۽ اندر هٿ وجهي ١٠-٢٠ رپئي جو نوٽ ڳولهڻ لڳس. ايتري ۾ منهنجي پرسان شيلا وٽِي آئي. مونکي پرس ۾ ڪجهہ ڳولهيندو ڏسي، کلي چيائين، ''ڪهڙو نوٽ پيئي ڳولهين؟''

ائين چئي هٿ وڌائي ٥٠ جو نوٽ مونکي ڏيندي چيائين، ''هيءُ کڻي باڪس ۾ وجهہ.''

٥٠ جو نوٽ ڏسي ڇوڪر جون اکيون چمڪڻ لڳيون. مون چيومانس، ''شيلا، تون وجهُہ دان - پيٽيءَ ۾.''

''اڙي يائي، ڳالهہ ساڳي آهي.'' ۽ هُن نوٽ وٺي پيتيءَ ۾ وجهندي منهنجا شڪرانا مڃيا.

تڏهن شيلا چيو، ''منهنجا شڪرانا نہ مڃ. تنهنجي پَرس مان اهو نوٽ ڪِري پيو هو. مون پريان اهو ڏسي رڪشا واري کي چڏي ڏنو ۽ کڻي اچِي توکي ڏنم ۽ of Providence Bank ۾ اڄ مون تولاءِ ٥٠ روپيا Credit ڪري ڇڏيا.''

مان دل ۾ شرمسار ٿِي ويس. مون تہ ١٠ روپئي جو نوٽ پئي ڳولهيو ۽ منهنجي ساهيڙيءَ مونکي ڪيڏي نہ فراخدلي سيکاري!

کلندي چيومانس، ''شيلا، ساهيڙي تہ تو جهڙي!''

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

ساهيڙي نہ تو جهڙي

پروفيسر ايشوريِ جوتوائڻي، پونو

شيلا ۽ مان ايم.جيِ. روڊ جي فوٽ پاٿ تان هلندي هلندي وچِي باٽا جي دڪان وٽ پهتيونسين. دڪان ٻاهران لڳل هڪ شيشي جو ڪٻٽ هو، جنهن ۾ سهڻا سُٺا چمپل نظر اچِي رهيا هئا. مان ڪيترن ڏينهن کان ڪنهن نرم ۽ Comfortable چمپل جي تلاش ۾ هئس. سو ٻئي ڄڻيون دڪان اندر ويونسين. شيلا چوڌرد نظر ڦيرائيندي هڪ هنڌ بيهِي رهِي ۽ پوءِ اشاري سان مونکي سڏي چيائين، ”سامهون ’شيلف‘ تي تمام سهڻا چمپل رکيل آهن. البت مهانگا لڳن ٿا پر توکي شايد تنهنجيِ پسنديءَ وارو چمپل ملي وڃي.“


ائين چئِي اسين ٻئِي اتي رکيل ڪرسين تي ويهِي رهياسين. دڪاندار جو هڪ ڇوڪرو وڏِي اسان وٽ آيو. اسان سامهون رکيل چمپلن ڏانهن اِشارو ڪيو. هوُ منهنجي پير جو نمبر پُڇِي اڳيان وڌِي ويو ۽ ٣-٤ چمپل کڻِي آيو. مون انهن مان هڪڙو چمپل پيرن ۾ پاتو ۽ دڪان اندر ٻہ ٽي وکون کنيم. پير ۾ نرم لڳم ۽ هلڻ ۾ ڪابہ تڪليف محسوس نہ ٿيم. شيلا خوش ٿيندي چيو، ”شڪر توکي چمپل تہ مليو. مان بہ هڪڙو ولِي ٿِي ڇڏيان. وقت تي ڪم اچِي ويندو.“

Salesman کان اگهہ پُڇِي، ڪيس چمپل Pack ڪرڻ لاءِ چئِي مان ڪائونٽر تي پئسا ڏيڻ لاءِ اڳيان وڌِي ويس ۽ شيلا چمپلن لاءِ ترسِي. پَرس مان هزار جو نوٽ ڪڍِي ڪيس ڏنم جو ٦٠٠ روپيا بل هو. مون چيومانس ١٠ جا ڪجهہ نوٽ ڏي. دڪاندار جيئن Change واپس ڪئِي تہ ايتري ۾ شيلا ٻئِي چمپلن جا پارسل کڻِي آئِي ۽ مون پرس کولي پئسا اندر وجهندي شيلا کي چيو، ”ڏاڍي دير ٿِي ويئِي آهي. ڏيڊ تو

هنديءَ ودوانن جي واقفيت ڪرائي ۽ سنڌ ۾ رچيل هندي
ڪاويہ تي روشني وجهندي ٻڌايو تہ ڪيترن سنڌي شاعرن وقت
بہ وقت پارسي، هندي ۽ پنجابيءَ ۾ پڻ ساهت رچنا پئي
ڪئي آهي. ۱۸ ۽ ۱۹ صديءَ ۾ سنڌ جي ڪيترن سنتن
۽ صوفين هنديءَ ۾ ڪافي ڀڳتي ڪاويہ لکيو هو. ڪن مسلمان
سنڌي شاعرن پڻ برج ڀاشا ۾ معياري درجي جي ڪرشن ڪاويہ
جي رچنا ڪئي آهي، جن ۾ روحل ڪويءَ جو 'ڪرشن ساهت'
خاص اهميت رکي ٿو. ان وشيہ تي پنڊت ڪشنچند جيٽليءَ
۽ شري بولچند راجپال جا ليکہ پڻ هنديءَ ۾ شايع ٿيا آهن،
پر اڃا انهن رچنائن جي وڌيڪ اونهي ڇنڊڇاڻ جي ضرورت
آهي، جيئن هندي ساهت ۾ سنڌ جي هندي شاعرن کي جوڳو
استان ملي سگهي.

'بسنت ڪرشڻاين' جي واقفيت ڪرائيندي ڊاڪٽر لڇمڻ
خوبچندانيءَ ٻڌايو تہ ۳ سال اڳ کوجنا ڪاريہ جي سلسلي
۾ جڏهن منهنجو اجمير وڃڻ ٿيو تڏهن مهراج بسنترام جي
ڪن شرڌالن بسنترام جو برج ڀاشا ۾ لکيل ساهت منهنجي
ڌيان تي آندو. هڪ سنڌي ڪوي اٽڪل ۱٦۰۰ صفحن ۾
تُلسي رامائڻ جي طرز تي برج ڀاشا ۾ ڪرشن چرتر بابت
ايڏو وڏو مهاڪاويہ لکي، ان تي خوشيءَ سان گڏ ڪافي عجب
پڻ لڳو. ڪجهہ شنڪائون پڻ جاڳيون پر گرنٿ کي ور ور
ڪري اُٿلائڻ سان برج ڪاويہ ۾ ڪجهہ سنڌي اَثر جي جهلڪ
پڻ ملي. بسنترام جي شش پنهنجي گروءَ جي هندي ۽ سنڌي
رچنائن جي ساهتڪ ڇنڊڇاڻ بابت گهڻي دلچسپي ڏيکاري ۽
اُن جو سمورو ساهت پوني جي ڊيڪن ڪاليج جي سنڌي کوجنا
وڀاڳہ ڏانهن ڏياري موڪليو. مون ان ساهت جي آلوچنا ۽ اونهي
ڇنڊڇاڻ جو ڪاريہ پونا يونيورسٽيءَ جي هندي ودوانن کي سونپيو،
جن کي هن وشيہ جي اپتري تہ اهميت نظر آئي جو هندي
وڀاڳہ جي پرڌان ڊاڪٽر مشر ٻڌايو تہ ان وشيہ تي ڪو سنڌي
يا هندي وديارٿي پي.ايڇ.ڊي. ڊگريءَ لاءِ کوجنا ڪاريہ ڪري

سنڌيِ شاعر پنڊت بسنترام جو هندي مهاڪاويه
’شريِ بسنت ڪرشڻاين‘



سنڌو ڪوجنا ڪيندر پوني جي سهاري هيٺ خاص هنڌيِ ميڙ پونا يونيورسٽيءَ جي هندي وڀاڳ جي پرڌان ڊاڪٽر ڀاڳيرٿ مشر جي زيرصدارت ٿيو، جنهن ۾ پوني جي ڪيترن مرهٽيِ ۽ هندي ساهتڪارن ۽ ڪن وديشيِ ودوانن ڀاڳ ورتو. هيءُ ميڙ خاص طور حيدرآباد سنڌ جي ڀڳت ڪويءَ شريِ بسنترام جي برج ڀاشا ۾ لکيل مهاڪاويه ’ڪرشڻاين‘ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سڏايل هو. ان موقعي تي پونا يونيورسٽيءَ جي هڪ هندي پروفيسر ڊاڪٽر رام نارائڻ موريه ’بسنت ڪرشڻاين جي ساهتڪ ڇنڊڇاڻ‘ وشيه تي مقالو پڙهيو.

شروع ۾ ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ پونا يونيورسٽيءَ جي

(ست سؤ پد) پڻ ساهتڪ درشٽيءَ کان سُٺي معيارِي رچنا آهي، جنهن جي پڻ الڳ ڇندڇاڻ ٿيڻ گهرجي.

ڊاڪٽر موريه وڏيڪ ٻڌايو ته هنديءَ ۾ ڪرشڻ ڪاويه عام طرح گيتن ۽ پدن ۾ ئي ملي ٿو. هنديءَ جي ڪن ڪوين ڪرشڻ بابت پربنڌ ڪاويه لکڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي، جن ۾ هري ائوڌ جو ڪڙي ٻوليءَ ۾ 'پريه پرواس' مڌيه پرديش جي مؤجوده مکيه منتري دوارڪا پرساد مشر جو اوڌي ٻوليءَ ۾ 'ڪرشڻاين' ۽ راجستان جي منڇت ڪويءَ جو ڪاويه (جو اڃا دستخط روپ ۾ آهي) مکيه آهن. دوارڪا پرساد جي ڪرشڻاين (١٩٤٢ع) ۾ مهاڀارت جي راشٽروادي ڪرشڻ جو روپ ورڻن ڪيل آهي. بسنترام جي رچنا جو نالو ساڳيو 'ڪرشڻاين' هوندي پڻ ان ۾ برج ڀاشا ۾ بندرابن جي ڪرشن جو ورڻن ڏنل آهي. ساهتڪ درشٽيءَ کان 'بسنت ڪرشڻاين' هنديءَ جي سڀني ڪرشڻ سنٻنڌي پربنڌ ڪاوين ۾ بهترين ڪاويه ليکجڻ ۾ ايندو. ان وشيه تي وڏيڪ اونهي کوج ڪئي وڃي ته هندي جڳت کي ڏاڍو لاڀ رسندو.''

ڪوِي بسنترام جي ڀائٽئي شري لالچند پنهنجي چاچي کي شرڌانجلي اَرپڻ ڪندي چيو ته، ''جڏهن بسنترام برج ڀاشا ۾ 'ڪرشڻاين' لکي رهيو هو تڏهن سندس ڪيترن ساڌڪن ڪانئس اهو سوال ئي ڪيو ته سنڌ ۾ رهندي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏي، برج ٻوليءَ ۾ ان ڪاويه جي رچنا جي ڪهڙي قيمت رهندي؟ تڏهن بسنترام ٻڌايو ته ڪرشن جو چرتر، ڪرشن جي جنم ڀوميءَ جي برج ٻوليءَ ۾ ئي سهڻو لڳندو ۽ ڪنهن ڏينهن ساهت جا گڻ گراهڪ ان جو قدر ڪندا. مونکي اهو ڄاڻي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته هاڻي سنڌي توڙي هندي ودوانن ۾ ان جي اَڀياس لاءِ دلچسپي وڌي رهي آهي. اُميد اٿم ته جلد ئي ان ڪاويه جو انواد سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ ڪيو ويندو ۽ سنڌي جاتيءَ جي سهڪار سان ان ترجمي ڪرڻ جي ذميواري مان کڻڻ لاءِ تيار ٿيندس.''

تہ بسنترام ڪويءَ کي هنديءَ ۾ تمام اوچو آستان حاصل ٿي سگھندو.

سياپتي ڊاڪٽر ياڳيرٿ مشر، ڪوي بسنت کي شرڌانجلي ارپڻ ڪندي ان جي فوٽي تي ڦول مالھا چاڙھي. ميرا ڪاليج جي پرنسيپال جشن واسواڻيءَ ودوانن جو سواڳت ڪندي چيو تہ، ”ڊاڪٽر خوبچنداڻيءَ جي سر جوشيءَ سان سنڌو ڪوجنا ڪيندر پنھنجي جاتي، ٻولي، ساھت، سڀيتا بابت اوچ اَڀياس ۽ ڪوجنا ڪاريہ ذريعي سنڌي جاتيءَ ۾ هڪ نئون وشواس ۽ نئون اُمنگ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اها اسان لاءِ وڏي فخر جي ڳالھہ آهي جو ڪيترن سنڌ جي شاعرن پارسي، اُردو، هندي ۽ ٻين ٻولين ۾ رچنائون ڪيون آهن. مونکي وشواس آهي تہ هندي ودوانن وٽ سنڌ جي مھاڪوي بسنترام جي ’ڪرشڻاين‘ جو جوڳو قدر ٿيندو.“

هندي پروفيسر ڊاڪٽر موريہ ڪرشڻاين تي مقالو پڙھندي ٻڌايو تہ مان هندي ساھتڪارن طرفان ڊاڪٽر خوبچنداڻيءَ جو شڪرگذار آهيان جو هن بسنترام جو سندر ساھت اَسان جي ڌيان تي آندو آهي. بسنترام اَٽڪل ١٦٠٠ صفحن جو گرنٿ ’ڪرشڻاين‘ ١٩١٧ع ۾ لکي پورو ڪيو ۽ ان بعد ترت ڇالاڻو ڪري ويو. هيءُ گرنٿ ١٩٣٨ع ۾ سندس پوٽلڳڻ حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو. تُلسي رامائڻ وانگر هن رچنا ۾ پڻ ٩ دوار (ڪانڊ) آهن، جن ۾ سڀ کان وڏو ۽ مُکيہ ’گوپي ولاس دوار‘ اٽڪل ٥٠٠ صفحن جو آهي، جنھن ۾ ڪويءَ جي ساھتڪ شخصيت ۽ لياقت چٽيءَ طرف اُڀري بيٺي آهي. بسنترام تُلسي رامائڻ کان ٻہ وڏي آڪار جو ڪرشڻ سنٻنڌي پربنڌ ڪاويہ لکي هندي ساھت جي وڏي شيوا ڪئي آهي. اَدبي نڪتہ‌نگاہ کان پڻ هيءُ ڪاويہ هندي ساھت ۾ وڏي اَهميت رکندو. ڪٿي ڪٿي برج ڀاشا جون ڪچايون نظر اچن ٿيون، جن مان پڻ تصديق ٿي ٿئي تہ هيءَ رچنا ڪنھن غيرهندي ڀاشيءَ جي آهي. بسنترام جي ٻي رچنا ’ستسنگ ستسئي‘

پوني جي مقبول هندي شاعرن ۽ نقادن جن ’بسنت ڪرشڻاين‘ بابت مقالا پڙهيا يا ڳالهايو، تن ۾ مکيه هئا، ڊاڪٽر ديپتي گُپتا، ڊاڪٽر ناگيش شرما، ڊاڪٽر دشرٿراج آسناڻي، مالتي شرما، ڊاڪٽر شريڪانت اُپاڌيايه، پروفيسر ششي پيال، ڊاڪٽر پدما گهورپڙي، گووردن شرما ’گهايل‘، نيلم ڇاٻڙيا، پريا ماٿر، ڪيمن مولاڻي، سروج پارواڻي ۽ ٻيا.

پوني جي لوڪپريه هندي روزاني اخبار ’آج ڪا آنند‘ جي سمپادڪ شري شيام اگروال بيحد خوشي ظاهر ڪئي ۽ مهاڪاويه جي چٽر سان گڏ سماچار شايع ڪيو. ڊاڪٽر سنيل ڪيشو ديوڌر، ڊاڪٽر دامودر کڙسي، پنڊت هري نارائڻ وياس، پروفيسر رجني پاٽري، ڊاڪٽر ڪيشو پرٿموير، پروفيسر س.م. شاهه، هرڪشن سامتاڻي، ريٽا شهاڻي، ٻلديو نرموهي، ڊاڪٽر ليکواڻي، پروفيسر ايشوري جوتواڻي، رتنا گوديا ’رولاڪ‘ ۽ ٻين ڊاڪٽر پريم شرما کي دلي مبارڪون پيش ڪيون. ڊاڪٽر صاحب جي ڌرمپتني مانواري پيڻ اِندرا پريم شرما جو هن ڪاريه ۾ سٺو ۽ ساراهه جوڳو سهڪار شامل آهي.

’بسنت ڪرشڻاين‘ جو پهريون ڀاڱو (ٻن حصن ۾) ٻه ويدانت ۽ ساهتيه پريمين بيحد ساراهيو آهي ۽ ٻئين ڀاڱي جو ڪم ٻه جلد پورو ٿيڻ تي آهي.

سائين سڀاجهو پياري ڊاڪٽر پريم شرما کي سُٺي صحت، وڏي عمر، وشال هرديه ڏيندو جيئن نه صرف هن گرنٿ جو ٻيون ڀاڱو ظاهر ٿيندو پر ٻيا ٻه ڪيترائي سُٺا ڪاريه سمپن ٿيندا.

- سنڌي اَدبي سڀا، پُٽي

* * * * *

سياپتي ڊاڪٽر پاڳيرٿ مشرا پنهنجي ڀاشڻ ۾ ٻڌايو تہ گذريل ٣-۴ صدين ۾ ڪيرلا، آنڌرا پرديش، مهاراشٽر ۽ ٻين ڪيترن پرانتن ۾ پڻ هندي ڪاويہ ۽ ناٽڪن جي رچنا ٿيندي رهي آهي. هن مهل تائين سنڌ جي هندي ڪاويہ بابت اسانکي ايتري ڄاڻ ڪانہ هئي. هاڻي اُميد تہ 'ڪرشٽاين' جي اَيپاس سان اِن ڪاويہ طرف پڻ هندي ودوانن جي دلچسپي وڌندي ۽ مون کي وشواس آهي تہ 'بسنت ساهتيہ' کي هنديءَ ۾ اوچ آستان حاصل ٿي سگهندو. منهنجي نظر ۾ تہ هن وڏي گرنٿ کي هنديءَ جو هڪ وڏو پراڻ ڪري ليکي سگهجي ٿو. اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو سنڌو کوجنا ڪيندر ان وشيہ جي کوج ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهي. اُميد تہ ان ڪيندر جي ڪوشش سان ٻيو ڪيترو سنڌين جو لکيل هندي ساهت نڪري نروار ٿيندو.

(هندستان، سنڌي روزاني، ٦ آڪٽوبر ١٩٦۴ع ۾ ڇپيل)

(ڪونج، ميءَ - جون ٢٠٠٨ع جي مهربانيءَ سان)

سدا حيات پنڊت لالچند شرما جي سُپتر ڊاڪٽر پريم شرما، جو نہ فقط ناليرو وگيانڪ آهي پر پنهنجي ٻولي، سنسڪرتي ۽ ساهتيہ ۾ بيحد دلچسپي رکندڙ آهي. آمريڪا ۾ رهندي بہ سنڌيت لاءِ ساهہ صدقي ڪندڙ آهي.

هن صاحب 'بسنت ڪرشٽاين' جو، سؤلي هندي انواد سان گڏ، ٽن ڀاڱن ۾، لکن روپين جي لاڳت جو پراجيڪٽ هٿ ۾ کنيو آهي. سنڌي ۽ هندي عالمن ۽ اديبن هن مهاڪاويہ جي يوجنا جو خيرمقدم ڪيو آهي. هن گرنٿ جي پهرئين ڀاڱي جو سنڌي ادبي سڀا، پُٽي پاران ٻارهين ڊسمبر ٢٠٠٦ع تي وموچن سماروهہ رکيو ويو. تاريخ پندرهين جنوري ٢٠٠٧ع تي ساڳيءَ سڀا پاران هندي عالمن ۽ اديبن جي ساهتڪ گوشٽيءَ ۾ هن مهاڪاويہ جي انيڪ ساهتڪ گُڻن تي روشني وڌي ويئي. ٻنهي محفلن ۾ ڊاڪٽر پريم شرما ڪتاب جي يوجنا بابت ڳالهايو.

ڏکي، غمناڪ. اُستاد ڪيس پنهنجي پسنديءَ جو تخلص ’ضيا‘ ڏيئي نوازيو، جنهنجو مطلب آهي روشني. هوُ تجلي سان ساهتيہ جي ڪيتر ۾ پڌاريو ۽ مفلسيءَ ۽ بيڪسيءَ جي اونده سان مقابلو ڪندي اڳتي وک وڌائيندو رهيو. ضيا پنهنجي نون شعرن جو مجموعو ’تصوير - ي - اَحساس‘ شايع ڪيو جنهن تي ڪيس سنڌ اَدبي بورڊ جو اِنعام عطا ڪيو ويو. ان مان ۽ سنمان ملڻ سان پرسرام ضيا ادبي دنيا ۾ نالو ڪمايو. هينئر ضيا جا گيت، بيت ۽ شعر ايترا تہ مشهور ٿيا جو ڪلڪتي جي ’هِز ماسٽرس وائس‘ رڪارڊنگ ڪمپنيءَ هن جا گيت، غزل ۽ ڪلام چونديا. هن جا لکيل گيت سنڌ جي ڪيترن ئي گائڪن جيئن تہ ماسٽر پرمانند، ماسٽر مکڻ، ڀڳت مونڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي پنهنجن سُرن ۾ پيش ڪيا پر سڀني کان وڌيڪ جيڪي گانا مقبول ٿيا سي هئا پرسرام ضيا جا لکيل ۽ ماسٽر چندر جا ڳايل. ضيا جي ڪلامن، گيتن کي ماسٽر چندر جو مڌر سُر ۽ آواز مليو، ساڳئي وقت آچاريہ چندر کي دل ڇُهريا گيت ۽ غزل ملندا رهيا. ائين سنڌي جڳت ۾ سنگيت جي لهر گهر گهر ۾ پهتي ۽ اَهڙي نموني ٻہ مهان ڪلاڪار پرسرام ضيا ۽ ماسٽر چندر هردلعزيز بڻجي ويا. ”ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر، خبر هيءَ ڪٿي وڃ عقل جا اَڪابر،“ ”دل هن جي منهنجي هڪ آ، ڏاڍي اسان ٻنهي ۾ سڪ آ،“ ”تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان، پر سهڻا ڪين رهايو تو،“ ”سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون، اهي تير نہ هڻ پل پل تون،“ وغيره نغما سنڌ جي گهر گهر ۾ گونجڻ لڳا. ضيا جي گيتن جا، ماسٽر چندر جا ڳايل رڪارڊ هٿون هٿ وڪامجي ويندا هئا. اَهڙيءَ طرح ضيا ۽ چندر جي جوڙي پهرين سنڌ ۾ ۽ پوءِ هند ۾ بہ بيحد لوڪپريہ بڻجي پيئي.

ضيا ورهاڱي بعد خانہ-بدوشيءَ جي حالت هيٺ ٿاڻئينڪو ٽيڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي. نيٽ ڪلياڻ ڪئمپ - ٣ جي

عوام جو شاعر پرسرام ’ضيا‘

پرنسيپال ٻلديو ٻُڌراڻي، پونو

”ضيا“ عام ۽ خاص ۾ پيارو هو. هُو لڄاري سڀاءَ واو، محبوب طبيعت، ٿورو ڳالهائو ۽ گهڻي ٻُوجهه وارو اِنسان هئو. جيڪا ڳالهه مُک مان چئي نه سگهندو هئو سا قلمبند ڪندو هئو. هو سرشٽيءَ جي سرور جو لاثاني شاعر هئو.“ اهي تُز ۽ صحيح لفظ سنڌيت جي ايلچي سدا حيات پدمشري پروفيسر رام پنجواڻيءَ جنتا جي مقبول شاعر پرسرام ’ضيا‘ بابت چيا آهن. ديش جي ورهاڱي بعد جن سنڌي شاعرن شعر و شاعريءَ جي گُلستان کي گلزار بڻايو، انهن شاعرن ۾ لوڪپريه شاعر پرسرام ضيا صاحب اَهم جڳهه والاري ٿو. هرهڪ گُل ۾ پنهنجي خوشبوءِ ٿئي ٿي. ضيا صاحب لاءِ ائين ڪٿي چئجي ته هُو صاحب عوام جو شاعر هئو ته ان ڳالهه ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.

پرسرام جو جنم هيرانند ٿانورداس سچانندڻي جي گهر ١١ جولاءِ ١٩١١ع ۾ ٽنڊو آدم سنڌ ۾ ٿيو هو. پرماتما ڪيس ننڍپڻ ۾ ئي شاعريءَ جي ڏات بخشي هئي. ڏهن ورهين جي ننڍي عمر ۾ پنهنجا ننڍا ننڍا گيت ٺاهي ولندو هئو. اَهڙا ته شعر لکندو هو جو اسڪول جا ماستر صاحب گهڻو پيار ڏيئي همٿائيندا هئس ۽ اهو شاعريءَ جو شونق اڳتي هلي سندس عادت بڻجي پيو. سنڌ ۾ هُو هڪ پريس ۾ ڪمپازيٽر جو ڪم ڪندو هئو. پريس ۾ ڪيترن ئي مشهور شاعرن جا ڪتاب ڇپجڻ لاءِ ايندا هئا، جيڪي پڙهندي به هن جي شاعريءَ جو شونق وڌندو ويو. اسڪول ۾ ’پرسو‘ جي تخلص سان لکندو هئو. ڪجهه عرصي بعد پنهنجو تخلص ’پرسو‘ مان ڦيرائي ’رنجور‘ ڪيائين. سندس اُستاد ’قاظم‘ کي به ’رنجور‘ تخلص چڱو رنجايو هئو. رنجور جو مطلب آهي رنجيو،

’پلي تي پوهوءَ ماڻ‘ يادگار گيت ۾ ڪيو آهي.

ضيا صاحب ڪيترين ئي سنڌي فلمن جا گيت به لکيا، جن ۾ ’اَباڻا‘، ’انصاف ڪٿي آ؟‘ ۽ ’راڻ ڏياچ‘ مشهور آهن. سنڌي فلم اَباڻا ۾ لکيل ضيا صاحب جا گيت اُن وقت بيحد لوڪپريه ٿيا هئا جئن ڪلياڻ ڪئمپ جي رستن جي دُردشا جو بيان ڪندڙ هيءَ گيت:

”هڪ به ٽي چار، پنجون نمبر ڪئمپ،
ڪڏون ڪوهيا واٽ تي، ٻتي نڪا لئمپ.“

محبوب شاعر ضيا تي صوفي درويش سائين روچلداس جي سنگ ۾ روحاني رنگ لڳو ان ڪري سندس من جو لاڙو اڌياتمڪتا طرف ٿيو. هن صاحب شري سکمني صاحب، شري جپ صاحب، نائين محلي جا سلوڪ، شريمد ڀڳوت گيتا ۽ ڪجهه ويد منترن جو سرل، سُپڪ سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو ڪري سنڌي ڀڳتي ڪاويه ۾ اضافو آندو. ڀيڻ ڀڳونتي ناواڻيءَ پنهنجي مڌر آواز ۾ شري سُکمني صاحب ڳائي پاڻ کي ۽ ضيا صاحب کي امر ڪري ڇڏيو. ضيا صاحب ٻارن کي به نه وساريو. سندس ٻال گيتن جو هڪ مجموعو شايع ٿيو. جنهن تي ڀارت سرڪار جي تعليمي کاتي قومي سطح تي انعام عطا ڪيو.

ضيا صاحب نه صرف شاعر هئو پر عام ماڻهن مان قرب ۽ قبوليت حاصل ڪندڙ گياني، ڏياني، سنت فقير، درويش دل نيڪ انسان هئو. هن ۾ تعليمي لياقت گهٽ هئڻ جي باوجود شاعراڻي قوت ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندڙ هئي. اسڪولن ۾ وڏن درجن ۾ سنڌي پاڙهڻ لاءِ شاگردن جي ڪافي رهنمائي ڪيائين.

سائين ضيا صاحب جيون جو گهڻو حصو غم، بيڪسي، مفلسيءَ ۾ گذاريو. اهو سوز ۽ درد سندس ڪاويه ۾ سمايل آهي جو اسانجي دلين کي ڇُهي ٿو. شاعر ضيا درد جي دوُر جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

”غم سهندي سهندي غم جا هيراڪ ٿي پياسين،

او.ٽي. سيڪشن ۾ دائما طور مُقام حاصل ڪيو ۽ اهو گهر اچا بہ اُتي جو اُتي قائم آهي. ضيا صاحب سنڌ جا وڻ ڇڏڻ وارن جو ذڪر دک ڀريئي لفظن ۾ ڪيو آهي. لڏ پڏاڻ جو درشيہ دردناڪ نموني ۾ 'اباڻا' فلم ۾ ڏيکاريو ويو هئو. اهو گيت بہ ضيا صاحب رچيو هئو ۽ ماسٽر چندر ڳايو هو:

"وطن ڪان جدا ٿِي لڏيندا وڃن ٿا،
پکي باغ پنهنجا ڇڏيندا وڃن ٿا،
هئہ هئہ پکا پراڻا، هئہ هئہ وطن جا ٽاڻا
هئہ هئہ ملا اَباڻا."

لال سائين ۽ يارهين واري پير کي اسين سنڌي مڃيندا آهيون. سنڌياڻين کي نل تي ڪپڙا سٽڻا پوندا هئا تہ انهن جي واتان اَيامڪاريءَ وارن لاءِ چواراياڻين، "يارهينءَ وارو پير کو پُڇندن، لال سائين ڪا اُبتي هٽندن."

ضيا صاحب جي موم دل ۾ غريبن ۽ بيوسن لاءِ هردم اونو هوندو هئو. سنتن ڪان پنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ گهُري مسڪينن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪامنا ٿو ڪري. گهڻيئي سال اڳ اَسانجو روحاني رهبر پرم پوجنيہ ساڌو ٽِي. ايل. واسواڻِي صاحب ڪلياڻ ڪئمپ ۾ شرڻارٿين کي آٿت ۽ آشيرواد ڏيڻ لاءِ آيو هئو. تڏهن ضيا اُن جو سواگت ڪندي ڪيس عرض ڪيو هئو،

"هڪ دفعو سنڌونگر جا گهر گهُمِي دلدار ڏس،
فاقہ هستين، بدنصيبن کي هلِي هڪوار ڏس،
اُت، اُتِي ساڌو سچا سرڪار کي سمجهاءِ تون،
شاهوڪارن جون ٺجوڙيون هِٽ اچي کولاءِ تون."

رشين، منين، درويشن، فقيرن جي پوميِ سنڌ جي جدائيءَ جي درد ۽ هتي سنڌين جي دردشا ۽ ذلت جو اظهار جنهن نموني دل جي درد سان جنتا جي شاعر ضيا صاحب ڪيو آهي، اهڙو ڪنهن ٻئي ورلي شاعر ڪيو هوندو. ان وقت ماڻهن جي دردناڪ دشائن، سياسي حالتن ۽ شرنارٿين جي دک دردن جو دل چيريندڙ ذڪر ضيا صاحب 'پئغام ضيا' ڪتاب ۾

ڏياريءَ جي شُڀ ڏڻ تي اسين خوش ٿي مٺايون کائون
ا، نوان ڪپڙا پهريون ٿا، ڦٽاڪا ٻاريون ٿا، مؤجون ماڻيون
ا. پر جنتا جي شاعر ضيا صاحب جي نظر غريبن جي قياس
جوڳي حالت ڏانهن ڊوڙي وڃي ٿي. ان ڏينهن جو جيڪو
چتر هن شاعر چٽيو آهي، سو بيشڪ تحسين جوڳو آهي.

”روشني آهي اَميرن لئه، غريبن لئه اُماس،
ديپ مالا سان سندس دل کي جلايو ٿو وڃي.“

حقيقت ۾ اسين سڀ هن سنسار روپي مسافرخاني ۾ سيلاني،
ٽجارا آهيون. اسانجو اصلوڪو وطن هيءَ نه آهي، اسين مايا
جي چڪرويوهه ۾ ڦاسجي الک ڌام کي وساري ويٺا آهيون.

عام جنتا جا روز مره جا مسئلا، اُمنگ ۽ اَنيؤ شاعراڻي
نموني پيش ڪري سائين ضيا عوام جو هردلعزيز شاعر بڻيو.

اسانجو لوڪپريه شاعر سائين ضيا صاحب ۴۷ سالن جي ننڍڙي
عمر ۾ ۲۸ آڪٽوبر ۱۹۵۸ع ۾ اسانکي جُدائيءَ جو گهاءُ ڏيئي
غيب ۾ غائب ٿي ويو. ضيا صاحب سادگي، نياز، نوڙت، محبت
جو مجسم هئو. ضيا صاحب جي سُپُتر شري نارائڻ کي ڌنيواد
آهي جو پنهنجي پتا جو باقي ڪلام ڇپائي جس جو ڀاڳي
بڻجي رهيو آهي. اَبو دابي (U.A.E.) ۾ رهندڙ سندس ٻيون
سپتر شري ناري ’ناچيز‘ پنهنجي ڪوتا ’ضيا ڪٿي آهي؟‘
۾ چمڪندڙ تارن کان سائين ضيا جي باري ۾ ٿو پڇي:

”ٻڌايو چمڪندڙ تارا، دلبر ڪٿي آهي؟
ڪسيو جنهن کي سيني کان سو رهبر ڪٿي آهي؟“

سنگيت آچاريه ماسٽر چندر قربدار ضيا جي باري ۾ چيو،
’ضيا صاحب وڏي شخصيت جو مالڪ هو پر سدا سهاجهو،
ماٺو ۽ لڄاري سڀاءَ وارو شخص هئو. سندس ڪاويه ڪيتر ۾
ڪيل شيوائون بي نظير آهن.“

”وسارڻ سان نه وسرن ٿيون، مٺي منٺار جون ڳالهيون،
سدائين ياد سي رهنديون، محبت پيار جون ڳالهيون.“

عوام جي دلاري شاعر سائين پرسرام ضيا صاحب جي ورسي

ڪهڙي خوشي پُڇو ٿا، غمناڪ ٿي پياسين.“

مفلسيءَ ۾ رهندي به سدائين مشڪندو رهيو، جيون مان نراس نه ٿي، مانجهي مڙس بڻجي مصيبتن جو مقابلو ڪندو رهيو. سندس شعر مان آشاوادي نظريو ظاهر آهي،

”نراشا نرٻلن جي آ، ’ضيا‘ ٻلوان جي آشا،
جو ناممڪن اڪر آ، اهو ممڪن بڻائيندس.“

ضيا صاحب خوددار شخص هئو. پنهنجي شعر ۾ غريبن، بيروزگارن، وچولي طبقي وارن جي نراشائن، عقوبتن، ناڪامياٻين جو اهڃو ته دل پذير بيان تو ڪري گويا اهي سڀ گهٽنائون سندس ئي ڀوڳيل ۽ سَٺل آهن. دل ۾ ايترو ته گهرو درد سمايل اَٿس جو پرماتما کي به شڪايت ٿو ڪري ته،

”خوشي ڏيندين ته خوش رهبو،
جي غم ڏيندين ته پيو سهبو.“

هتي ”سهبو“ لفظ پرماتما ڏانهن شڪايت جو پرتيڪ آهي ته سهڻ ڪانسواءِ بيو ڪو چارو ئي ڪونهي، سهڻو ئي پوندو ۽ ضرور سهبو. آشاوادي شاعر سائين ضيا صاحب چوي ٿو،

”رنج ۾ راحت اچي، فِرقت ۾ فرحت اَچي،
مان اُهو ئي آهيان، جنهن کي درد ۾ لذت اَچي.“

ڏيتي ليتي اسانجي سماج ۾ هڪ ڪهنو مرض آهي، ٻرندڙ مسئلو آهي جنهن ڪري ڪيتريون ئي وڏور نياڻيون ڪنواريون رهجي ٿيون وڃن. ان سبب ئي هڪ نياڻي آتم هتيا ڪري ٿي. ان اٻلا جي دل جا اَحساس ضيا صاحب پنهنجي شعر ”ڌيءُ جو پيءُ ڏانهن خط“ ۾ دلسوز نموني چٽيا آهن:

”اي منهنجا پيارا پتا، اَڄ موڪلائي ٿي وڃان،
موت کان اڳ مري، مُنهنڙو مٽائي ٿي وڃان،
سؤ سوا تنهنجي ڪمائي، پر گهرن ماڻهو هزار،
سوارٿي سنسار کان دامن بچائي ٿي وڃان
دانهن داور کي ’ضيا‘ ڏيندس اوس اَنياءَ جي،
اَڄ سيٻئي فرياد، سيني ۾ سمائي ٿي وڃان.“

سدا حيات اُردو شاعر ۽ گيتڪار
ساحِر لُڌيانوي

بلديو 'نرموهي'، پونو

- دُنيا نَي تَجُربات - او - حَوادِس ڪي شَڪل ۾
  جو ڪُجهه مُجهي ديِيا هئہ وو لوٽا رَها هُوں مَئِن
- اَشڪون ۾ جو پايا هَئِہ وو گيتون ۾ ديِيا هَئِہ
  اِس پَر ڀِي سُنا هَئِہ ڪِہ زماني ڪو گِلا هَئہ

اَهڙا لاجواب شعر لکندڙ ساحر لُڌيانوِي جو جنم 18 مارچ
192ع تي لُڌيانا ۾ هڪ زميندا ڪُٽنب ۾ ٿيو. سندس پتا جو نالو
جوڌري فضل محمد ۽ ماتا جو نالو سردار بيگم هو. ساحر پنهنجي
ماتا - پتا جو سڪيلڌو ٻار هو. سندس پتا ۾ سڀ گُڻ - اوُگُڻ موجود
ئا. ان ڪارڻ هو پنهنجِي ڪافِي جائداد وڃائي ويٺو. ساحر
جي ماتا پنهنجي پتيءَ کي گهڻو ئِي سمجهايو ۽ آخر ۾ هارائي،
انئس پنهنجو پَلوَ آزاد ڪرائي، ڇهن مهينن جي ساحر کي
ٽِي، پتيءَ جو گهر ڇڏي، پنهنجي پاءُ جي گهر هلِي ويئِي.

ساحر جِي شروعاتِي پڙهائِي مالوا جي خالصا ڪاليج ۾ ٿِي.
منجهس ڏارمڪ ڀيد - ڀاءُ ڪونہ هو. ڪيس سڀِي گُرباڻِي ياد هئِي.
مئٽرڪ ڪانپوءِ هو لُڌيانا جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ پڙهيو جتي
سندس سنبنڌ اِسٽوڊنٽس فيڊريشن سان جُڙيو ۽ منجهس راڄنيتڪ
سُوجهہ پيئِي. B.A. جو آخرين سال هو لاهور جي ديالسنگهہ ڪاليج
۾ پڙهيو جتي ڪيس اِسٽوڊنٽس فيڊريشن جو پرڌان چونڊيو ويو.

سوتنترتا جِي لهر ۽ راڄنيتڪ هلچل جي ڪارڻ سندس سڄو
سال برباد ٿِي ويو ۽ B.A. جِي پڙهائِي پوري ڪرڻ بِنا ئِي
ساحر ڪاليج ڇڏي، اُردوءَ جي مشهور ماهوار پترڪا 'اَدب - اي - لطيف'
جي سمپادڪِي وڀاڳہ ۾ شامل ٿِي ويو. اُن ڪانپوءِ ڪجهہ عرصو
هو 'شاهڪار' ۽ 'رَڪويرا' جو سمپادڪ بہ ٿِي رهيو.

۲۸ آڪٽوبر تي ملهائِي ويندِي آهي. سندس پوتر ياد ۾ اُلهاسنگ
۽ ٻين شهرن ۾ ڪيترن هنڌن تي سندس نالو رکيو ويو آهي
اهڙي اعليٰ آتما کي منهنجو وارون وار پرڻام آهي. نمسڪا
آهي! تحقيق -

”شاعر پيارو سڀ جو، جنهن کي خدا ڪري،
شاعرِي آ ذات رب جِي، جنهن کي عطا ڪري.“

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

پرمانند ميوارام (1856 - 1938)

سدا حيات پرمانند ميوارام سنڌِي ٻوليءَ جو ناميارو ۽ مقبول ليکڪ هو. هن صاحب انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ٻه ڊڪشنريون ٺاهيون جيڪي اڄ ٻه بهترين ڳڻيون وڃن ٿيون.

’جوت‘ ساهتڪ رسالي ۾ سهڻي سنڌِي ٻوليءَ ۾ گنڀير وشين تي لکيل سندس ليک چِپيل آهن. هن صاحب جا ٻيا مشهور ڪتاب آهن: ’دل بهار‘، ’ڪرسٽ جي پيروِي‘ ۽ ’گُل ڦُل‘.

سندس لکڻين جي عبارت اثرائتي هئڻ ڪري هِي پنهنجن پاڙڪن ۾ بيحد پيارو هو.

ساحر پاڻ کي بنجارو سمجهي لکي ٿو :

پَل دو پَل کا ساٿ همارا، پَل دو پَل کي ياري
آج رُکي تو کَل کَرني هئہ چَلني کي تئياري

هن زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي بيحد خوبصورتيءَ سان پنهنجو قلم هلايو آهي. هڪ ٽَڪل - هارايل اِنسان کي همٿ ڏيندي چوي ٿو :

راهہ کي راهِي رُڪ مَت جانا، صُبح کِي مَنزِل دوُر نَهين
ڍَلتا دِن مجبوُر سَهِي، چڙهتا سوُرج مَجبور نَهين

هڪ ساز جي دل جي ڪيفيت ڏسو ڪهڙي نہ دلڪش انداز ۾ پيش ٿو ڪري :

جو تار سي نِڪلِي هَئہِ وو دُھن سَب ني سُنِي هَئہِ
جو ساز پي گُذري هئہِ وو ڪِس دِل ڪو پَتا هَئہِ

زندگِي ڪهڙيءَ طرح بسر ڪرڻ گهُرجي اِن باري ۾ چوي ٿو :

جيئو تو اَئسي جيئو، جَئسي سَب تُمهارا هَئہِ
مرو تو اَيسي ڪِہ جَئسي تُمهارا ڪُڇ ڀِي نَهين

ڪنهن اِنسان جي روئڻ ۾ جڏهن بيو انسان روئڻ جو ڍونگہ ٿو ڪري تڏهن سندس قلم مان هي شبد نڪرن ٿا :

ڪؤن روتا هَئہِ ڪِسِي اَوُر کِي خاطِر اَءِ دوست!
سَب ڪو اَپني هِي ڪِسِي بات پي رونا آيا

پنهنجي تن جو سؤدو ڪندڙ عوُرتن کي ڏسِي بيحد ڏکِي ٿي چوي ٿو :

عوُرت ني جنم ديا مردون ڪو، مَردون ني اُسي بازار ديا
جَب جِي چاها مَسلا ڪُچلا، جَب جِي چاها دُتڪار ديا

جڏهن سندس غمن جو بوجهہ ڀاري ٿِي ٿو وڃي تڏهن خُدا سان شڪايت ڪندي چوي ٿو :

تيرِي دُنيا ۾ جيني سي تو بهتر هَئہِ ڪِہ مَر جائين
وَهِي آنسوُ وَهِي آهين، وَهِي غَم هَئن جِدر جائين

سندس اِها مايوسِي ۽ بيوَسِي، سندس پريمڪا کان سَٽي نٽي

سوتنترتا پراپتيءَ وقت ساحر بمبئيءَ ۾ هو. هن هندستان کي پنهنجو ملڪ بڻايو.

سن 1948ع ۾ ساحر دهليءَ مان اُردو ماهوار پترڪا ’شان راه‘ جو سمپادڪ بڻيو ۽ گڏوگڏ سردار گُربخش سنگهه جي پترڪا ’پريت لڙي‘ جي سمپادڪ جي جوابداري به سنڀالي. سن 1949ع ۾ بمبئيءَ ۾ اَچي دائمي طور هو فلمي دنيا سان جُڙي ويو.

گرودت جي فلم ’بازي‘ سندس پهرين فلم هئي جنهن ۾ سندس لکيل گيت بيحد لوڪپريه ٿيا.

ساحر جو پهريون ڪاويه سنگره ’تلخيان‘ لاهور مان شايع ٿيو جنهن جا ويهن کان وڌيڪ ڇاپا ظاهر ٿي چُڪا آهن. سندس غزلن ۽ گيتن جي شايع ٿيل ڪتابن مان ڪجهه مُکيه آهن - ’پرڇائيان‘، ’آئو ڪوئي خواب بُنين‘، ’گاتا جائي بنجارا‘، ’ميري گيت تمهاري هئن‘ وغيره.

سن 1991ع ۾ڀارت سرڪار کيس ’پدمشري‘ جي اُپاڌيءَ سان سنمانِت ڪيو. سن 1972 ۾ ’آئو ڪوئي خواب بُنين‘ تي کيس سوويت لئنڊ نهرو اوارڊ، اُردو ائڪيڊمي اوارڊ ۽ مهاراشٽر راجيه سرڪار پاران اوارڊ عطا ٿيا. سندس ڪتابن جا انواد ڪيترين ئي وديشي ڀاشائن ۾ شايع ٿي چُڪا آهن. ڪشمير جي ڦهاڙيءَ ۾، ڀارت - پاڪ سيما وٽ، هڪ فوجي چوڪيءَ کي ساحر جو نالو ڏنو ويو آهي.

ننڍپڻ ۾ پتا جي پيار کان وانجهيل ساحر، جوانيءَ ۾ پريمڪا جي ساٿ کان به محروم رهيو. سندس پريمڪا کيس ڇڏي ٻئي سان شادي رچائي. حالتن سان لڙندي - لڙندي سندس قلم مان هيءُ شعر لکجي ويو :

حالات سي لڙنا مُشکل ٿا، حالات سي رِشتا جوڙ لِيا
جِس رات کي ڪوئي صبح نهين، اُس رات سي رِشتا جوڙ لِيا

سندس لکيل گيتن جي ڪجهه مشهور فلمن جا نالا آهن - پياسا، ڌُول کا ڦُول، ساڌنا، هم دونون، ڦِر صبح هوگي، ڪَڀي ڪَڀي، گُمراهه، هَمراز، ڌُنڌ، ڪاجل، آدمي اوُر اِنسان، وغيره.

اُنکا غم، اُنکا تصوُر، اُنکي شِکوي اَب کھان
اَب تو يي باتين پِي اء دِل! هو گئين آئِي - گئِي
غم سَھِي سَھِي، نراش ٿيل اِنسان جي زبان مان لفظ نڪرن ٿا :
حيات ايک مُستقل غم کي سِوا کُڇ پِي نهين شايد
خوشِي پِي ياد آتِي هَئہ تو آنسوُن بَنکي آتِي هَئہ
سندس لکيل فلمِي گيت ۽ غزل ساهتيہ جي ڪسوٽيءَ تي بلڪل کرا آهن.
اَهڙا انيڪ گيت ۽ غزل لکندڙ هردلعزيز، هر فن مؤلِي، وشال هرديہ، کُلئي دماغ واري شاعر ۽ گيتڪار ساحِر لُڌيانوِي جو ديهانت 25 آڪٽوبر 1980ع تي ٿيو.
مان کيس شرڌانجلِيءَ جي روپ ۾، ڏُکِي ۽ نراش اِنسان کي سنديش ڏيندڙ سندس هڪ گيت پيش کريان ٿو :

پونڇکَر اَشق اَپنِي آنکون سي
مُسکرائو تو کوئِي بات بني
سَر جھُکاني سي کُڇ نهين هوگا
سَر اُٺائو تو کوئِي بات بني

هن عظيم شاعر کي سؤ - سؤ سَلام.

* * * * *

پوني جا سدا حيات عالم ۽ اَديب :

پنڊت ڪشنچند جيٽلي، ڪاڪا سنتداس پنھومل ڪشناڻِي، ڀاءُ ديِن ديال وشوَ پريمِي، دادا لوکرام ڏوڏيجا، ڊاڪٽر ارجن بجلاڻِي، دادا موهن لال شهاڻِي، دادا چيتنرام آسناڻِي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻِي، شري نٿر رامچنداڻِي، پرنسيپال وندرِي هيرانانداڻِي، سُگداسِي چانورَن کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ نہ هئا.

وچي ۽ هوءَ سندس هٿ پڪڙي، ڏاڍي پاٻوهه سان کيس ڌيرج ڏيندي چوي ٿي :

تُم اَپنا رنج - او - غَم، اَپني پريشاني مُجھي دي دو
تُمھين دِل ڪي قسم، اِس دِل ڪِي ويراني مُجھي دي دو

ساحر زندگيءَ کي پنھنجيءَ نظر سان ڏسي ٿو :

لي ديڪي اَپني پاس، فقط اِڪ نَظر تو هَئِہ
ڪيون ديکين زندگي ڪو، ڪِسيڪِي نظر سي هَم

پريمڪا کي خاموش مگر بيچئن ڏسي چوي ٿو :

چِپا - چِپاڪي خاموشِي مِہ اَپني بيچئني
خود اَپني راز ڪي تَشھير بَن گَئِي هو تُم

پنھنجي وِت آهر پنھنجي جوابداري پوري ڪندي چوي ٿو :

مانا ڪِہ اِس زمين ڪو نَہ گُلزار ڪر سَڪي
ڪُڇ خار ڪَم تو ڪر گَئي، گذري جِڌر سي هَم

پريمڪا جي بيوفا ٿِي وڃڻ تي چوي ٿو :

وو راهين ذهن مِہ گهوُمتِي هَئِن، جِن راهون سي آج آيا هوُن
ڪِتني اُميد سي آيا ٿا، ڪِتنِي مايوسِي لايا هوُن

خالي دبا ۽ خالِي بوتلون وڪڻڻ واري اِنسان جي زبان مان هِي لفظ نڪرن ٿا :

خالِي ڏَبا، خالِي بوتل لي - لي ميري يار
خالِي سي مت نفرت ڪَرنا، خالِي سَب سنسار

هزارين ڪوشش جي باوجود جڏهن پريميءَ جي پٿر دل نرم نٿِي ٿئي تڏهن روئڻهارڪي انداز مِہ پريمڪا کيس چوي ٿِي :

جِسي تو قبول ڪَر لي وو اَدا ڪهان سي لائون
تيري دِل جو لُيا لي وو سَدا ڪهان سي لائون

هڪ اَناٿ، اَبهم، ننڍڙي ٻار کي چوي ٿو :

تو هندو بنيگا نَہ مُسلمان بنيگا
اِنسان ڪِي اوُلاد هَئِہ، اِنسان بنيگا

پريمڪا کان وڇڙيل پريميءَ جي دل جو داستان بيان ڪندي چوي ٿو :

ديپتيءَ اُتساهه وچان چيو، ”بس لهرن جو اهو ئي ته سندر
م آهي. تو لهرن جي گُونج نه ٻُڌي آهي؟ ڪناري سان ٽڪرائي
ڏهن واپس ورنديون آهن اهي لهرون... ڪيتري نه [illegible] هوندي
ي سندن گونج!“
”ڏس ديپتي، مونکي بيزار نه ڪر. مونکي تنهنجون اهي لهرون
لهرن جي گُونج متاثر ڪري نه سگهنديون. شاعراڻي دِل تو
يان مون وٽ ڪانهي. اهي سڀ سُکي دل جا شغل آهن. منهنجي
ن ته آهي ٽوٽ زمين مثل، جتي ڪڏهن سُک جي کيتي ٿي
ي سگهي.“ ائين چوندي پريتيءَ جو آواز لرزي اُٿيو.
ديپتيءَ ناراض ٿيندي چيس، ”مونکي ته لڳندو آهي ته پنهنجي
ک جي دشمن تون خود پاڻ آهين. مونکي تنهنجي ويچارن سان
ود آهي. تون ماضيءَ کي جوڙَ وانگر چنبڙي پيئي آهين. پاڻ
ي آزاد ڪرڻ ئي نٿي چاهين ۽ ماضيءَ جا ڏنگ سهندي ٿي
ين. سَهندي رهه. تنهنجي مرضي. هرڪو شخص آزاد آهي.
يئن به سوچي... جيئن به پنهنجي زندگي هلائي. هڪ پيالي
زهر ڀريل هُجي ۽ ٻئي ۾ امرت... پر ڄاڻي واڻي، سمجهي
وچي ڪير زهر پيئڻ چاهيندو، ته پيئي. پر ياد رکج منهنجا
ر پريتي، جيستائين ماضي نه وساري ڇڏيئي، تيستائين شانتي
ڪانه ملندءِ. چڱو سکي، اُلجهي رهه پنهنجي پُراڻي زندگيءَ ۽
هنجن انهن ڪتابن جي ڍير ۾.“
ديپتيءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ پريتيءَ وري پنهنجو منهن ڪتاب
وڌو ۽ ڌيان سان چيپٽر پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، جنهن
ٻئي ڏينهن ڪيس ليڪچر ڏيڻو هو. پر هر هر ڪتاب مان
پتيءَ جو چهرو نظر پئي آيس ۽ ڪنن ۾ اکر پئي ٻريس، ”جيستائين
ضي نه وساري ڇڏيئي، تيستائين شانتي ڪانه ملندءِ.“
پريتي انهيءَ خيال کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪندي من ۾
ڪيو، ”جنهن تن لاڳي، سو تن ڄاڻي. جيڪو حالتن مان گذريو
ندو، تنهنکي ئي سُڌ. ٻيو ڪير ڪنهن جي درد کي ڪيئن
محسوس ڪري سگهي! پيدا ٿيڻ ڪانوڻي اڄ ڏينهن تائين مونکي

ٽوٽ زمين

تارا ميرچنداڻيِ، پونو

هيڪڙيل دروازو ٽورو کولي ديپتيءَ پنهنجيِ سِسيِ اندر کندي
مٺي آواز ۾ پُڇيو، ”مان اندر اچيِ سگهان ٿيِ؟“
پريتيءَ ڪتابن جي ڍڳ کيِ هٽائي اُنان ئيِ وراڻيو، ”اڙي،
ديپتيِ تون! واه، اڄ ڪٿان سج اُڀريو آهي.“
پريتيءَ کي لڳو تہ ديپتي جي دروازي تائين پهچڻ سان ئيِ
سندس ڪمري ۾ هڪ سيتل لهر گهميِ ويئيِ هئيِ.
پريتيءَ وريِ چيو، ”اڇ، اڇ، منهنجيِ پياريِ سکيِ. تون ئيِ
تہ هڪ آهين جا منهنجيِ پنهنجيِ آهين. منهنجي دل جو تار
آهين.“
ديپتيءَ اندر اچيِ ڪرسيِ سيري سندس ير ۾ وهندي چيو،
”هنن ڪتابن مان بيزار ڪانہ ٿيِ ٿين؟ هيڏا پوٿا ڏسيِ منهنجو
تہ جيڪر جيءُ ئيِ گهبرائجيِ وڃي. نہ ڄاڻ تنهنجي دماغ ۾
هيِ سڀ فيلسوفيءَ جا پُستڪ ڪيئن ٿا ڳُسيِ وڃن.“ ۽ پوءِ وريِ
حجت وچان چيائينس، ”اڄ هَلُ تہ گنگا جيءَ تان گهُمي اچون.“
”ڇا هليِ ڪنديونسين اُتي؟“
”لهرون ڳڻينديونسين.“ ديپتيءَ کلندي چيو.
”تون ئيِ وڃيِ لهرون ڳڻ. مونکي فرصت ڪانهي. مونکي سڀاڻي
لاءِ ليڪچر تيار ڪرڻو آهي.“
”ليڪچر پوءِ تيار ڪج. ڏس، ڪيترو نہ سهاونو سمو آهي.
هن وقت ئيِ تہ لهرون موُج ۾ هونديون آهن.“
پريتيءَ طنزيِ نوع ۾ چيو، ”ها، برابر. هڪ لهر ايندي،
ڪناري سان ٻاڻُ ٽڪرائي واپس ويندي. ٻي لهر ايندي... پوءِ
ٽين ۽ چوٿين. اها ڪريا ۽ پرتيڪريا جاريِ رهندي... ڏسندڙ
ٿڪجيِ پوندا پر... پر لهرون نہ ٿڪبيون.“

نهنجي سازيندڙ اکرن سان سڀ برابر ڪري ڇڏيندي هئي.
ريتي خوش هوندي هئي ته صرف پنهنجي اسڪول ۾. پڙهڻ
پڙ هئي. سڄي ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندي هئي. ڪلاس
مانيٽر هئي. آواز به روبدار هوندو هوس. گهر ۾ جيڪي
ءُ جون ڇڙٻون سهي ايندي هئي تن جي ڪسر اچي اسڪول
ٻارن مان ڪڍندي هئي. فوٽ پٽي ڪٽي ننڍي وڏي غلطيءَ
ء ٻارن کي تريءَ تي هڻندي هئي. ٻار سندس دانهن ڪندا
هئا ته ٽيچر ڪن لاٿار ڪري ڇڏيندي هئي. پريتيءَ جو
لپڻ ٻن روپن ۾ گذريو. گهر ۾ ٻلي ۽ اسڪول ۾ شيرڻي.
زندگي پنهنجي چال سان گذرندي رهي. ٻئي ڀينر پنهنجي
نهنجي مُهڙ وڏيون ٿينديون رهيون. ننڍڙيءَ کي ماءُ جي اٿاهه
ڏ ڪاري ٻُهر ڪري ڇڏيو هو. جيڪي طلبي سو تيار. سونهن
به پنهنجو مٽ پاڻ هئي. ماءُ فخر ۾ پيئي ڇڄندي
ئي. مڙس کي ٽوڪي چوندي هئي، ”پهرينءَ جا ڏنئه؟ ’ڪارنهن
و ڪُنو‘ ۽ مون توکي ڏنو آهي ’گُلاب جو گُل.“
پيءُ کي گهر ۾ شانتي کپندي هئي، سو سڄو بار زال
ي رکي پنهنجي ڪم ڏنڌي ۾ ئي رُڌل رهندو هو.
ڏينهون پوءِ شينا ويئي پي ضدي ٿيندي. طبيعت جي به
زڪ هئي. اکر نه شل ڪير چويس. بس گنگا جمنا چالو
پوءِ بخار اچڻ لڳندس. بخار آيو ته جلد لهندو ڪونه. پوءِ
اڪٽر... دوائون ۽ اسپتال جا چڪر. پيءُ جي اڌ ڪمائي
شينا لاءِ سوغاتن ۽ ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي پٺيان ڊُف ٿي
ندي هئي... ۽ پريتي... ريڙهي پيڙهي ڪاليج تائين پهتي.
ي جهڳڙي B.A. پاس ڪيائين. B.A. ڪانپوءِ جڏهن پريتيءَ
M.A ڪرڻ چاهي ته ماءُ ورونڌ ڪندي چيو ته هوءَ ڪاليج جا وڌيڪ
رچ پري نه سگهندي. ماڻس رپين جو ڪو کوهه ڪانه کوٽي
ي ويئي هئي.
پريتيءَ جي شاديءَ جي ڳالهه ٻولهه هلي. چوڪري وارن ڏاج
يوڻ ڪانسواءِ ڏهن هزارن نقد جي به گهُر ڪئي. پر ماءُ

حقارت ڀري زندگيءَ کانسواءِ مليو ئي ڇا آهي؟"

پريتيءَ کي ليڪچر ضرور تيار ڪرڻو هو. هن وري پنهنج
خيالن کي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پورو ڌيان ڪتاب طر
لڳايو. اڌ ڪلاڪ کانپوءِ به ڏٺائين ته هوءَ اڃان اهوئي ساڳيو صف
پڙهي رهي هئي. سندس خيال هوا کان به تيز نه ڄاڻ ڪيڏانه
اُڏامندا پئي ويا. هن عينڪ لاٿي. ڪتاب ۾ پيپر مارڪ وجه
ڪتاب بند ڪيو ۽ اُٿي ئي، انهيءَ ڪتاب مٿان ٻانهون ورائ
مٿو اُن ۾ لڪائي ڇڏيائين. ٻانيائين ٿورو دماغ ۽ اکين کي آر
ڏيئي وري ڪم کي لڳي ويندي.

پريتيءَ کي لڳو ته هن ماءُ جي رڙ ٻڌي، "هٿ نا لائينس
پنهنجي ڪارنهن هن اُجلي ڳُل تي نه اوت." بي خياليءَ
پريتيءَ ٻانهن مان منهن ڪڍي پنهنجي هٿن ڏانهن نهاريو. سند
ذهن تي تري آيا سندس ئي پنهنجا ٻاراڻا هٿ، جڏهن
ڇهين ورهئي جي مَس هئي، تڏهن ماٽيجي ماءُ جي اها
ٻُڌي هُن پنهنجن ننڍڙن هٿن طرف نهاريو هو. سندس هٿ بر
ڪارا هئا... پر اُن وقت سندس ننڍڙو دماغ اهو سوچڻ کان قا
هو ته انهن ڪارن هٿن مان ڪارنهن نڪري ننڍڙي ڏيڊ مه
جي ٻيبي شينا کي ڪيئن لڳندي؟ جڏهن انهن ساڳين هٿ
سان هوءَ شينا جو سڄو ڪم ڪندي هئي. شينا جون ڇي
ڪيل ڇڏيون به صاف ڪندي هئي. تڏهن ته ممي ڪانه چوند
هئي ته ڪارنهن ڇڏين تي لڳي پوندي!

پريتي پنهنجي ننڍي ڀيڻ شينا کي ڪيترو پيار ڪندي هئ
چاهيندي هئي ته هر وقت کيس گود ۾ کڻي، ساڻس طوطي
زبان ۾ ڳالهيون ٻوليون ڪندي رهي. کيس پيار ڪري، چُمي
ڏي. پر ماڻس چوندي هُيس، "شينا کي هٿ لائيندينءَ ته ه
پڃي ڇڏيندي‌سانءِ." پر پوءِ به هوءَ لڪائي لڪائي ماءُ جي ن
بچائي شينا کي چُمي ڏيئي ايندي هئي. ماٽيجي ماءُ جون ڦٽڪار
کائي، گهر جا ننڍا وڏا ڪم ڪري ڪري، هوءَ وڏي
هئي. پيءُ وقتي ٺاريندڙ ٻه ٻول چوندو به هوس ته ماٽيجي

ڊپٽيءَ چيو هوس، ”تون ڪرمن ۾ نه وشواس ڪرين ڪونه.
من جو سڏانت توکي سمجهائڻ آهي ڪنهن ٻوڙي جي اڳيان
وڄائڻ. پر تنهنجي تعليم ايترو ته توکي سيکاري سگهي
ته هميشه آشاوادي ٿجي.“
هڪ پيري ته ائين به چيائينس، ”توکان شايد وسري ويو
، ته گهٽ ۾ گهٽ تنهنجي ماٽيجي ماءُ تنهنجي بُنيادي
ڪاليجي تعليم ۾ رنڊڪ نه وڌي هئي. جي چاهي ها
توکي بي علم به رکي سگهي ها. ۽ جي ائين ڪري
ته تون اڄ جيڪا آهين... پاڻ تي پاريندڙ... سا نه هجين
هڪ لاچار، اٽوٽندڙ مانسڪ مريض جي زندگي جيئندي
ين ها.“
ر اُن وقت هوءَ ڪي به دليل ٻڌڻ لاءِ تيار ڪانه هئي.
س دل ۽ دماغ ۾ اونده پرجي ويئي هئي.
ريتي خيالن کي پاسيرو ڪري ميز جو خانو کوليو. انهيءَ
ٿيو ڏينهن جو آيل سندس ماءُ جو لکيل خط پيو هو. انهيءَ
لکيو هو، ”پريتي، تنهنجي ڀيڻ شينا تمام بيمار آهي.
شن نه ٿيس ته هوءَ نه بچندي. شينا جي بيماريءَ پنيان
نجو پيءُ جيڪي ڇڏي ويو هو... سڀ ختم ٿي چُڪو آهي.
شن لاءِ ڏهن هزارن جي سخت ضرورت آهي. هن وقت
ڪري سگهين ته مان زندگيءَ ڀر تنهنجي ٿورائتي رهنديس.
تنهنجي ممي.“
ڻ ٽيو ڏينهن اهو خط پڙهي حقارت وچان خاني ۾ ڪري
و هو. پر اڄ... سندس اکين ۾ هي ڳوڙها ڇو؟... سندس
۾ هيءَ ڇُرپُر ڇو؟... شينا جو ننڍڙو مُکڙو هر هر ڇو
ن پريل ڏنڌلين اکين سامهون اچي ٿي بيٺو. پريتيءَ نٽي
، ته الائي ڪهڙيءَ گهڙيءَ ممتا جو ٻج سندس هردي ۾
و هو... جو سلي جو روپ اختيار ڪري چُڪو هو.
ن هڪدم چيڪ بوڪ مان هڪ چيڪ ڦاڙيو ۽ انهيءَ
ماءُ جي نالي ڏهن هزارن جي رقم ڀري ڇڏي.

ڏهہ هزار ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿي. چيائين، ”پرائي ڪيتيءَ ت
مان اجان ڪيترو ڌن برباد ڪنديس؟ مونکي پنهنجي بہ
ڏيڻُ ويٺي آهي.“ ڏهن هزارن جي ڪري مائٽي ٽُٽي پيئي.

سؤمان پسند پريتي گهر ڇڏي وڃي هاسٽل ۾ رهي ۽ پار
ٽائيم ڪندي M.A. پاس ڪري ورتائين ۽ پوءِ فيلسوفيءَ
ڊاڪٽريٽ.

هاسٽل ۾ رهندي ڪيس پيءُ جي ديهانت جي خبر ملي
سندس من ٽورو پئو. هوءَ گهر آئي. ماءُ مورڳو مهڻا ڏيندي
چيس، ”تنهنجي ئي ڳڻتين ۾ ڳري ڪپي ڪاچي ويو. ڏائ
ٿي هن گهر کي ڳرڪائڻ لاءِ جائي هئين تون. پيءُ ک
کائي، هاڻي چا ڪرڻ آئي آهين هتي...“

پريتي زهر جو ڍُڪ پي هاسٽل ۾ موٽي آئي ۽ قسم ک
ڇڏيائين تہ هوءَ وري ماءُ جو منهن نہ ڏسندي.

انهيءَ کي ڪئين سال گذري ويا هئا. هينئر ڪاليج
پروفيسر هئي. پنهنجي زندگيءَ ۾ ٿانئينڪي هئي. پر ه
ڪڏهن بہ ماضيءَ کي وساري نہ سگهي هئي. پنهنجي ا
جي اڪيلي زندگيءَ لاءِ هوءَ ماءُ کي ئي ذميوار ٺهرائيندي
هئي. ڪلڻ، خوش ٿيڻ سندس فطرت ۾ ئي ڪونہ هو. ه
اندر ئي اندر ايتري ٽوٽ ٿي چُڪي هئي جو ڪير ڪيس
پگهرائي نٿي سگهيو. ديپتي ئي سندس هڪڙي ساهيڙي هئي
جنهن کي هوءَ پيار ڪندي هئي ۽ وقتي ڪيس ٻڌندي
هئي.

ديپتي هڪ ڏينهن ڪيس چيو هو، ”تنهنجو نالو ئي رکا
ٿي ڏُکہ درسي: مونکي لڳندو آهي تہ توکي ڏُکہ جا ڍُڪ پيئ
۾ ئي آنند ٿو اچي. ريڊيو تي بہ راڳہ نہ وڻندو آهي
اسٽيشن مٽي ڇڏبي آهي. پر تون پنهنجن خيالن جي اسٽيش
مٽڻ لاءِ تيار ئي ڪانہ آهين.“

تہ غصي وچان چيو هئائينس، ”مون تي ڏوھ ائين ڦ
مڙهين جڻ ڏُکمیہ زندگي مون پاڻيهي گهري ورتي هئي.“

زال بنا بيڪارِ

تولارام رهيجا 'لالي'، پونو

پتا جي موَت ڪانپوءِ مُرليءَ ڪٽنب جو وڏو ٻٽجي پيو ۽ هن جي زال ماڌوي گهر جي وڏي. هاڻي اُنهن جي مٿان نيون جوابداريون آيون. مُرليءَ جي ننڍي ڀاءُ بيڪري چڏي پنهنجي ساهُرن سان مِلي جنرل اِسٽور کولي چڏيو. اُن جي زال جي گهڻن سالن کان مرضِي هئي الڳه رهڻ جي. لاچار ٿي مُرليءَ ڏاڍي ڏُکه سان ڀاجائيءَ کان موڪلايو.

ايڏو وڏو گهر آهستي آهستي اُداس نظر اچڻ لڳو. هاڻ مرلي ۽ ماڌوي پنهنجن ٽن پٽن اَجيه، وجيه ۽ سنجيه سان زندگي گذارڻ لڳا.

ڀيڻ مايا کي ڏڻ وار، ڏياري، هولي، رکشا ٻنڌن، لال لوئي، ترموري وغيره موڪلڻ جي جوابداري بہ مُرليءَ جي مٿان پيئي.

مُرليءَ جي ٽنهي پٽن ڪاليج جي پڙهائي پوري ڪئي. هن جو وڏو پٽ اجيه، هڪ ڪمپنيءَ ۾ آفيسر بڻيو. وجيه ۽ سنجيه سافٽ ويئر جا ڪورس ڪرڻ لڳا.

اجيه جي شاديءَ جون ڳالهيون گهر ۾ ٿيڻ لڳيون. اجيه کي ڪاليج ۾ هڪ ڇوڪري وڻي ويئي هئي. هِنَ اُن سان ئي شادي ڪرڻ جو پڪو اِرادو ڪري چڏيو. اجيه جي پيار جي ڪري مُرلي شاديءَ لاءِ راضِي ٿيو. اجيه جي شادي منيشا سان وڏي ڌوم ڌام سان ٿي ويئي. شاديءَ جي موقعي تي ماءُ جي وڇوڙي جو غم منيشا جيءَ اکين مان صاف ظاهر هو. هوءَ ماءُ جي ته لاڏلي هئي ئي پر سس ۽ سهري لاءِ بہ پيار غرت هئس.

منيشا ماڊرن ۽ ڦري ڇوڪري هئي، تنهنڪري هوءَ سماج جي ريتين رواجن کي نہ مڃيندي هئي. هن اجيه کي ٻڌائي

اڄ ڪيس سالن بعد محسوس ٿيو تہ سندس اندر واري ٽوٽ زمين تي اچانڪ برسات جي ورڪا ٿي هئي ۽ سندس تتل هردي ۾ ٺار پئجي ويو هو.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

منگهارام ملڪاڻي (1896 - 1980)

سدا حيات پروفيسر منگهارام اُڌارام ملڪاڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ خاص ڪري ناٽڪ، ڪهاڻيون ۽ مضمون پيش ڪري داد قابل مقبوليت حاصل ڪئي.

هن صاحب بطور اداڪار ۽ هدايتڪار بہ سٺو ڪاريہ ڪيو. سندس شايع ٿيل پُستڪن ۾ ڪجھ نالا: 'پنج ننڍا ناٽڪ'، 'پنگتي پردا'، 'جيون ڇهڇٽا' ۽ 'ڪڙڪيبيتا پيا ٽمڪن' (ايڪانڪي ناٽڪ).

'اَدبي اُصول' (مضمون)، 'پڇمي ياترا' (سفرنامو)، 'گُم ٿيل صندوقڙي' (ناول)، 'ايڪتا جو آلاپ' (ناٽڪ).

دادا ملڪاڻيءَ ٻين ٻولين تان سنڌيءَ ۾ سٺا ترجما پڻ ڪيا جيئن تہ، 'پريت جا گيت'، 'گيتانجلي' وغيره.

هن صاحب هڪ فلم ۾ اڀينيتري نرگس جي ماءُ جدن ٻائيءَ سان هيرو جو رول بہ ادا ڪيو هو.

مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ پاران ڪيس 'سنڌي نثر جي تاريخ' تي انعام عطا ڪيو ويو.

ملڪاڻي صاحب بمبئي وشووديالیہ جي بورڊ آف اسٽڊيز جو ميمبر هو. سنڌي ساهتيہ منڊل، بمبئيءَ جو گهڻي وقت تائين پريزيڊنٽ ٿي رهيو.

جئہ هند ڪاليج بمبئيءَ ۾ انگلش ڊپارٽمينٽ جو پرمک ٿي رهيو.

لاءِ هڪ مائي رکو.“

منيشا جا اِهي اکر ٻُڌي ماڌوي جا ٽپ لُڙي ويا. اُن کي ايڏو ڏُک ٿيو جو اکين ۾ پاڻي اچي ويس. هوءَ پنهنجي روم ۾ هلي ويئي.

منيشا به ماڌويءَ کي چانهن ڏئي پنهنجي روم ۾ هلي ويئي.

شادي ٿي وڃڻ کان گهڻا سال ٿي ويندي به منيشا کي ڪوئي ٻار نه ڄائو. وچ ۾ گهڻن ئي ڊاڪٽرن کان جاچ ڪرايائون. گهڻن ئي ليڊي ڊاڪٽرن به منيشا کي چيڪ ڪيو. وجيه کي به چيڪ ڪيائون. پر منيشا کي گرڀ ڌارڻ جي اُميد ڪين هئي. گهڻن ئي مندرن ۾ وڃي باسون باسيائون. سڀ علاج ۽ ڪوششون وئرٿ ويون.

هڪ ڏينهن غصي ۾ اچي منيشا سسُ کي چيو، ”ممي، توهانجي پٽ مونکي لڳي آهي جو مون کي ٻار پئدا نٿو ٿئي. توهان مونکي هميشه پٽيندا رهندا آهيو. ٻُرو ٻُرو سوچيندا آهيو ...“

اِهو ٻُڌي ماڌوي ته وائڙي ٿي ويئي. ڪهڙي ماءُ اؤلاد جو ٻُرو سوچيندي؟ ماءُ آهي يا ڏائڻ؟...

ماڌوي روئندي روئندي اها ڳالهه مُرليءَ کي ٻُڌائي. پنهنجي ننهن جا اهڙا اکر ٻُڌي هئي دُکي ٿي پيا. منيشا اجيه کي پنيلائڻ لڳي، ”ها، ها، توهانجي مميءَ جي سراپ ڪري مونکي ٻار نٿو ٿئي ...“

اِهو ٻُڌي ماڌويءَ جي واتان نڪتو، ”اَهڙي جيئڻ کان ته موت سٺو ...“ ۽ هوءَ روئڻ لڳي.

مُرليءَ کي اجا هڪ پُٽ جي شادي ڪرائڻي هئي. سنجيه کي به سافٽ ويئر جي نوڪري ملي ويئي. ٿورن ئي ڏينهن ۾ سنجيوني نالي ڇوڪريءَ سان پيار ٿي ويس. سنجيه پنهنجي ماءُ پيءُ کي شاديءَ لاءِ راضي ڪيو.

سنجيه جي پگهار سنجيونيءَ کان گهٽ هئي. سنجيوني جي

ڇڏيو تہ وڏن ۽ بزرگن کي پيري پوڻ جي ضرورت نہ آهي. اُنهن جو مان سنمان ڪرڻ جو نئون طريقو آهي تہ هڪ ٻئي سان هٿ ملائجي. ان نموني بہ پنهنجون ڀاونائون پيش ڪري سگهجن ٿيون.

منيشا جي اُنهن ويچارن سان اَجيہ شاملراءِ ڪونہ هو. ڀهرين ڏياريءَ تي اجيہ گهر ۾ گهڙڻ شرط ماءُ، پيءُ کي پيري پيو. پر منيشا بيٺي رهي ۽ وڏن جي سامهون ڪنڌ نہ جهڪايائين. هُن اجيہ کي سيني جي سامهون ٻڌايو، ”مان جهڪڻ واري نہ آهيان. اهڙي نموني ڇا جو آشيرواد ملندو؟“

منيشا جا اهي اکر ٻڌي سڀ حيران پريشان ٿي ويا.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ وجيہ کي هڪ بئنڪ ۾ نوڪري ملي ويئي. جلد ئي مُرليءَ وجيہ جي شادي هڪ سٽاٽپ واري ڪٽنب جي ڪنيا شرميلا سان ڪرائي. وجيہ جي پتني شرميلا بہ هڪ بئنڪ ۾ نوڪري ڪندي هئي. ٻئي نوڪريءَ مان ٿڪجي گهر اچي رات جو رسوئي ڪائڻ لاءِ هوٽل ۾ وڃڻ لڳا. مُرليءَ کي اها ڳالهہ ٺيڪ نہ لڳي. هن پنهنجي ناپسندي کين ٻڌائي ڇڏي. ڪٽنب کي ڪنو رڪٽو هوس، اِن ڪري هو وڌيڪ وروڌ ڪري نہ سگهيو.

مُرليءَ جو گهر هاٽي پرجندو ٿي ويو. ڀهرين فون، ريڊيو، ٽي.وي، واشنگ مشين، اوون، فرج، بائلر، مڪسر، ٽيپ رڪارڊر، ڪامپيوٽر، ڊي.وي.ڊي.، موبائيل سڀ شيون گهر ۾ هيون. سڄو گهر آوازن سان پرجي ويو. گهر ۾ شانتي ختم ٿيڻ لڳي. گهر ۾ سيني جو ڌيان ٽي.وي. سيريل ڏسڻ ۾ پورو هو. ناچ گانا ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ سڀ مگن رهندا هئا.

ماڌوي کي چانهن پيئڻ جي عادت هئي. ڪيس سڄي ڏينهن ۾ ست اٺ دفعا چانهن ڪپندي هئي. هن جي اِن عادت جي ڪري هڪ ڏينهن منيشا چئي ڏنو، ”ممي، توهان گهڙيءَ گهڙيءَ ٿا چانهن پيئو. اسان توهانجي لاءِ ايڏا دفعا چانهن ٺاهي تنگ ٿي ٿا وڃون. تنهن ڪري چانهن ٺاهي ڏيڻ

ٿي ٿي ٿي ويون. وقت ملڻ شرط سيئي ٽي. وي. کولي ڏسڻ ۾ مشغول رهڻ لڳيون. گهر کي هلائڻ واري زال ئي گذاري وئي، هاڻي ڪير گهر هلائيندو؟ لاچار مُرليءَ لاءِ الڳ روم ٺاهي ڏيڻ منظور ڪيو ويو. ٽيئي نُنهر ماڏويءَ ڪانپوءِ هڪ ٻئي سان ساهيڙين وانگر ويهي ڪِل ڪِل ڪنديون هيون. پاڻ ۾ پڪو فيصلو ڪيائون ته سهري لاءِ هڪ نُنهن صبوح جو ناشتو ٺاهيندي، ٻي منجهند جي رسوئي ۽ ٽين رات جي روٽي ڪندي. اگر گهر ۾ ڪو مهمان ايندو ته اُن کي به ائين ئي ڪارائينديون، اِن ڪري ڪنهن به نُنهن کي سهري جو بوجهو نه لڳندو. هرڪا پنهنجو فرض پورو ڪندي ۽ باقي وقت فري رهندي.

مُرلي اڪيلائپ جي ڪري اُداس رهڻ لڳو. هن کي زال جي ياد رات ڏينهن ستائڻ لڳي. هو ڳوڙها اُگهندو رهيو. هن کي پل پل زال جي وڇوڙي جو ڏُک ٿيڻ لڳو. سڀي مليا ته ڇا ٿيو؟ زال اڌ شرير ٿيندي آهي. نُنهن، پُٽ، پوٽا، پوٽيون، سڀ ڪجهه گهر ۾ هوندي به هُنَ پاڻ کي ’زال بنا مڙد بيڪارِي‘ پئي سمجهيو. ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو، اڪيلائپ پوڳيندو رهيو.

* * * * *

چيتنمل پرسرام گُلراجاڻي (1886 - 1948)

سدا حيات چيتنمل پرسرام جو لکيل ڪتاب ’سچل سرمست‘ سنڌي ساهتيه ۾ اهم جڳهه والاري ٿو.

هن صاحب جي سنڌي نثر تي پختي پڪڙ هئي، جا ڳالهه سندس لکيل ڪيترن ئي مضمونن، مقالن مان ظاهر ٿئي ٿي.

رهڻي ڪرڻي فئشنبل هئي. هن کي جهوني نموني جا ريتيون رواج ڪين پيا وڻن. سنجيونيءَ کي دان پُڇ، پوڄا، مندر، ٽڪاٽا وغيره نہ پيا وڻن. هڪ ڏينهن پنهنجي سسُ ماڏويءَ کي پنهنجي ناراضگي ڏيکاريندي چيائين، ”توهان جيڪو پڪين کي دان پُڇ، ڌرم لاءِ اناج جا ڪٽا ٽا ڪارايو، اِهو پڪي سڄي گهر ۾ گند ڪچرو ڦهلائي ٽا ڇڏين. جِتي ڪائن ٽا اُتي ئِي وٺ ٽا لاهين. اُنهن کي اناج ڏيڻ بند ڪيو. پڪين کي اناج ڏيڻ سان اهڙو ڪهڙو پڇ ملندوَ؟ ڇا جو دان آهي اِهو؟...“

اهو ٻُڌي ماڏويءَ جا ٽپ ٽري ويا. هن کي ڏاڍو ڏُک ٿيو. نُنهن جي سُڀاوَ ڪري هن جي بلڊ پريشر جي بيماري وڌڻ لڳي. نُنهن تِر تِر تي من جلائڻ لڳس. آهستي آهستي هوءَ بيمار رهڻ لڳي. مُرليءَ کي ڄاڻ هئي تہ ماڏويءَ کي جُهرڻ جي بيماري آهي. هن کي ’نُنهن جو روڳ‘ لڳو آهي. مُرليءَ ماڏويءَ کي بہ اهو ٻڌايو هو. ماڏوي هميشه اُداس رهڻ لڳي. گهڻيون ئي دوائون، گهڻا ئي ڊاڪٽري علاج ٿيندا رهيا پر هن جي طبيعت نہ سُڌري. هڪ ڏينهن هوءَ هِن دنيا کان موڪلائي وئي.

پر ماڏويءَ کان پوءِ مُرلي اڪيلائپ سهي نہ سگهيو. ماڏوي اڌ ۾ سنسار ڇڏي وئي. مُرليءَ جو جيون بدلجي ويو. پل پل جو ساٿ ڏيڻ واري زال هلي وئي. هاڻ ڪنهن کي پنهنجو چوان؟ مُرليءَ جي پيڻ مايا هن کي سمجهائڻ لاءِ آئي. هن چيو، ”تون هن گهر کي نہ ڇڏ. هئي ڪٿي وڃي نہ رهہ. متان ڪنهن ٻُڌن جي آشرم ۾ نہ هليو وڃين! پنهنجا ٻار، پُٽ، تون هاڻي گهر جو وڏو ٻڻجي رهہ. سيني سان ڪلو رهُہ، اڪيلو ڪڏهن بہ نہ رهہ.“

جلد ئي ٽنهي نُنهرن الڳہ الڳہ رهڻ جو فيصلو ڪيو. ٽنهي پنهنجون چلهيون لاهيون. هڪ رنڌڻي جا ٽي رنڌڻا ٿي ويا. ٽي فرج، ٽي گئس سلينڊر، ٽي اوون. گهر جون سڀ شيون

جنهن سان گڏ ڪار ڊيلر جو ڊليوريءَ آرڊر لڳل هو. اُن ڊليوري آرڊر جيءَ تاريخ رزلٽ واري هئيءَ ۽ ڪار جيءَ قيمت مليل هئڻ جيءَ رسيد پڻ هئيءَ.

اهو ڏسو راهول روئڻ لڳو ۽ پيءُ کان معافيءَ گهُرڻ لڳو. تنهن تي پٽس چيو ته، ”پُٽ، هميشه شرڌا ۽ وشواس پڪو هئڻ گهرجي. اُن ۾ شڪ نه هئڻ گهرجي.“

* * * * *

پروفيسر رام پنجواڻيءَ (1911 - 1987)

سدا حيات پروفيسر رام پرتابراءِ پنجواڻيءَ ٻهومُکي شخصيت جو مالڪ هو. سنڌيءَ ٻوليءَ، ساهتيه ۽ ڪلا جي کيترن ۾ هن جو يوگدان قابل تعريف رهيو. هن صاحب اوتار جهوليلعل سائين ۽ چيٽيءَ چنڊ جو ڏڻ ملهائڻ ذريعي سڀنيءَ سنڌين کي يڪمشت ڪرڻ جو سؤلو ۽ سٺو طريقو اپنايو.

پروفيسر پنجواڻيءَ بطور گايڪ، اداڪار، هدايتڪار، ليکڪ ۽ شاعر، ڪهاڻيءَ نويس ۽ مضمون نگار خوب نالو ڪمايو.

سنڌ جا ست ناٽڪ (ناٽڪ)، ’سپون‘ (مضمون)، ’آهي نه آهي‘ (اُپنياس) ۽ ’سنڌي شعر جو انتخاب‘ (ڪوتائون) سندس مقبول ڪتاب آهن. ’انوکا آزمودا‘ تي مرڪزيءَ ساهتيه اڪادميءَ جو انعام حاصل ڪيائين. ’دوست ڪيئن ڪجن ۽ دليون ڪيئن کينچجن‘ (انگريزيءَ تان) ۽ ’ياد ڪندا‘ (گجراتيءَ ناٽڪ) جا سنڌيءَ ۾ داد قابل ترجما ڪيائين.

سنڌيءَ فلمن ’سنڌوءَ جي ڪناري‘، ’شل ڌيئر نه ڄمن‘، ’هوجمالو‘، ’جهوليلعل‘ ۽ ’لاڏليءَ‘ ۾ بطور گايڪ/اداڪار قابل تعريف ڪم ڪيائين.

’سيتا سنڌو ڀون‘ ممبئيءَ، سندس امر يادگار آهي.

وشواس جو قتل

ٽيڪم پوجواڻي، پونو

اسانکي سڀ ڪجهه ملندو پر اسانجي شرڌا اٽوٽ هئڻ گهرجي. پنهنجو وشواس پڪو ڪرڻ گهرجي. اسان پيءُ ماءُ کان ڪجهه گهُرندا آهيون جو اسانکي پڪ هوندي آهي تہ اسانکي ضرور ملندو.

هڪ شاهوڪار فئمليءَ جو هوشيار ٻار راهول، جنهنجي بي.ڪام. جي رزلٽ پنجن ڇهن ڏينهن ۾ اچڻي هئي. راهول کي پاڻ تي پورو وشواس هو تہ هو تمام سٺين مارڪُن سان پاس ٿيندو. هن جي من ۾ پيءُ کان اسپورٽس ڪار گهرڻ تي دل ٿي. هن من جي ڳالهہ پيءُ سان ڪئي. سندس پتا مشڪيو ۽ پٽ جي مٿي تي هٿ رکيو.

جنهن ڏينهن اِمتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو. هو مارڪ شيٽ کڻي پيءُ وٽ آيو. سندس پتا آشيرواد ڪري هن کي هڪ نموني پئڪ ٿيل پئڪيٽ ڏنو. راهول جيئن اُن پئڪيٽ جو ڪوَر لاٿو تہ هن کي گيتا ڏسڻ ۾ آئي. ڪرشن ڀڳوان جي فوٽي کي هٿ جوڙي ۽ بنا کولڻ ۽ ڏسڻ جي ساڳئي ڪور ۾ بند ڪري رکي ڇڏيائين.

پيءُ کان رُسي الڳ رهڻ لڳو، ڇاڪاڻ تہ کيس سُٺي نوڪري ملي ويئي هئي.

ڪجهه وقت کانپوءِ هن کي پيءُ جي سڪ لڳي هئي. پٽس بہ هُن ڏانهن نياپو موڪليو هو ڇاڪاڻ تہ هو ناچاڪ هو.

جڏهن هوُ پيءُ وٽ پهتو. پيءُ جي حالت ڏسي پيءُ جي پرسان اچي ويٺو. پٽس هٿ سان اِشارو ڪري اهو پارسل کڻڻ لاءِ چيس. راهول سمجهو تہ بابا شايد گيتا پڙهڻ لاءِ ٿو چويس. هن جيئن ئي گيتا کي کوليو تہ اُن مان هڪ چاٻي ڪري

ڪارڻ پاڻ منشيہ ئي آهي ائين سمجهائيندي ٻڌايو تہ...

منشيہ مايا جي ڪري ٻنڌن ۾ ڦاسي ٿو ۽ اُهو ئي ڪارڻ دُک جو ٿئي ٿو. ڦاسڻ سان منشيہ پنهنجو سواميتوَ وساري ڪري داس ٿِي پوي ٿو ۽ داس (نوڪر) کي تہ ڪڏهن بہ سُک نٿو ملِي سگهي. اُن لاءِ تہ سُک آهي ئِي نہ، هن پراڌينتا ۾ تہ ڪڏهن بہ آرام نٿو ملي، ”پراڌين سپنيهون سُک ناهين.“

مايا جيڪڏهن ايتري پربل آهي تہ مايا ڇا آهي؟ اُن کي سمجهائيندي چيو ويو آهي تہ، ”جنهن استتيءَ جي سَتا ناهي اُن استتيءَ جي سَتا سمجهڻ“ تہ اُن سمجهہ جي ڪارڻ کي مايا چيو وڃي ٿو.

جهڙيءَ طرح ريگستان ۾ رُڃ هِرڻ لاءِ، ننڊ ۾ سمهيل لاءِ سپنو. ريگستان ۾ ويچارو هرڻ، واريءَ تي سج جي ڪرڻن پوڻ ڪري اُن کي پاڻي سمجهي ٿو، (جنهن پاڻيءَ جي سَتا نہ آهي) اُن پاڻيءَ کي پائڻ لاءِ ڊوڙندو رهي ٿو. اها پاڻيءَ جي سمجهہ هرڻ لاءِ مايا جي ڪري آهي. هتي اسين جادوگر جي جادوءَ جو بہ مثال وٺي سگهون ٿا. جادوءَ جي کيل جي رهسيہ جي خبر جيستائين نٿي پوي تيستائين ڀرم ٿئي ٿو پر جيئن خبر پوي ٿِي تہ ڀرم لهي ٿو، تهڙيءَ طرح ئي مايا هٽي ٿِي وڃي ۽ ستيہ جو ڀاس ٿئي ٿو.

هن مايا جو سروت ڇا آهي اُن کي ٻڌائيندي شريمد ڀاڳوت ۾ اچي ٿو تہ،

कालं कर्म स्वभावं च मायेशो मायया स्वया।
आत्मन् यदृच्छया प्राप्तं विबुभूपुरु पाददे। २-५-२१,

مايا پتي ڀڳوان، ”مان هڪ آهيان پر مان ڦهلاءُ ڪريان. (ايڪو اهم بهو سيامَہ)“ اِن ويچار ايندي مَايا کي، ”ڪال، ڪرم ۽ سُڀاوَ“، جي روپ ۾ پاڻ ۾ پرڪٽ ڪيو. هن تي جي اسين ٿورو ويچار ڪنداسين تہ اسان جي سُک ۽ دُک جا ڪارڻ بہ اهي ٽي ئِي ملندا. منشيہ پنهنجي سڀاوَ پنهنجي

يگيہ

شري پريم لعلچند شرما، پونو

شريمد ڀاڳوت جي ٣، سڪنڌ ۾ وِدُر ۽ مئتريہ رشيءَ جو وارتالاپ آهي. هن ۾ وِدُر مئتريہ کان سوال پڇي ٿو تہ سنسار ۾ هر منشيہ سُک پائڻ لاءِ ئي ڪم ڪري ٿو، پر اِهو ڏٺو ويو آهي تہ ڪيترائي دفعا سک جي پراپتي نہ ٿي ٿئي ۽ دُک بہ ڪونہ ٿو گهٽجي، پاڻ ڪنهن ڪنهن وقت دُک وڌيڪ ئي ملي ٿو، ائين ڇو ٿو ٿئي؟ اهو مان ٻُڌڻ چاهيان ٿو.

सुखाय कर्माणि करोति लोको,
न तै सुखं वान्यदुपारमं वा।
विन्देत भूयस्ततत एव दुखं,
यदत्र युक्तं भगवान वदेन्न॥ ३-५-२

هيءُ سوال وِدُر جو مئتريہ لاءِ اڄ بہ ڪيترو نہ يُڪتي يُڪت آهي. اڄ بہ هيترن هزارن سالن کانپوءِ بہ اسان لاءِ اهو سوال، سوال ئي رهيو پيو آهي. اڄ اسين بہ ان سُک دُک روپي چڪر ۾ گهُمندي هن سوال جو جواب ڳولهي رهيا آهيون. جواب تہ ڪونہ ٿو ملي اُلٽو چڪر وڃي پيو وڌندو.

اڄ وگيان ۽ technology ۾ منشيہ ايترو اڳيان وڌندي بہ هن سُک ۽ دُک جي چڪر مان نہ نڪري سگهيو آهي. جيترو بہ technology ۾ اڳيان وڌون ٿا اوتروئي دُکن جي ويجهو وڃون ٿا. هڪ سمسيا کي سُلجهائيندي ٻي سمسيا منهن ڪڍي بيهي ٿي. ائين ڇو آهي؟

هِن جو اُتر جيڪو رشي ميتريہ، وِدُر کي ڏنو سو اڄ بہ اسان لاءِ valid نيايہ پوروڪ آهي. مئتريہ، سُک ۽ دُک جو

هڪ اجايو ايمان آهي) اهو ٻنڌن آهي جنهن جي ڪري منشيہ ڦاسي پوي ٿو.

هاڻي ڪرم ڇا آهي، اُهو ڏسون. ڪرم جا ڪرتا ۽ ڀوڪتا، ڪانسواءِ ٽي انگہ ڏيکاريا ويا آهن : ڪارڻ (cause)، ڪريا (process)، ۽ ڪاريہ (effect).

هنن ٽنهي کي گڏي ڪري ڪرم چيو وڃي ٿو. هر هڪ ڪاريہ جو ڪارڻ ٿئي ٿو تہ وري هر ڪارڻ، ڪاريہ روپ ۾ پرورتت ٿئي ٿو. ڪارڻ کي ڪاريہ ۾ مٽائڻ لاءِ ڪريا آهي. هنن ٽنهي جي پوري ڄاڻ جيڪڏهن آهي تہ ڪرم جو پورو گيان ٿئي ٿو، ۽ پوري گيان هوندي ڪرم ڪڏهن بہ ٻنڌن جو ڪارڻ نہ ٿو ٿئي.

اسين مٿئين هرڻ واري مثال ۾ ڏسنداسين تہ هرڻ جي ڏک جو ڪارڻ آهي تہ هن کي رُڃ روپي ڪاريہ (effect) جي ڪارڻ ۽ ڪريا جو گيان نہ آهي تنهنڪري هوُ رُڃ کي پاڻي سمجهي ڊوڙندو رهي ٿو ۽ ڏک پائي ٿو پر اسانکي اُن رڃ جو ڪارڻ (سوريہ) ۽ اُن ڪرڻن جو واريءَ تي پوڻ واري ڪريا (process) ۽ تنهنجو ڪاريہ پاڻيءَ وانگر ڏسڻ ۾ ايندڙ رُڃ (effect) جي ڄاڻ هئڻ جي ڪري اسين پياس (اُڃ) هوندي بہ اُن ڏانهن ڀڄون نٿا ۽ هرڻ وانگر ڏک نٿا پايون.

وري ٻيو مٿي ڏنل جادوگر جي مثال ۾ ڏسنداسين تہ اُن مان اسانکي ڏک نٿو ٿئي پر متِ ڀرم ضرور ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ اُن جي ڪارڻ (جادوگر) جي اسانکي ڄاڻ آهي (تہ هيءُ جادوگر آهي ۽ جادو ڏيکاري رهيو آهي) ۽ اُن جي ڪاريہ کي ڏسِي عجب ۾ پئون ٿا، سو رڳو ان ڪري آهي جو ان ڪرم جي ٽئين انگہ ڪريا (process) جي اسانکي ڄاڻ نہ آهي، تنهن ڪري متِ ڀرم ٿئي ٿو جيڪو اگيان آهي.

هنن ٻنهي مثالن مان اهو تہ نشچت ٿئي ٿو تہ ڪرم جي ٽنهي انگن جي گڏ ڄاڻ نہ هوندي اسانکي کي ڪرم سچو سمجهہ ۾ نٿو اچي، تنهنڪري اسان جو متِ ڀرم ٿئي

ڪرم (ڪمن) ۽ ٽيون ڪال (destiny) جي ڪري ڏک پائي ٿو.

ڪال جي معنيٰ سمجھائيندي شاسترن ۾ ائين اچي ٿو تہ،

पूर्व जन्म कृतं तद्दैवम् इति कथ्यते

پوروَ جنم جي ڪيل ڪرمن کي - ديو - ڀاڳيہ يا ڪال چيو وڃي ٿو. ۽ سڀاوَ بہ پوروَ جنم جي سنسڪارن جي ڪري ٿئي ٿو. گيتا ۾ اچي ٿو تہ،

यं यं वाऽपि स्मरन् भावं त्यजत्यन्ते कलेवरम्।
तं तमेवैति कौन्तेय सदा तद्भाव भावित: ८ - ६

انت ڪال ۾ پراڻي جيڪا ڀاونا رکي ڪري پراڻ تياڳي ٿو تہ ٻئي جنم ۾ هو سدائين انهيءَ ڀاونا سان جڙيو رهي ٿو.

ڪال ۽ سڀاوَ پوروَ جنم سان سنبنڌت آهن. انهن تي هينئر هن ليک ۾ ويچار نٿا ڪريون. پر باقي جيڪو ٽيون ڪارڻ مايا جو آهي سو آهي 'ڪرم' اُن تي ويچار ڪبو.

منشيہ يوني آهي ئي ڪرم يوني. منشيہ ئي آهي جيڪو ڪرم ڪري پنهنجو اُتڪرش (progress) ڪري سگهي ٿو. ڪرم ڦاسڻ جو سبب ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ان تي ڀڳوان گيتا ۾ ارجن کي سمجھائيندي ائين ٻُڌايو آهي تہ ڪرم تہ منشيہ جو اڌيڪار آهي. (ڪرمڻيہ واڌيڪارستي ...) پر ڪرم جو ڦڙن ڏُک جو ڪارڻ ٿئي ٿو.

اڌياتمڪ رامايڻ ۾ هڪ هنڌ اچي ٿو تہ،

सुखस्य दुखस्य न कोऽपि दाता
परो ददाती ति कुबुद्धिदरेषा।
अहं करोमीति वृथाभिमान,
स्वकर्म सूत्र ग्रथितो हि लोक:॥ आ.रा. अयोध्या काण्ड ६-६

سُک ۽ ڏُک جو ڪو بہ ڏيندڙ نہ آهي پر رڳو ڪُٻُڌيءَ جي ڪري اهو ايمان ٿئي ٿو تہ، 'مان ڪريان ٿو (جيڪو

آهي سو ڪهڙو آهي، ۽ ڪڏهن کان شروع ٿيو آهي جنهن جي باري ۾ سڀ شاستر هڪ مت وارا آهن سو ڏسون.

يگيہ جي سمجهاڻي (defination) ڏيندي يجرويد ۾ اچي ٿو تہ ...

यज्ञेन यज्ञमयजन्तदेवा: (देवा: यज्ञेन यज्ञम् अयजन्त) वा.मा सं) ३१ - १६

هڪ چئتنيہ شڪتي (ديوا:) ٻي چئتنيہ تتو جي واسطي جيڪو يجن جو طريقو اختيار ڪيو (process adopt) اُن کي يگيہ چئجي ٿو. مٿئين منتر جي حصي جو جيتوڻيڪ literal اَرٿ آهي ...

(ديوا:) ديوتائن يگيہ (پُرش) جو يگيہ روپي ساڌن سان پوڄا جو ڪاريہ آرنڀ ڪيو. پر هن جو جيڪڏهن ڀاوارٿ ڏسنداسين تہ اسانکي اهو clear ٿِي ويندو تہ هيءُ هڪ اُهو طريقو آهي جيڪو هڪ ايشوري شڪتي جيڪا هرهڪ پراڻي ماتر ۾ رهي ٿِي، اُها ئي هڪ ٻي ايشوري شڪتي (جيڪا برهمانڊ cosmos) ۾ رهي ٿِي اُن جو سنتُلن (balance) رکڻ لاءِ جيڪو طريقو process (جنهنکي پوڄا جو نالو ڏنو ويو آهي) اختيار ڪيو اُن کي يگيہ چيو ويو آهي.

هاڻي مَٿئينءَ defination تي جيڪڏهن اسين ٿورو ويچار ڪنداسين تہ ڪارڻ (cause) کي ڪاريہ (effort) ۾ پريورتن ڪرڻ لاءِ جيڪا شڪتي آهي (جنهن کي اسين process ڪريا) جي روپ ۾ ڄاڻون ٿا سا آهي ڌرم جي شڪتي، ۽ اُن جو اسٿول شرير آهي يگيہ. مثال طور بجلي آهي. اُن کي ڄاڻڻ لاءِ بلب جي ضرورت هوندي آهي تهڙيءَ طرح ڌرم شڪتيءَ کي ڄاڻڻ لاءِ اسانجي رشين يگيہ روپي بلب ٺاهي اسانکي ڏنو آهي تہ جيڪا ڌرم جي شڪتي هن چَر - اَچر، سوڪشم - اِسٿول، جَڙ - چئتنيہ، پدارٿ - اُرجا، جيو - برهم، جيواتما - پرماتما، سنسار - ايشور، پنڊ - برهمانڊ، وغيره وغيره کي پئدا ڪري اُن جا ڪاريہ سمپن ڪري رهي آهي، اُن جو

ٿو جيڪو ئِي ٻنڌن جو ڪارڻ آهي.

اسانجي شاسترن جيئن ئِي ڪرم ٻنڌن نہ ٿئي تنهن لاءِ ڪرم ڪيئن ڪجي اُن جو تمام اُتم طريقو ڪوجي اسانکي ڏنو آهي. جنهن کي چيو وڃي ٿو 'يگيہ'.

ڀڳوان گيتا ۾ ارجن کي ڪرم ڪيئن ڪرڻ کپي جنهن سان ٻنڌن نہ ٿئي، سمجھائيندي چيو تہ ڪرم کي يگيہ سمجھِ ڪري، ڪَرَمَ سان، ڪَرمُ، ٻنڌن نٿو ٿئي.

यज्ञार्थात् कर्मणोऽन्यत्र लोकोऽयं कर्म बन्धन।
तदर्थं कर्म कौन्तेय मुक्तसङ्ग समाचर॥ गी. ३ – ९

"هي ارجن، يگيہ کانسواءِ ٻيو جيڪي بہ ڪرم ڪرڻ جا طريقا هن لوڪ ۾ آهن سي ٻنڌن ڪارڪ آهن تنهنڪري جيڪو بہ ڪرم ڪجي سو يگيہ وانگر ڪجي (تہ ٻنڌن جو ڪارڻ نہ ٿيندو)."

شَتپٿ براهمڻ ۾ چيو وِيو آهي تہ، 'يگيو وئہ شريشٽ تم ڪرم' سڀني ڪرمن ۾ اُتم ۾ اُتم ڪرم 'يگيہ' آهي. تنهن کانسواءِ يگيہ کي جنتا جي ڪلياڻ لاءِ ئِي پرجاپتي پيدا ڪيو آهي اهو ايتريہ براهمڻ ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

यज्ञोऽपि तस्यै जनतायै कलप्यते

ڪنوپنشد ۾ ٻيو ورُ يم کان نچيڪتا، پرجا جي اُتڪرش لاءِ، يگيہ جي اگنيءَ جي باري ۾ گھُريو،

स त्वमग्निं स्वर्ग्यमध्येषि मृत्यो
प्रब्रूहि त्वम् श्रद्दधानाय मह्यम्।
स्वर्गलोका अमृतत्वं भजन्त
एतद् द्वितीयेन वृणे वरेण॥ १३॥ कठो.१ – १

اهڙيءَ طرح يگيہ جنهن طريقي سان ڪيو وڃي ٿو تہ اُن طريقي سان جيڪڏهن اسين پنهنجا ڪرم ڪريون تہ اُهي ٻنڌن وارا نٿا ٿين، ۽ سک دک وغيره دوندون کي مٽائي آنندائڪ ٿين ٿا.

هاڻي يگيہ ڇا آهي ۽ اُن جو جيڪو طريقو شاسترن ٻُڌايو

وشٽو - سهسترنام ۾ ڀيشم پتامهه يگيه کي ڀڳوان وشنو ڪري چيو آهي.

هن لکڻ مان اسين ائين چئي سگهنداسين ته ويد جيڪڏهن ڌرم جو Theorotical سوروپ آهي ته يگيه اُن جو Practical سوروپ. جهڙيءَ طرح practical کانسواءِ (سائنس ۾) theory نه ٽينديِ آهي يا theory کانسواءِ practical نه ٽيندو آهي، تهڙيءَ طرح ويد کانسواءِ يگيه ناهي ته يگيه کانسواءِ ويد نه آهي.

ويد جي معنيٰ رڳو اهان نه آهي ته چار ويد (رگويد، يجُرويد، ساموِيد، اٿَروَ ويد) جيڪي آهن پر اُهو گيان جنهن کان مٿي ڪو گيان ئي نه آهي. سرشٽيءَ جو پورو سار گيان ويد آهي. ٿوري ۾ ويد اکر جون ٽي معنائون ڏيکاريون ويون آهن.

(۱) وديتي يين س ايو ويده - جيڪو وديمان آهي تنهنکي ويد چئجي ٿو. ٿوري ۾ existence (استِتوَ).

(۲) ويتِ يسمِن ويتِ س ايو ويد - جنهن سان ڄاڻ حاصل ڪجي - گيان، اُن کي ويد چئجي ٿو.

(۳) وندَتي يين س ايو ويد - جنهن سان حاصل ڪجي اُن کي ويد چيو وڃي ٿو، اُپلبڌِي achievement.

هاڻي جيڪڏهن ويد جي مٿين معنيٰ آهي ته يگيه اُن جو practical سوروپ آهي ته يگيه مان اسانکي سُڪجهه ملِي سگهي ٿو. بلڪ يگيه ئي اسانجي progress (اُتڪرش) جو ساڌن آهي.

اسانجو شرير (جيڪو اسان جي موڪش جو ساڌن آهي شريره: موڪشسيه ساڌنم)، اَنَ مان ٺهيو آهي. اَنُ ئي اُن کي ڌارڻ جي شڪتيِ ڏئي ٿو ته اُهو اَنُ ڪٿان ۽ ڪيئن ٿو اچي، اُن تي روشني وجهندي ڀڳوان گيتا ۾ سمجهايو آهي ته،

अन्नादभवन्ति भूतानि पर्जन्यादन्न संभव:।

यज्ञादभवति पर्जन्यो यज्ञ कर्म समुदभव: ॥ ३ – १४॥

سمپورڻ پراڻيِ اَنَ مان پئدا ٿين ٿا، اَنَ جي اُتپتِي ورشا

اسٿول روپ آهي يگيہ.

هاڻي هيءُ يگيہ جو طريقو ڪهڙو آهي اُن کي ڏسڻ کان پهرين ڏسون تہ يگيہ جي شروعات ڪڏهن ٿي.

ويدانگ جيوتش ۾ اچي ٿو تہ،

वेदाहि यज्ञार्थमभि प्रवृता – कालानुपूर्वा विहिताश्च यज्ञा –

ويد جي ارٿ سمجهڻ لاءِ يگيہ ۽ وري يگيہ جي ارٿ کي سمجهڻ لاءِ ويد پرورت (پئدا) ٿيا. ڪال (time) کان پهرين يگيہ جو وڌان لکيو ويو. هن ويدانگ جيوتش جي شلوڪ ۾ يگيہ جي اُتپتي، ڪال (وقت) time، جي اُتپتيءَ کان پهرين جي ڏيکاري ويئي آهي. ڪال ٻن قسمن جو شاسترن ٻُڌايو آهي. (١) مورت ڪال، (٢) امورت ڪال. مورت ڪال جي مورتي اسان وٽ Calender جي شڪل ۾ آهي جنهن جا سيڪنڊ، منٽ، ڪلاڪ، ڏينهن، هفتا، مَهِنا، مُندون، سال وغيره انگ آهن. امورت ڪال اُهو آهي جڏهن اسين چوندا آهيون، ’اڙي، هيترو وقت گذري ويو!‘ تہ اُهو وقت جنهنجي گُذرڻ جي اسانکي خبر بہ نَٿي پوي تہ اُن کي اَمورت ڪال ڪري چيو ويو آهي. سنسار هلندو رهي ٿو پر اسانکي خبر اُن وقت جي نٿي پوي اُهو اَمورت ڪال آهي.

هنن ٻنهي وقتن کي ٻُڌائڻ لاءِ يگيہ جو اُپيوگ ڪيو ويندو هو. يگيہ جي پرٿا ڪڏهن کان شروع ٿي اُن جو تہ سوال نٿو اُٿي. سرشٽيءَ جي شروعات کان ئي يگيہ جو آرنڀ ٿيو.

گيتا ۾ اچي ٿو تہ،

सह यज्ञा: प्रजा सृष्ट्वा पुरोवाच प्रजापति: ।

अनेन प्रसविष्य ध्वमेष मोड़स्त्विष्ट काम धुक॥ ३ – १० ॥

سرشٽيءَ جي شروعات ۾ پرجاپتي (برهما) يگيہ سان گڏ سرشٽيءَ جي رچنا ڪري پرجا کي چيو تہ توهين ورڌي (progress) کي پراپت ڪريو ۽ هيءُ يگيہ توهان جون سڀئي ڪامنائون پوريون ڪندو. تہ يگيہ جي شروعات جڏهن تہ سرشٽيءَ جي ئي هڪ رچنا آهي.

شتپٿ براهمڻ ۾ اچي ٿو ته،

پُرشو ويه يگيه (۱)(جهوُ ورٹن صفحو - ۴۳) يگيه پُرش آهي.

هاڻي پُرش ڇا آهي؟ تنهن تي - يجُروید جي پُرشسوڪته جي ۱۶ منترن ۾ سرشٽي ۽ سماج کي وراٽ پُرش ڪري تمام سندر طريقي سان سمجهايو ويو آهي. (هتي اسين هن جي وياکيا ڪونه ڪنداسين.)

ويڪتي گت individual کي به اُپنشد ۾ تمام وسترت نموني سان سمجهايو ويو آهي. ۽ اُن پرش جون ۱۶ ڪلائون ڏيکاريون ويون آهن. ۽ اُهو ۱۶ ڪلائن وارو پُرش اسانجي اندر ۾ آهي.

इहैवान्त: शरीरे सोम्य स पुरुषो यस्मिन्नेता षोडश कला: प्रभवन्तीति॥

(प्रश्नो पनिषद प्र. ६ – २)

اُهي ۱۶ ڪلائون آهن،

स प्राण मसृजत प्राणाच्छ्रद्धां खं वायु ज्योतिराप:

पृथिवीन्द्रियं मन:। अन्नमन्नाद्वीर्यं तपो मन्त्रा: कर्म लोका लोकेषु च नाम च॥

प्र. ६ – ४

پراڻ، شرڌا، (۵ مها ڀُوت) آڪاش، وايو، تيج، جل، پرٿوي، اِندريه، من، اَنُ، ويريه، تَپُ، منتر، ڪرم، لوڪ، نام.

هاڻي جهڙيءَ طرح هنن ۱۶ ڪلائن سان ئِي پرش ٺئي ٿو تهڙيءَ طرح يگيه جون به ۱۶ ڪلائون آهن.

يگيه جون ۱۶ ڪلائون،

۱. ويدِي، ۲. سَميڌا، ۳. اِينڌن، ۴. اروڻِي، ۵. اگنيِ، ۶. پاتر، ۷. سرُڪ (سُرُوا)، ۸. ڪُش (ڊڀ)، ۹. آجيهاستالِي، ۱۰. چَرو استالِي، ۱۱. ڌانيه، ۱۲. براهمڻ، ۱۳. منتر، ۱۴. يجمان پتنِي، ۱۵. يجمان، ۱۶. ڦل.

هاڻي مٿين ۱۶ جو ٿوري ۾ بيان:

(۱) ويدِي - هنُ کي هَون ڪُنڊ به چيو ويندو آهي. هيءُ الڳ الڳ قسمن ۽ ماپ (size) جا ٺيندا آهن. چورس (square) سرو سڌيءَ لاءِ، اڌ چنڊ (semi circular) منوڪامنا پوري ڪرڻ لاءِ، ورتُل سچو گول circular) شانتيءَ ۽ پُشٽيءَ لاءِ، ٽڪنڊو

سان ٿئي ٿي؛ ورشا يگيه جي ڪري ٿئي ٿي؛ يگيه ڪرم جي اُپج آهي. اڳلي شلوڪ ۾،

कर्म ब्रह्मोद्भवं विद्धि ब्रह्माक्षरसमुदभवम्।
तस्मात्सर्वं गतं ब्रह्म नित्यं यज्ञे प्रतिष्ठतम्॥ ३ - १५॥

ڪرم (برهم) ويد مان پئدا ٿئي ٿو، ويد اڪشر اوناشي (پرماتما) مان اُتپن ٿئي ٿو، تنهن ڪري سروياپي (سڀني ۾ رهندڙ) پرماتما سدائين يگيه ۾ پرتشٺت آهي.

يَگيه تَپه: (تئہ.آ. ١ - ٨ - ١٠)- يگيه تپ آهي يا تپسيا سان يگيه ٿئي ٿو -

ته هاڻي ڇا يگيه جو سوروپ جيڪو اڄ اسين ڏسون ٿا اُهو آهي ڇا؟ ڪنهن هڪ ڪُنڊ (پاٽِ) ۾ ڪجهه ڪاٺيون وجهي اُنهن کي ٻاري، اُن ۾ گيهه، تيل وِجهندي يا ڪجهه جَوَ تِرَ وِجهندي، ڪجهه منتر پڙهي 'سواها سواها' چوڻ کي يگيه چئجي ٿو ڇا؟ نه ائين اصل نه آهي. هاڻي يگيه ڇا آهي، اُهو ڏسون.

متي اسان اَنُ، يگيه جي اُپج آهي. اَنُ ڪيئن ٿو پئدا ٿئي اُن تي ٿورو ويچار ڪيون ته سمجهه ۾ اچي ويندو ته يگيه ڇا آهي.

اَنُ پئدا ڪرڻ لاءِ ٻِجُ کپي. ٻِجَ کي پوکڻ لاءِ زمين - زمين به ٺيڪ اُپجائو، ٺيڪ نموني سان کيڙيل، وقت واري برسات، وقت تي ٻِج پوکڻ وغيره وغيره، ٻج روپي ڪارڻ، ٻج پوکڻ روپي ڪريا، ان روپي ڪاريه-

هن اناج جي اُپج کي اسين ڪسان جو هڪ يگيه آهي، چئي سگهون ٿا. هن ۾ ڪارڻ، ڪريا، ڪاريه (cause - process - effect) جي هڪ سٺي balance جي ڪري تمام سٺو فصل ٿئي ٿو پر جيڪڏهن ڪو به هڪڙو ٺيڪ نه ٿيو ته فصل ناس ٿي وڃي ٿو.

هاڻي يگيه ۾ ڪهڙا steps follow ڪيا ويندا هئا جنهن جي ڪري ئي يگين جو ايڏو مهتوَ هوندو هو سو ڏسون.

shape جا ٿيندا آهن، جنهن سان گيهه هون ۾ وجهبو آهي، اُن کي سُرُڪ چئبو آهي ۽ جنهن سان پورڻ آهوتي ڏبي آهي اُن کي سُرُوا چئبو آهي.
٨. ڪُش (ڊڀ) - هَوَنَ کي پوتر رکڻ لاءِ ڊڀ ڪم ۾ آڻبا آهن. ڊڀن کي وشوروپ جا روم چيو ويو آهي ۽ انڪري ڪنهن به ڪريا کي پوتر رکڻ لاءِ ڪم ۾ ايندا آهن. ڊڀن کي ڪُنڊَ جي چوڌاري ڪنهن وشيش طريقي سان وڇائبو آهي، جنهن کي ڪُش ڪانڊيڪا هون ۾ چئبو آهي.
٩. آجيهاستالي - آجيه گيهه کي چئبو آهي. جنهن ٿالهيءَ يا باسڻ ۾ گيهُه هون لاءِ رکبو آهي اُن کي آجيه استالِي ڪري چئبو آهي. گيهُه سچو ڪم ۾ آڻبو آهي. ڳانءِ جي کير مان نهيل گيهُه اُتم ليکيو ويندو آهي.
١٠. چارو استالِي - جنهن سامگريءَ سان هون ڪبو آهي، معني آهوتي ڏبي آهي اُن کي چروُ ڪري چئبو آهي. الڳه الڳه يگين ۾ الڳه الڳه شين کي مِلائي چروُ ناهبو آهي. مثال طور ديويءَ جي هون ۾، تِر، اُن جو اڌ انداز جَو، اُن جو اڌ انداز ڪچا اڇا چانور، اُن جو اڌ کنڊ ۽ اُن جو اڌ گيهه وجهبو آهي. تنهنکانسواءِ سڳنڌِي واريون شيون مثال ڪپور ڪچري، مُرسُرهِي، جافر پيٺل، لوُنگه پيٺل، فوٺا ننڍا (اِلائچِي) پيٺل، ڪيسر، ڪستوري گُگُر، لوبن وغيره.
١١. ڌانيه - الڳه الڳه پوڄائن لاءِ الڳه الڳه قسمن جا اَنَ کپندا آهن، ڪڻڪ، جوَ، مانهن، مُڱ، مسوُر وغيره مکيه آهن.
١٢. براهمڻ - هرهڪ يگيه ۾ براهمڻ جا چار groups ٿيندا آهن. هرهڪ group ۾ ڪيترا براهمڻ هُجن اُهو يگيه تي مدار رکي ٿو. چار groups آهن،
(الف) هوتا - هيءُ رگويد جي ڄاڻو براهمڻن جو هوندو آهي جيڪو آهوتي وجهڻ جو ڪم ڪندو آهي. (ب) اڌوريو - هيءُ يجُروِيد جي ڄاڻو براهمڻن جو group هوندو آهي جنهنکي يگيه جي ڪرائڻ جي وِڌِي ۽ منترن جي ڄاڻ هوندِي آهي ۽ منترن

(Triangular) روڳ، شترو ناش لاءِ وغيره وغيره...
(٢) سَميڌا - هيءَ اٺڪل ٦ انچ جي ماپ جون ٽي ننڍيون ڪاٺيون آهن جي شروعات ۾ اڳنيءَ کي وڌيڪ ٻارڻ لاءِ ڪم آڻبيون آهن.
(٣) اِيندڻ - اڳنيءَ کي پرجولت رکڻ لاءِ ڪاٺيون. انبن جي وڻ جون گهٽو ڪري ڪم ۾ آڻبيون آهن.
(۴) اروڻي - اڳنيءَ کي پرجولِت ڪرڻ لاءِ سِيني ڪان آڳاٽو (instrument)، مُنهنجيءَ سمجهه موجب تہ هيءُ هڪ ٻهريون پهريون منشيہ جو technological آوشڪار آهي. هن ۾ ٻہ ڪاٺيون هونديون آهن، جن کي پاڻ ۾ گسائيندي اڳني پرجولت ڪبي آهي. گهٽ ئي هنڌ اڄ بہ پگيہ لاءِ اڳني پرجولِت ڪرڻ لاءِ هيءُ طريقو ڪم ۾ آندو ويندو آهي خاص ڪري ڪيرالا ۾. هن کي اروڻي منٿن چئبو آهي.
٥. اڳني - اروڻي منٿن ڪرڻ سان الڳ اڳني پرجولت ڪري پوءِ ڪنڊ ۾ اُها اڳني وجهي پرڌان اڳني پرجولت ڪبي آهي. هر هڪ ڪرم لاءِ الڳ الڳ اڳنيءَ جا نالا آهن. جهڙيءَ طرح سان جيڪا اڳنِي اسين پنهنجي رڌڻ وغيره ڪارين ۾ ڪم آڻيون ٿا اُن کي پاوڪ نالي سان چئبو آهي. سورهن سنسڪارن لاءِ هرهڪ سنسڪار ۾ الڳ الڳ نالا آهن، جهڙيءَ طرح گرڀ ڌان لاءِ مرُت نالو، وواه جي هوم لاءِ يوجڪ نالو ۽ انتيشٽي (مرتيوچِتا) وقت ڪروياد وغيره. هڪ هڪ نالي ۾ الڳ الڳ ڪرم جي ڪري الڳ الڳ نالو ڏنل آهي.
(٦) پاتر - الڳہ الڳہ وستُن رکڻ لاءِ باسڻ ڪم ۾ ايندا آهن. آدِي ڪال ۾ باسڻ ڪاٺ جا هوندا هئا. جيئن وقت گذرندو ويو ڌاتوءَ جا پاتر ڪم ۾ اچڻ لڳا. اُتم باسڻ سڀ شانتِي ڪرمن ۾ هڪ ڌاتو، سون، چانديِ يا ٽامي جا ٿيندا آهن. لوه جا باسڻ ابيچار وغيره ڪرمن ۾ ڪم ايندا آهن.
٧. سُرُڪ (سُرُوا) - هيءُ ڪاٺ جا ٺهيل چمچن جي صورت ۾ هوندا آهن ۽ هرهڪ ڪرم ۽ يجمان لاءِ الڳہ الڳہ size ۽

ڪلائون، پرش جون ۽ ١٦ ڪلائون يگيه جون پاڻ ۾ ڪيئن ٿيون ٺهڪن سو ڏسنداسين.

هن مانو کي شرير آهي تہ يگيہ ۾ **ڪَنڊ** تہ مانو **شرير** چڻ تہ هن مانو روپي يگيہ جو **ڪُنڊ** آهي. جنهن سنا سان هيءُ شرير چيتنيہ ٿي ڪري چيتنيتا پراپت ڪري ٿو جنهن کي اسين life يا جيون چئون ٿا سو چڻ تہ يگيہ روپي **اگني** آهي، هن اگنيِ روپي جيون کي پرجولت (ٻارڻ) لاءِ ستو، رج، تم (3 modes of goodness, passion and Ignorance) روپي ٽي ويچارن روپي **سَميڌائون** ڪپن ٿيون. هي ويچار (modes) اڇان (active) نہ آهن تنهنڪري هنن کي پرجولِت ڪرڻ لاءِ **اِڇا** روپي **اروڻي** ڪپي ٿي جنهن جي منٿن ڪري اِنڌن سان گڏ ڪرڻ سان جيون روپي **اگنيِ** پرجولِت ٿي ڪري، **جيون** سوروپ ۾ اچي ٿو.

هاڻي هن شرير روپي ڪنڊ ۾ اهڙيءَ طرح جيون روپي اگنيِ پرجولت ٿي ويئي.

هن ڪانپوءِ **پاترن** روپي **ڪرم اندريون** ۽ **سُرُڪ (سُروا)** روپي **گيان اِندريُن** سان هن جيون روپي **اگنيءَ** ۾ positive impulsive thoughts روپي **آجيہ** (گيهہ) سان ۽ neutral impulsive thoughts روپي **چروُ** سان هون شروع ٿئي ٿو. تڏهن ويچارن کي اسٿولتوَ پراپت ٿئي ٿوو. هنن ويچارن کي جڏهن اسٿول روپ پراپت ٿئي ٿو تہ اُن ويچارن کي **درڀ** روپي protective thoughts جي هڪ Pessimistic stimulie & Optimistic جي روپ ۾ آهن اُنهن سان protect ڪيو وڃي ٿو. هاڻي هن کي **ڏانيہ** روپي **ٻل** strength جيِ ضرورت ٿئي ٿيِ ۽ هن کي experience روپِي **منترن** ۽ **من، ٻُڌِي، چتِ، اهنڪار** روپي چار براهمڻ (هوتا، اڌوريو، اُدگاتا ۽ برهمَا) جي مدد سان حاصل ڪجي ٿو.

هاڻي هن stage تي هيءُ منشيہ يا مانو سنسار مان experience پائي ڪري جيوتو پراپت ڪري ٿو جيڪو جيوتوَ يجمان پڻنيِ

جو اُچارڻ ڪندو آهي. (ب) اُدگاتا - هيءَ گروپ سامويد جي ڄاڻ رکڻ وارن براهمڻن جو هوندو آهي ۽ منتر ڪهڙي آهوتين ۾ ڪهڙي سورَ ۾ پڙهڻ کپن، اُن جو ڌيان رکندو آهي. (پ) برهما - هيءُ گروپ چئني ويدن کي ڄاڻڻ وارن براهمڻن جو هوندو آهي، جنهن جو ڪم هوندو آهي supervise ڪرڻ ته سڀ وڌيون ٺيڪ نموني سان هلي رهيون آهن. اهڙيءَ طرح چار براهمڻ (هوتا، اڌوريو، اُدگاتا ۽ برهما) گهٽ ۾ گهٽ هرهڪ يگيه ۾ هوندا آهن.

١٣. منتر - سامانتيه ويد جي رچائن - يج - گان - پدين کي چئي ڪري جڏهن هون ڪيو ويندو آهي ته اُن کي منتر چئبو آهي. منتر ڇا کي چئبو آهي اُن جي سمجهاڻي الڳ آهي. پر هتي جنهن جا اُچار ڪري آهوتي وڌي ٿي وڃي، اُن کي اسين منتر چونداسين.

١٤. يجمان پتني - يجمان پتنيءَ ڪانسواءِ يگيه سمپورڻ نه ٿيندو آهي. رڳو، جنهن وقت وديا پڙهي ڪري برهمچاري گُرو ڪُل ڇڏيندو آهي، اُن وقت يگيه ۽ پڇاڙيءَ جو سنياس وٺڻ وقت يجمان پتني نه هوندي آهي، باقي سڀني يگين ۾ يجمان پتنيءَ جو هئڻ لازمي (compulsory) آهي. راجا باليءَ جي يگيه ڪانپوءِ هيءَ پرٿا strictly follow ٿيندي آهي.

١٥. يجمان - جيڪو يگيه ڪندو يا جنهن لاءِ يگيه ڪيو ويندو آهي، اُن کي يجمان چئبو آهي، جنهن کي ئي ڦل ملندو اهي يا ڦل جو اڌيڪاري ٿيندو آهي.

١٦. ڦل - ڪامنا، اُديشيه پورتيءَ کي ڦل چيو وڃي ٿو.

اهڙيءَ طرح يگيه هنن ١٦ ڪلائن يا steps سان سمپورڻ ٿئي ٿو.

مٿي اسان لکيو آهي ته شنپٿ براهمڻ ۾ اچي ٿو ته پُرشو ويه يگيه، يگيه پُرش آهي ۽ پرشنوپشد ۾ اچي ٿو ته اُهو ١٦ ڪلائن وارو پُرش هتي اسانجي اندر ۾ آهي.

اِهي وانت: شريري° سوميه سَپُرشو، ته هاٽي هي ١٦

جئسلمير جو سئر

ڊا. جئرام تيجواڻي، پمپري، پونو

منهنجي فئملي ۽ منهنجي ڀائٽئي جي فئملي جيئن جئسلمير جي هوٽل حويليءَ ۾ گهڙي ننڍي نيٺي مئنيجر سان روم فڪس ڪندي پڻ پڻ پئي ڪئي تئن ئي هن هنديءَ ۾ پڇيو تہ ”توهان سنڌي آهيو؟ اِسان بہ سنڌي آهيون.“ تيئن ئي مون ’ها‘ چئي پنهنجي ڀائٽئي ۽ مئنيجر ڏانهن نهاريو. ٻنهي کي سنڌي هئڻ سان ڪوئي سروڪار نہ ڏٺم پر مون تہ ڦهاري جي پاڻيءَ وانگر گد گد ٿيندي پڇيو، ”پوءِ تون سنڌي چو نٿو ڳالهائين؟“

چيائين ”مونکي تہ نہ ايندي آهي پر منهنجو بابو ڳالهائيندو آهي.“

”ڪٿي آهي تنهنجو بابا؟“

”ڳوٺ ويل آهي سڀاڻي صبح جو ايندو.“

ٻُڌي ٿورو دل کي آٿت مليو تہ هت مسلمان سنڌيءَ سان پهريون دفعو مڪاميلو بہ ٿيندو ۽ ماحول بہ سنڌ جهڙو ملندو چاڪاڻ تہ هي بہ سنڌ پاڪستان مان آيل هوندو. رڻن ڪندا رهياسين، سونار قلعو، چَمُنڊا ديوي گڊ، اڪرير پرول، سورج پرول، گنيش ۽ هوا پرول. 1156ع ۾ مهاراجا جئسلمير ديو ميرو پرپات قلعو ٺهرايو هو جيڪو زمين جي سطح کان 150 فوٽ اونچو آهي. هاڻ ياترين کي ڏيکارڻ لاءِ اُتي لفٽ جا 15 روپيا ڀرڻا پوندا آهن. هت هاڻ 25 هوٽل ۽ ٻاهر سؤ دڪان آهن جتان تمام سستيون ليڊيز ڊريسون ورتيونسين.

ٻئي ڏينهن تي وري مون اِرشاد (مئنيجر) کان پڇيو تہ ”ڀائي تنهنجو بابا ڳوٺ مان موٽي آيو آهي؟“

”اجان تہ ڪونہ آيو آهي.“ ٻُڌي دل جو ڦوهارو جڻ ڍلو

روپ ۾ آهي، اڳتي ڇيتنيه روپ پائي ڪري يجمان جيڪو يگيه ڪندڙ ٿئي ٿو سو جيو (يجمان پتني) سان گڏجي ڪري جيواتما يا جيويشور سڏائي ٿو. پڇاڙيءَ ۾ هن مانو يا نرميڊ روپ يگيه جو آتم درشن، يگيه ڦل جي پراپتي ڪري مان شرير روپي استيه نه پر مان ستيه روپي آتما آهيان اهو ڦل پراپت ڪري ٿو. انڪري هن طريقي سان يگيه (ڪرم) ٻنڌن وارو نٿو ٿئي.

يگيه ڦل ٻن قسمن جو ٿئي ٿو، هڪ پرتيڪشيه، ٻيو پروڪشيه. هتي پرتيڪشيه ۽ پروڪشيه جي معنيٰ آهي ته پرتيڪشيه ڦل يگيه ڪرڻ واري کي سڌو ملي ٿو ۽ پروڪشيه وارو ڦل سندس ڪٽنب، ساٿيءَ، سماج، ديش ۽ وشوَ کي ملي ٿو.

هن discussion مان اسين هن نتيجي تي پهچون ٿا ته يگيه هڪ ڪرم ڪرڻ جو اُهو طريقو آهي جنهن جي ڪرڻ سان منشيه جو اُتڪرش ته ٿئي ئي ٿئي ٿو پر اُن سان گڏوگڏ سماج ورگ جو به اُتڪرش ٿئي ٿو (ڀلو ٿئي ٿو).

هن سڄي يگيه ڪرڻ ۾ ڏٺو وڃي ٿو ته سماج جي سڀني ورگن جي ضرورت ٿئي ٿي. يگيه ڀوميءَ لاءِ geologist، يگيه ڪنڊن ٺاهڻ لاءِ engineering ۽ رازن جي، پاٿر وغيره ٺاهڻ لاءِ artisens & craftsmen جي، ان ڏانيه لاءِ ڪرمي - ڪاسيٻنين جي، براهمڻن وغيره جي، اهڙيءَ طرح سڀ ڪنهن جي، سڄي سماج ۾ co-operation & co-ordination جي ضرورت آهي. تنهن ڪري ئي هن کي اُتم ڪرم چيو ويو آهي.

* * * * *

سنڌي پڙهون، سنڌي لکون ۽ ٻارن سان ۽ سنڌين سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهايون.

اچي سنڌي؟“

چيائين، ”مان ته اصلي جئسلمير جو سنڌي آهيان، پئسن سان پروگرام ڏاهي وندرائيندو آهيان.“

عربي لپي پني تي لکي ڊيڪاريمانس ته ڏسي عجب پيو ڪائي. ائڊريس ورتي مانس ته هنديءَ ۾ ڏنائين. چيائين، ”ڏاڏا پرڏاڏا اسانجا جئسلمير جا ۽ هتي قوم سنڌي سڏائيندا آهيون.“ اُن وقت مونکي سدا حيات شيخ اياز جا قول ياد اچي ويا

هي سنگرام ۾ سامهون آ ناراڻ شيام،
هن جا منهنجا قول به ساڳيا، ٻول به ساڳيا،
هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏٽي پر منهنجا رنگ رتول به ساڳيا،
هانءُ به ساڳيو، هول به ساڳيو،

هُن تي ڪيئن بندوق ڪڙان مان، هُن کي گولي ڪيئن هڻان مان ڪيئن هڻا مان؟... حُڪمرانن ته شيخ اياز کي قيد ڪيو پر مان ته اُن شخص کي پنهنجي ٻانهن ۾ اهڙو قيد ڪيو ۽ چيو، ”آءُ منهنجا يار منهنجي ٻانهن ۾، چاڪاڻ ته مونکي تو مان سنڌيت جي حُب اچي رهي آهي“

هن به هموطني سمجهي پاڪر پاتو، ’تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي.‘ اهو شعر سورهان آنا سچ پئي لڳو. مان خيالن ۾ هزارين ميل دور اُن ڌرتيءَ تي پهچي ويس جنهن جي مٽيءَ جو مان ڏهيل آهيان.

آخري ڏينهن تي ارشاد جي بابا صبح جو جيئن ئي مان در وٽ پهتس ته رڙ ڪئي، ”بابا“ مان به ڦوه سنڌيت جي ڦوهاري سان پريل وني اُن سنڌي مٿان ڦوهار ڪئي. ”منهنجا سنڌي سڄڻ هٽ ته ملاء يار، تن ڏينهن ڪان جيئن سسئي تڙڦي پئي پنهون لاءِ تيئن مان به تڙڦان پيو تو لاءِ.“

ارشاد واقفيت ڪرائي. اُن مسلمان مونکي سوفي تي سينگاربندي حال احوال ونڻ ڪانپوءِ چاهه ڏسي چانهن پياري. نالو پڇيومانس ته ٻڌايائين ”نور“.

وهڻ لڳو.

هئين ڏينهن تي مئنيجر جي سؤٽ جيڪو پئڪيج ناهي، ياترين کي اُت تي وٺي بيابان جو سئر ڪرائيندو هئو اُن سان ساڍي چئين بجي اُن جڳهہ تي وياسين جت اڳيم ئي اُت ۽ اُن کي لغام وجهي راهہ ڏيکارڻ وارا بندا تيار بيٺا هئا. اُٺ جڏهن هيٺان ڪان مٿي اُٿيو تہ واهہ جو للڪو ۽ وري هلڻ مهل جا جهٽڪا واقعي ۾ ڪڏهن بہ ريگستان جي ياد کي رئت پئت نہ ڪندا. جڏهن منزل تي پهتاسين تہ نظارو ريشما ۽ شيرا پڪچر وارو هئو. واريءَ جا انبار اُن مٿان تيز ترار هوا جي جهونڪن جون لڪيرن پنهنجي قسمت جي لڪيرن وانگر ٺيڙيون ميڙيون پئي ڏسڻ ۾ آيون. ڪٿي مٿاهين ۽ ڪيڏي هيٺاهين. گهڻن نوجوانن کي واري ۾ هيٺ رڙهندو ۽ ٽپو هڻندو ڏنوسين. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ اسانکي هڪ سبز سائي وشال مئدان تي ڪيڙي سان بند ٿيل اسٽان تي وٺي ويا جتي وري طنبن ۾ چانڊوڪي رات ۾ بيابان جي وايومنڊل جو مزو سڄي رات رهي ماڻي سگهجي ايترو بندوبست فئلت جي سهوليت وانگرٓ ٺهيل هو. چانهن ڪانپوءِ منورنجن جو پروگرام پڻ هئو، جنهن ۾ راجسٿان جي اِسٽائيل وارو سنگيت، چرچا هئا ۽ ٽن سندرين سنو ناچ ڪري پئي ڏيکاريو. ماڻهن کي ايتري تہ مؤج اچي ويئي جو اُنهن سان گڏ نچڻ بہ پيا ۽ گهور ۾ نوٽ بہ ڏين پيا.

ٽن ڪلاڪن جي پروگرام ۾ منهنجي اندر ۾ لهر پئدا ٿي تہ جئن ٻيا تيئن مان بہ ڇو نہ سنڌي گانن جي فرمائش ڪيان. سو مون بہ مڪہ مان ڪڍيو تہ ٻائي ڪجهہ سنڌيءَ ۾ بہ ٻڌايو. اُن تي مست قلندر واري گاني تي بہ ٻيا ديسي ۽ وديشي ياتري بہ مگڏ ٿي ٽپڻ ڪڏڻ لڳا. وري بہ منهنجو من نہ ڀريو چيم ’سنڌي ڪلام شاهہ جو، واهہ شاهہ جا ڪلام، هليا ۽ سچل سرمست جا شعر هليا، دل ڀرجي آئي. آخر ۾ مون اُن واڻئي سان ڳالهيو، چيم، ”يار توکي ڪيئن ٿي

زِندہ رهي اسانجي سنڌي ٻولي

جئشري چيتواڻي، پونو

’سنڌي‘ لفظ ٻن اکرن مان نهيل آهي. ’س‘ جي معنيٰ آهي ’سياڻا‘ (سُهڻا ۽ سڀاجها) ۽ ’ڌ‘ جو مطلب آهي ڌمال (موج) مچائڻ وارا (ڌرمي، ڌنوان). اگر اسانجي ٻولي اهڙي گُڻوان آهي تہ پوءِ اسين اُن کي ڇو وساري ويٺا آهيون؟

سنڌي پڙهون، سنڌي لکون، گهٽ ۾ گهٽ گهر ۾ تہ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ضرور ڳالهايون. جيڪڏهن اسان ائين نہ ڪنداسين تہ اسانجو وجود ئي ختم ٿي ويندو. پوجنيہ دادا جشن واسواڻي ۽ ٻيا سنت مهاتمائون پڻ پنهنجي مادري ٻوليءَ کي بچائڻ ۽ وڌائڻ جي نصيحت ڏين ٿا.

اسان سڀني جو اهو فرض آهي تہ ٻارن ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ چاهہ پئدا ڪريون. اُن لاءِ ڪجهہ اُپاوَ هن ريت آهن :

١. ٻارن لاءِ ونڊر جا ننڍڙا ننڍڙا پروگرام رکجن، اُنهن ۾ ٻارن جي عمر کي ڌيان ۾ رکي سنڌيءَ ۾ اُنهن کان ڪجهہ سوال پُڇجن ۽ سندن حوصلي افزائي ڪرڻ لاءِ کين انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏجن.

٢. سنڌي ڏڻ ملهائجن ۽ اُنهن بابت ٻارن کي ڄاڻ ڏجي.

٣. وقت بہ وقت اهڙن ننڍڙن پروگرامن هلائڻ لاءِ ٻارن کي همٿائڻ گهرجي جيئن منجهن ٻوليءَ لئہ چاهہ سان گڏ ليڊرشپ جو گُڻ پڻ پئدا ٿي سگهي.

٤. جلسن، شادين وغيره جا ڪارڊ سنڌيءَ ۾ ضرور ڇپائڻ گهرجن.

٥. سنڌي سنتن، درويشن، ڪلاڪارن، ساهتيڪارن ۽ الڳ الڳ کيترن ۾ ڪاميابي حاصل ڪيل شخصيتن جا فوٽو ڏيکاري ٻارن کي اُنهن بابت ڄاڻ ڏيڻ گهرجي.

مون چيو ”محمد!“
چيائين ”ائين ئي صحيح.“
مون پڇيو، ”ائين ڪيئن؟“
چيائين ته، ”منهنجو نالو نور خان آهي.“
”اڙي ڀائي بمبئيءَ ۾ ته خان ذات جا ڪروڙپتي آهن.“
ٻڌايائين ته، ”ٻئي ٽئين سال بمبئي ۾ منهنجا دوست آهن تن سان ملڻ ويندو آهيان. پر سنڌ جو سئر ڪيو اٿيئي؟“
”ها ها اجان گذريل سال سکر ۽ اُٻاوڙي مان ٿي آيو آهيان.“
”مان به اوٻاڙي ۾ پئدا ٿيو آهيان. ڇا ته وڏي ويو آهي اُٻاوڙو به ۽ سکر به. گهمڻ ۾ تفريح وٺڻ جهڙو آهي.“
”پوءِ ڪڏهن ايندين پوني.“
”حيات هوندس ته ايندس.“ ائڊريس جو ڪارڊ ڏنومانس.
”پر هن وقت ڪيتي ڪندو آهيان اسبگول ۽ ميهندي جي. اهي شيون گهٽ پاڻي تي نڪرنديون آهن.“
سکيو ستابو ڏسي منهنجي به دل ٿي ته جيڪر هت دواخانو کوليان.
اسان هميشه جلاوطنيءَ جي باه ۾ تڙڦي رهيا آهيون. ڪٿي به سنڌي ٻوليءَ جي مهڪ تي پنئري وانگر ڪينڇجي ٿا وڃون تئن مان به... الوداع جئسلمير...

تون ڪڏهن به اک نه ڦير، تون ره هميشه منهنجو ٻير،
گهٽ ۾ گهٽ ڪڏهن نه ڪڏهن چڪندو رهان توکي سوير سوير
الوداع جئسلمير، الوداع...

ائين گنگنائيندي دور ٿي ويس مان اُن ڪان، اُتن جي اوٺ ڪان، واريءَ ۾ وچڙڻ ڪان، ۽ محروم رهندس تنهنجي اُن ويل ڪان. ۽ پياري اهڙي وقت جي وسرڻ ڪان.

* * * * *

ڪر آشا ۽ ترشنا تياڳ
ڏي پيار تہ مليئي پيار

چندرا اين. ڪياڻي، پونو

Visa renew تي ۽ مون کي پوءِ لڳڻ شروع ٿيا. ڪرشنا گهر آيو.

ڪرشنا : ممي تنهنجي ويزا تيار ٿي ويئي آهي. هاڻ ناهيون پروگرام.

مان : نہ پُٽ، هيو ڪٿي نہ مان انڊيا وڃڻ ٿي چاهيان.

ڪرشنا : اِنڊيا؟ چو ڪهڙي خوشيءَ ۾؟ مون تہ ويچار ڪيو تہ يورپ ٽا هلون، ان ڪري توکان صلاح پُڇڻ لڳس تہ تنهنجو ڪهڙو رابو آهي. (دل ۾) منهنجون سڏون ساهيڙيون راهہ ڏسنديون هونديون.)

مان : ڪرشنا، روز روز يورپ؟ اَڃان اڳئين سال گهمي آيا آهيون. نيڪ آهي جي رشمي ۽ ٻارن جي دل آهي تہ توهين يورپ وڃو. منهنجي تہ انڊيا لاءِ Booking ڪراءِ. مان انڊيا وينديس. ڏاڍي چڪ اَٿم، ٽي سال ٿي ويا آهن Please.

ڪرشنا : As You wish نيڪ آهي.

ڪرشنا Booking ڪرائي. مونکي انتظار هو جنهن ڏينهن جو اُهو ڏينهن بہ اچي ويو. انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون. اُڏامي اچي پهتيس پنهنجي ديس. Airport تي پهچي، پنهنجي وطن کي پرڻام ڪيم. پنهنجو ديس پنهنجو آهي. بيڌڙڪ جڏهن بہ جتي کپي اچي وڃي سگهُہ، نہ ويزا جي ضرورت نہ چا. جيئن ٻاهر آيس، ٻار بيٺا هئا. اچي گلي مليا. سڀئي گڏجي گهر آياسين. گهر ۾ گهڙڻ شرط Welcome to India جي سُر سان سيني ساهيڙين سواگت ڪيو. مان وائڙي ٿي ويس. ''اَڙي، توهان سيني کي ڪيئن خبر پيئي تہ مان اڄ اچي رهي آهيان؟''

مالتي : واهہ پائي واهہ! هيڏو انتظار ڪيو اَٿئون. اڄ وينا ٻڌايو. اسين ٻن ڪلاڪن کان تنهنجي راهہ ڏسي رهيون آهيون. چندرا،

لڏ پلاڻ کانپوءِ سنڌي پارت ۾ اچي الڳ الڳ پرانتن ۾ وسجي ويا آهن. ڪير ۾ ڪنڌ جيان سمائجي ويا آهن. اُنهن جي ٻوليءَ پڻ سکي ويا آهن. اسان ڏسندا آهيون تہ ٻين ٻولين وارا پنهنجا پروگرام پنهنجي ئي ٻوليءَ ۾ هلائيندا آهن، پاڻ ۾ جڏهن ٻہ، جتي بہ گڏجندا آهن تہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي ڳالهائيندا آهن. اسان سنڌي ائين ڇو نٿا ڪريون؟

برابر، اسان سنڌين ناڻو ۽ نالو ڪمايو آهي پر اڄ سخت ضرورت آهي پنهنجي ٻولي بچائڻ جي. هڪ شاعر برابر چيو آهي، ”ٻولي جي مِٽي ويئي، سنڌي ذات نہ رهندي.“ پاڻ سان سچا ٿيون ۽ اڄ ئي اِهو انجام ڪريون تہ سنڌين سان ضرور سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائينداسين.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي (1885 - 1954)

سدا حيات پائو لعلچند امرڏنومل جڳتياڻيءَ ’هُر مکيءَ جا‘ (اتهاسڪ ننڍي آکاڻي)، ’چوٽ جو چنڊ‘ (ناول)، ’سونهارو سچل‘، ’سونهارو شاهه‘ ۽ ’بيرنگي باغ جو گُل‘ سندس مقبول رچنائون آهن.

سندس امر پُستڪ ’سون ورٽيون دليون‘ (ناول)، سنڌ ۾ ٽيليويزن تان قسطن ۾ پيش ڪيو ويو.

هن صاحب ڪيترائي نظماڻا نثر، ننڍڙيون آکاڻيون، ناٽڪ ۽ ڪيترائي مضمون پڻ قلمبند ڪيا.

سنڌي ٻوليءَ جي عالمن، اديبن ۾ هن صاحب جي اهميت پري جاءِ آهي.

مؤجوده دؤر جي سنڌي ساهتيڪارن ۾ پهرينءَ صف وارن رچناڪارن ۾ هن صاحب جو بہ شمار آهي.

در تي بيٺي. سڀ ساهيڙيون وقت سر پهچي ويون. مان بہ تيار هئس. لڇميءَ کان Shopping bags کڻائي اچي Van ۾ وينس.

مالتي : چندرا، پائي ڪو پڄڻ ڳاء تہ رستو جلد ڪٽجي.

سيئي جڻيون ڳائينديون وڄائينديون اَڌ ڪلاڪ ۾ اچي Elders Home وٽ پهتيونسين.

اندر اچڻ سان ڪائونٽر تي ويٺل ليڊيءَ کي پنهنجي سڃاڻپ ڏيئي Elders سان ملڻ جي اِجازت ورتيسين. هُن اسانکي هڪ چوڪرو ڏنو. اُن کي تاڪيد ڪيائين تہ هو اسانکي سڄو Elders Home ڏيکاري. جڏهن اسان آنڌل ٿولن واريون Bags کڻي اڳتي وڌڻ لڳيونسين، هُن ليڊيءَ پٺيان سڏ ڪيو، ”Excuse me.“

اسان پٺيان نهاريو. هُن چيو، ”مئڊم، توهان هنن Bags ۾ ڇا کڻي وڃي رهيون آهيو؟ مهرباني ڪري اُهي Bags سڀ هتي رکو. توهان صرف پرسون کڻي اندر وڃي سگهو ٿيون. اُهو هتي جو قاعدو آهي. ڇا توهان Notice Board ڪانہ ڏٺو؟“

مان : پر هنن Bags ۾ صرف ٿورا ٿول ۽ فروٽس آهن جي اسان سيني کي ڏيڻ لاءِ آندا آهن.

ليڊي : توهان اِهي سڀ هتي رکو. اسان پاڻهي هُنن کي کاڌي کائڻ وقت ڏينداسين.

بحث ڪرڻ واجب نہ سمجهي، آندل Bags اُتي ئي رکي اسين هُن چوڪري سان گڏ هلڻ لڳيونسين.

هال ۾ سٺو ڪارپيٽ وڇايل هو. سامهون ڪرشن ڀڳوان ۽ ٻين سيني ديوتائن جون مورتون رکيل هيون. هُن ٻڌايو تہ هيءُ ستسنگ هال آهي. روز شام جو پنجين بجي کان ڇهين بجي تائين ستسنگ ڪيرتن ٿيندو آهي. First floor تي ڏهہ روم هئا. جن ۾ ڪي Private room ۾ رهي رهيا هئا، ڪي وري Sharing ۾. ٻہ زالون يا ٻہ مڙد. بندوبست ڏاڍو سٺو هو. هڪ وڏو ڊائيننگ هال هو، جتي هرهڪ زال ۽ مڙد لاءِ کاڌي کائڻ لاءِ ٽيبل ڪرسي رکيل هئي. کاڌو کائڻ وقت هرڪو ٽيبل ڪرسيءَ تي ويهي کاڌو

توکانسواءِ تنهنجي ڪمي محسوس ٿي ٿئي.

ساهيڙيون ڏسي منهنجو ٿڪُ ئي ڪافور ٿي ويو. سڀني ساهيڙين سان گلي ملي گڏيس. راموءَ چانهن جو اڳ ئي بندوبست ڪيو هو. هٿ منهن ڌوئي آيس. سڀني گڏجي چانهه ناشتو ڪيو. حال احوال ڏيئي وٺي، پنهنجي پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيون. پر هي ڇا؟ سڀ هڪ ٻئي کي اکين جي اِشارن سان ڪجهه ڪُجهه چئي رهيون هيون. مون سوچيو ضرور دال ۾ ڪُجهه ڪارو آهي.

مان : پائي ڇو مُنجهيوُن آهيو؟ ڇا منهنجي گهر جو Exit وسري ويو اَٿوَ يا وري ڪُجهه ٻيو آهي؟ اَڙي منهنجو ٿڪُ ته توهانکي ڏسي، توهان سان ملي لهي ويو. ٻڌايو ڇا ڳالهه آهي؟

ريڪا ڪان رهيو نه ٿيو.

ريڪا : چندرا، سڀاڻي جو ڪهڙو پروگرام آهي؟ ڪُجهه سوچي آئي آهين؟ ايندي ضرور ڪجهه سوچي آئي هوندينءَ.

مان : پائي، مون ته اَڃان ڪجهه ڪونه سوچيو آهي. ٻه ٽي ڏينهن ترسو، يوجنا ٺاهڻ لاءِ وقت کپي نه؟

مالتي : اَڙي هولي ويجهي آهي. مون سوچيو آهي ڇو ڪونه Elders Home ۾ هلي ٻُڍڙن کان حال احوال وٺون. اُنهن سان هولي کيڏون. ٿورو گلال هڻون، ٿورا گيهر کارايون. ٻڍڙا خوش ٿيندا. ڇا ٿيون چئو، آهي منظور؟ پائي، اسانجو ٻه ٻڌاپو ايندو. ڪجهه پوکيون ته لڻون.

هري : ممي، تنهنجي اچڻ کان اڳ تنهنجي ساهيڙين پروگرام ٺاهي رکيو هو، رڳو تنهنجي اچڻ جي دير هئي. ڏس، مون کيترا نه ٿول وٺي آڻي رکيا آهن. تازن گيهرن جو آرڊر ڏيئي آيو آهيان. Fruits آڻي رکيا اٿم. جي دير ڪندينءَ ته خراب ٿي ويندا. ڪيئن ٺيڪ آهي نه؟

مان : .O.K، شڀ ڪم ڪرڻ ۾ دير ڪرڻ واجب نه آهي.

سڀ هڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجي پنهنجي گهر روانيون ٿي ويون. ٻئي ڏينهن صبوح جو اٽڪل يارهين بجي Van اچي

چو مونکي اميءَ تي ڏاڍو قياس پيو پوي. اندر پيو روئي. ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي هنن ٻُڍڙن. ٻڍاپي ۾ هيءَ سزا ڇو ٿي ملي؟

مان : اَمي، مان توهانجي ڏيءُ نه ڪانه آهيان، پر ها، توهانجي ڌيءَ برابر آهيان. مونکي هاڻ دير ٿي ٿئي، مون کي گهر وڃڻو آهي.

اَمي : اڙي، جهڙا تنهنجا پائر تهڙي تون ٿيئن، مان به چوان ته ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن، تو منهنجي خبر چو ڪونه لڌي آهي؟ ڏس روئي روئي اکيون ئي وڃائي ڇڏيون اٿم. ڀلا اکين لاءِ ڦڙا وٺي آئي آهين؟ ڌيءَ، ڏينهن ڏينهن نظر گهٽجندي ٿي وڃي. تون خوش ته آهين؟

مان منجهي پيس. منهنجو من زار زار روئي رهيو هو، پر مان ڪجهه به ڪري ڪانه پئي سگهيس. جيئن تيئن پاڻ ڇڏائي اُٿڻ چاهيم ته اميءَ سوگهو پڪڙي ورتو. هوڏانهن ساهيڙين جا فون مٿان فون ته جلد لهه. جيئن تيئن اُٿي، پاتل شال اَميءَ کي پاتم.

امي : هاڻ قياس پيئه نه ماءُ تي. ڀلا هونئن جو پرس ۾ لڪائي منهنجي لاءِ ٽول آڻيندي آهين، اَڄُ ڇا ڪٺي آئي آهين؟ ٻُڌاءِ ڌيءَ ٻُڌاءِ.

پرس کوليم. اُن ۾ هڪ ننڍو گلوڪوس بسڪيٽ جو پئڪيٽ پيو هو، هڪ پرساد ۾ مليل Dry Fruits جو پئڪيٽ به هو. چُپ چاپ ڪڍي اميءَ کي هٿن ۾ ڏنم، شايد هٿن ۾ ڪجهه ملڻ سان آٿت محسوس ڪيائين.

امي : مان به چوان هونئن نه هميشه اچڻ شرط ٽول ڏين. اَڄُ وسري ويو هُئه نه؟

اميءَ کي آٿت آيو ڏسي مان جلد اُٿي هيٺ آيس.

سيئي ملي : پائي چندرا، اسانجي نه پيٽ ۾ ڪوئا پيا ڊوڙن. هلون ڪنهن ويجهي هوٽل ۾ هلي Lunch ڪريون. الائجي چو مان اميءَ جي هيءَ مجبور ۽ ڏُکي صورت وساري ئي ڪانه سگهيس. بس ٻُڍاپي ۾ اوُلاد هوندي به هيءَ حالت آهي؟ شايد

ڪائي پيو.

اسانکي صرف ڏيڍ ڪلاڪ هو سڄو هوم ڏسڻ لاءِ. اسانکي جلد جلد ڏسڻو هو ڇاڪاڻ جو هڪ بجي Lunch Hour هو.

جيئن سيني سان مليِ باقيِ هڪ روم ۾ ٻه اَميون رهيون پيون هيون. هڪ اَميِ يا ته باٿروم ۾ يا وريِ ٻيو ڪٿي وئيِ هئيِ. باقيِ هڪ اَميِ ڏاڍو روئيِ رهيِ هئيِ. مون کان رهيو نه ٿيو. اڳيان اچيِ، ٿورو ڀاڪر پائي،

مان : اَميِ، ڇا توهانکي ڪا تڪليف آهي جو ائين روئيِ رهيا آهيو؟ اَميِ مونکي ٻڌايو، مان مدد ڪي ڇئيِ اچان.

اهو ٻڌي اميءَ جو روئڻ بند ٿيِ ويو.

اَميِ : اَئيِ نه نه، مدد ڪي نه وجيِ ڇُڪليِ هڻ. تون وري ڪٿان آئيِ آهين منهنجو ڏک ونڊڻ؟ ويا هليا، سڀ هليا ويا، مونکي هتي اڪيلو ڇڏي ويا. هيترن سالن ۾ سُڌ ڪانه لڌيِ اَٿن. آئيِ آهين ۽ وقت اٿيئيِ جو منهنجي ڏُکن جو داستان ٻُڌين؟ مان ڪو اڻپڙهيل ڪانه آهيان. مان پڙهيل ڳڙهيل هڪ ٽيچر آهيان. پر ڏس، ڏسُ پنهنجي لاءِ ڪجهه به ڪونه رکيم. جنهن ست ڦيرا ڏيئيِ قسم کاڌا هئا، اُهو ته رڻ ۾ رُلائي رمندو رهيو. هيِ ڏکه رات ڏينهن جا ڏيئيِ. الائجي اَجان ڪيتريِ عمر آهي. سڄو ڏن لُٽيرا لُٽي ويا، ڦلو ڪري ويا آهن هتي اڪيلو. مان راٽيِ هُئس راٽيِ.

اميءَ پئي ڳالهايو، مون سوچيو ڪجهه وقت اميءَ سان ويهيِ هُن کي آٿت ڏجي. پر پينروَن پيون خفي ٿين، سيئيِ کِسڪڻ لڳيون.

مالتيِ : چندرا، ٺيڪ آهي. وقت ڏسجِ. اسين گهُميِ ڦري هيٺ تنهنجو انتظار ڪنديونسين.

چندرا نالو ٻُڌي، اميءَ جي منهن ۾ جڻ چمڪ اچيِ وئي.

اَميِ : اَئيِ چندرا... مونکي چنبڙيِ پيئيِ. ڪڏهن آئيِ آهين. هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ ڇا ماءُ کي وساري ڇڏيو اَٿيئيِ؟ منهنجي ٻانهن کي جڪڙيِ، ڀاڪُر ۾ ڀريِ چُمڻ لڳيِ. الائجي

هن Elders Home ۾ پهچائين. جيڪڏهن اَولاد سان رهي پيڙهو سٺي نموني گذارڻو آهي، جيئن جيئن عُمر وڌي ته آش ۽ ترشنا بن ڳالهين تي پهريون ڪنٽرول ڪرڻ ضروري آهي. آش اڄڪلهه ڪنهن مان به نه رکجي. اَولاد مان به نه. نه وري ڪا ترشنا رکجي. جيڪو به هلي پيو يا وري جيئن به اَولاد چاهي، اُنهن سان پيار سان هلبو ته پُڙهاپو سٺو گذرندو. منهنجو اهو رايو آهي. جيڪي به ٿئي واه واه! اُن ۾ پنهنجو به سٺو جيون گذرندو ۽ ڪير مائٽ مان پريشان به نه ٿيندو.

مان : اهو سچ آهي، پر...

ريٽا : مان تي توکي اکين ڏٺو مثال ٻڌايان. ممبئي چيمبور ۾ هڪ فئملي آهي، جنهن سان منهنجو گهرو رستو آهي. گهر جو وڏو دادا رٽايرڊ پوسٽ ماسٽر آهي. هُن کي چار پُٽ ۽ ڌيئر آهن. ڌيئر ته شادي ڪري پنهنجي گهر، پُٽ چار ئي شادي ڪري الڳ الڳ وڃي رهيا آهن. پاڻ ننڍي پُٽ سان رهندو آهي. هن وقت +95 آهي. توهين وشواس ڪانه ڪنديون، پنهنجو سڀ ڪم پاڻ ڪندو آهي. جهڙوڪ سنان ڪرڻ، نتيه ڪريا، ڪپڙا بدلائڻ، کاڌو کائڻ. ايتري قدر هن جا هٿ پير ڏڪندا آهن ته به لٺ جو سهارو وٺي رنڌڻي تائين هلي پاڻيءَ جي باٽل به پاڻ ڀري اچي، پاسي ۾ ٽيبل تي رکندو آهي. ڪڏهن به پُٽ نُنهن يا پوٽن تي حُڪم ڪانه هلائيندو آهي. نه وري ڪڏهن نُنهن پُٽ کي ڪا فرمائش ڪندو آهي ته هي ڪيو، هُو ڪيو. تڏهن ئي هو نُنهن پُٽ، پوٽن سان هن عمر تائين خوش رهي رهيو آهي. دادا مان گهر جو ڪوبه ياتي تنگ ڪونه آهي. پڇاڙي سٺي نموني ٻارن سان رهي گذارڻي آهي ته پنهنجي آش ۽ ترشنا ماري ڇڏجي. ٻار دادا جو ڏاڍو ڌيان رکندا آهن. ڪابه شيءِ ٿول يا فروٽ گهر ۾ اچي، پهرين دادا کي کارائي پوءِ پاڻ کائيندا آهن. اِهو سبق اسانکي پڻ هاڻ کان ئي سکڻ کپي.

مان : ريٽا، سچ چيو اٿيئي. اسان اڄ جيڪا Elders Home

سيني جي هتي اِها حالت آهي. مان تہ صرف هڪ اميءَ سان گڏيس. مونکي هيئن چُپ ڏسي

ريٽا : ڇو ڀائي چندرا، ڪهڙا پاڻيءَ جا جهاز ٻُڏي ويا اٿيئي. اسين ڪجهہ چئي رهيون آهيون. ڏي ڪو ٽِڙو نڪاءُ تنهنجي هيءَ چپ... ڀلا ڪر خبر، پنهنجي شال ڪٿي وساري آئي آهين؟ اسانکي تہ لڳي ٿو تہ اسان کان وڌيڪ ٿُڪ توکي لڳي آهي، ائين نہ؟

ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون.

منهنجي اندر ۾ اڃان بہ ٻڍاپي جو خوفناڪ دِپ هو. ڪاڏو ٽيبل تي اچي چُڪو هو. مالتي ۽ ريٽا تہ ڪاڏو کائڻ ۾ مشغول ٿي ويون، پر منهنجي ذهن ۾ اڃان بہ اميءَ جو لاچار ۽ بيوس چهرو ليٽا پائي رهيو هو. اندر ۾ اهوئي سوال پيو اُٿي، ”هيءُ ڪهڙو جيون آهي؟ جو جيون کان بہ بدتر آهي.

مالتي : چندرا ڀائي توکي ويٺي ڏسان، تون چپ ڇو آهين؟ ڪاڏو کاءُ. مونکي ءِ لڳي ٿو اندر اميءَ وٽ ويهي مال مليدا کائي آئي آهين.

مان : توهين کائو، مونکي ٿُڪ ڪانہ آهي.

ريٽا ،: ٿُڪ ڪانہ آهي يا ورِي اسان کان ڪجهہ لڪائي رهي آهين؟

منهنجي اکين مان زار زار ڳوڙها وهڻ لڳا. روڪڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪرڻ باوجود پاڻ کي سنڀالي ڪانہ سگهيس.

ريٽا : (ڪاڏو اڌ ۾ ڇڏي) اڙي، ڇا ٿيو چندرا؟ ڪاڏو تہ کاءُ. ڪر خبر؟ ڇا امي تنهنجي ڪا مائٽيائي تہ ڪانہ هئي، جو ايترو ڏُکي ٿي رهي آهين؟

مان : ٻيو ڪجهہ ڪونهي. بس ٻڍاپي جي هيءَ حالت ڏسي مان اندر ئي اِندر ۾ ڏکي رهي آهيان. هيءُ ڪهڙو جيئڻ آهي؟

مالتي : ڇڱو، هاڻ پاڻي پيءُ، ٿڌي ٿيءُ. (پاڻيءَ جو گلاس ڏيندي) هي جيڪي وڏا مائٽ آهن، اُهي پاڻيهي ٿا پاڻ کي

جيون جيئڻ جي ڪلا

چوهڙلعل ڪيسواڻي، ’لعل‘، ٺاٺا

’زندگي زندهہ دلي جو نالو آهي، مُرده دِل ڇا خاڪ جي سگهندا آهن؟‘ يا ’چَلنا جيون ڪِي ڪهاني رُڪنا مؤت ڪي نشاني‘ يا ’جِن مؤت کي سمجهيو آهي، اُهي ئِي خوشيءَ سان جي سگهندا آهن.‘ اِهي سڀ چوڻيون ڪيتري قدر برابر آهن، اُهو هر ڪنهن جي پنهنجي نجي سوچ تي مدار ٿو رکي. پر مان تہ ائين چوندس تہ جيئڻ لاءِ يعني خوشيءَ سان جيئڻ لاءِ، جيئڻ جي ڪلا، رمز جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي.

اسانکي جنم مليو آهي، ڪيترين جوڻين ڪانپوءِ، اِهو ڪرم چڪر آهي بہ يا نہ؟ ڪيترن جو ڪرما ٿيئريءَ ۾ وشواس آهي تہ ڪيترا اُن کي نٿا مڃين. ڇي ماڻهو مرڻ کانپوءِ ماڻهو ئي ٿيندو. جانور وري جانور جي جوڻ ۾ ايندو ۽ پکي وري جنم پکيءَ جو ئِي وٺندو. مان ٿو چوان جي توهانجو ڪرم سڏانت ۾ وشواس ڪانهي تہ پوءِ ڪيئن ٿا چئو تہ ماڻهو مرڻ کانپوءِ ماڻهو ٿِي ايندو. آتما جيڪا مُول جوت آهي، جيڪا شرير جي دل و دماغ جي اِنجڻ آهي يا سمجهو پاور آهي، ڪرنٽ آهي، اُها ئي اُڏامي وڃي تہ اُن کانپوءِ هِي شرير تہ رکڻ لائق ئِي نٿو رهي، جرمس اچي شرير ۾ واسو ڪن ٿا، لاش مان ڪجهہ وقت کانپوءِ دُرگنڌ اچڻ لڳي ٿي. چمڙي ڪاري ٿيڻ شروع ٿئي ٿي. ڪيترا وڏا سچا بہ لاش کي وڏيڪ دير تائين ڏسڻ جي همت نہ ڪندا آهن. شاديءَ تي گهوٽ کي نوٽن جا هار وجهبا آهن، پر مرڻ کانپوءِ پراڻيءَ تي گُلن جا هار ئي وجهبا آهن، پل ڪيترو بہ ڪروڙپتي سيٺ ڇو نہ گُذاري وڃي. گُلن جي خوشبوءِ ۾ پراڻيءَ جي بوءِ دٻجي ويندي آهي. شمشان ڪٽي وڃڻ وقت مرهڻ ۽ ٻين ذاتين ۾ هڪ ڇٽو، گهڙو ڪري جيڪو

۾ Elders جي بيوسيءَ ۽ لاچاري ڏني آهي، پلي اُتي هنن کي سؤ سُکہ ٿا ملن. شام جو ستسنگ، وقت تي کاڌو پيتو، پر اهڙا سُکہ کهڙي ڪم جا، جي اؤلاد کان پري رکن. مان تہ اَڄُ جيڪا هڪ اميءَ جي حالت ڏسي آئي آهيان، اؤلاد لاءِ تڙڦ اُف... مان ڪانہ وساري سگهنديس. پٽ ورائي ڪنهن بہ ڪانہ ڏني آهي. مان تہ قسم تي ڪٿان آشا ۽ ترشنا تياڳڻ ضروري آهي. پيڻ، اسان سڀني کي هاڻ ئي انهن ٻن ڳالهين جو خاص ڌيان رکڻ گهرجي. هر حال ۾ راضي رهڻ ۾ ئي ٻنهي جي ڀلائي آهي. مائٽ/ جي بہ تہ اؤلاد جي بہ. تنهنجو هري پڻ هڪ Example آهي.

مالتي : سچو ڏينهن گڏ گذاريوسين، ڏاڍو سٺو لڳو. وري ٻئي دفعي، ڪافي وقت تي ويو آهي. هاڻ گهر هلڻ کپي. گهوٽ ۽ ٻار ڪڏهوڪو گهر اچي ويا هوندا.

واچ ڏسندي، ”ائي رات جا اَٺ لڳي ويا آهن. هلو هاڻ هلو. هري Van ۾ Wait ڪري رهيو آهي.“

سڀ اچي Van ۾ ويناسين. اَڌ مُني ڪلاڪ ۾ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر وٺ لهي، هڪ ٻئي کي هري اوم ڪندو ويو.

ريٽا : چڱو چندرا، مالتي، گُڊ نائيٽ. ٻي وري ملاقات ٻئي پيري. اول خئر. پر سچ تي چوان، تنهنجي پُٽ هريش کي شاباس هُجي جنهن سچو بندوبست ڪيو آهي.

مان : ريٽا، وري چڱُہ، آسرو گُروءَ جو. جيڪو سٺي سمجهہ ۽ سُمت ڏيندو اسانجي پڇاڙي سُٺي ڪندو.

مالتي : پوءِ ياد. ڪجو پڇاڙي سُٺي ڪرڻ پنهنجي وس آهي. اهو سبق ياد رکجو. ٻين ڀينرن کي بہ اها سکيا ڏجو. ٻُڍاپو سکيو ڪرڻو آهي تہ ”ڪر آشا ۽ ترشنا جو تياڳہ.“

آسرو گُروءَ جو، آسرو گُروءَ جو

* * * * *

ڪجهه وقت سجايو ڪن ته اُنهن کي شايد نصيب سان ميڊيٽيشن وقت يا سَپني ۾ اڳواٽ ئي پنهنجي وجود جي سمڪ پوندي آهي. وڏيڪ کولي لکان ته جيئڻ جي ڪلا آهي هڪ ته ’شُڌ ۽ صاف جيون جيئجي، جنهن ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون اچي وڃن ٿيون، جهڙوڪ :

١. سويل سُمهجي، سويل اُٿجي.

٢. سمهڻ وقت بستري تي ۽ اُٿڻ وقت به زمين تي پير رکڻ کان پهرين بستري تي ويهي ڏاڍي جا شڪرانا مڃجن، جي ياد آهي ته ڪيل گناه بخشائجي ۽ روز سُٺن ڪمن ڪرڻ لاءِ شڪتي گهُرجي. وشواس رکون ته سِپني کي اِهو ڪم ڪرڻ ۾ مزو ايندو.

٣. سچ ڳالهائجي، مِٺو ڳالهائجي، ٿورو ڳالهائجي. ڳالهائڻ کان وڌيڪ ٻُڌڻ ۽ سمجهڻ جو شونق رکجي. مؤن آهي سون ۽ Silence is silver

٤. سُٺو کائجي، گهُرج کان ٿورو گهٽ کائجي. ائين سمجهون ته ٿورو گهٽ کائي پنهنجو ڪجهه حصو ٻئي کي ڏنوسين. ائين گهر جي ٣-٤ ڀاتين جي ٿوري گهٽ کائڻ سان گهر جو يا پاڙي جو ڪو غريب نوڪر يا ٻار پلجي پوندو.

٥. صاف ڪپڙا پائجن ۽ پوُرا ڪپڙا، آبهوا موجب ڪپڙا پائجن.

٦. ڪم ۾ پاڻ کي مشغول رکجي. روز جي سميه سارڻي، ٽائيم ٽيبل ٺهيل هجي. ڪيترو وقت ضروري حاج لاءِ، پوءِ اخبار پڙهڻ يا نيوز ٻُڌڻ لاءِ ڏجي. دنيا ۾ رهٺو آهي ته دنيا جي خبر هئڻ ضروري آهي. شهر ۾ هڙتال هجي يا لوڪل گاڏيون بند هجن يا پيٽرول پمپ اُن ڏينهن تي بند هُجن ۽ بي خبريءَ سان ٻاهر وڃون ته اِهو ٿيو پنهنجو وقت برباد ڪرڻ ۽ موٽڻ جي تڪليف ۽ گهروارن کي به پريشان ڪرڻ.

٧. گهٽ ۾ گهٽ ١٠ منٽن کان ٣٠ منٽ پوجا ڪرڻ يا Meditation ڪرڻ يا يوگا ڪرڻ گهرجي. جي اجان به سويل اُٿون ته نيوز ٻُڌڻ کان پهرين به اَڌ ڪلاڪ سماڌِي - پرگيا - وِپسنا کي

پنِي پائيندو آهي، يعنِي ڪرياڪرم ڪرائيندو آهي، اُهو نِڪر جي مٽڪيءَ ۾ ڇيڻا ٻاري هلندو آهي ۽ اُهو ئِي لاش کان اڳ، لاش سان گڏ هلندو آهي، جيئن ڳانءِ جي گوبر جي دونهين تي جرمس پراڻيءَ کان پري ئي رهن. ساڳيوئِي سبب آهي تہ مرِي وڃڻ کانپوءِ لاش کي لاهي هيٺ سمهاريو آهي، اُتر پاسي مٿو ڪري ۽ مٿن کان جوئر رکِي اُن جي مٿان ڏيئو ٻاري رکيو آهي تہ جئن جوت جي ڏپ کان جرمس پراڻيءَ جي مُک جي ويجهو نہ اچن. اجان بہ خبرداريءَ لاءِ مُردي جي نڪ ۽ ڪنن ۾ ڪپهہ وجهِي ڇڏبِي آهي، اکيون ۽ وات بند ڪري ڇڏبو آهي. اسين هندو تہ ايترا خبردار آهيون جو سَرَ تان تِي اچڻ کانپوءِ پهرين سنان ڪري ڪپڙا بدلائيندا آهيون. اُن جو سبب ڪو ڇوتر - اَڇوتر سان نہ آهي پر جرمس سان آهي. اِن ڪري ڪيترا پراڻيءَ کي سَرَ تي ڪُلهو نہ ڏيندا آهن، نہ تہ وچِي سنان ڪرڻو پوندو ۽ ڪيس شايد سَرَ کانپوءِ سڌو ڪٿي ٻئي پاسي وڃڻو هوندو آهي. ڪُلهو ڏيڻ يعنِي پراڻيءَ جي ويجهو وڃڻ، يا جرمس جي نِڪٽ وڃڻ. ڪُلهو ڏيڻ سان اسين پراڻيءَ لاءِ شرڌا يا عزت ۽ اَدب جو اظهار ڪيون ٿا، ائين غلط آهي. باقِي ڪُلهو ڏيڻ ضرورِي بہ آهي، نہ تہ فقط چار ڪانڌي، چار ماڻهو ڪُلهن تي ڪائِي ڪيترو وقت ڪڻِي سگهندا؟ ٿورو - ٿورو واري سان ڪُلهو ڏيڻ سهڪار جي نشانِي آهي. اِهوئِي وقت آهي جتي اسين اچِي بنا ڪنهن جي چوڻ جي هڪ ٻئي کِي مدد ڪندا آهيون جيئن گهر جي ڀاتين ۽ مٿن مائٽن جو ڏُک گهٽجي ۽ کين تڪليف سهڻ جي شڪتِي مِلي.

ڳالهہ پي ڪئِي زندگيءَ جي تہ پهچِي ويس موت تي، موت اڻ ٽر آهي؛ پر اُن جي چنتا ڇو ڪجي؟ جنهن ڳالهہ ۾ اسانجي پسندي - ناپسندي پُڇِي نٿِي وڃي پوءِ ڇو اُن جو ويچار ڪري پاڻ کي ڏُکِي ڪيون. ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪيئن مرڻو آهي، اِها خبر شايد ڪنهنکي هوندي يا پوندي هوندي. جنهن پريوءَ سان سچِي لِنو لاتِي آهي، جيڪي ساڌنا - سماڌي - اُپاسنا ۾ پنهنجو

يا ٻہ (ڀاڄي + دال) کائجن تہ هاضمو سُٺو رهندو آهي ۽ انهن جي طاقت ۽ وٽامنس برابر ملندا آهن، باقي تہ زبان جو چشڪو.

هفتي ۾ هڪ ڏينهن يا هڪ ويلو پاڻ کي فقط فروٽ ۽ سلاد تي رکون. انگريزي دوائون ۽ جُلاب وٺڻ کان تہ پاڻ کي هفتي ۾ هڪ ڏينهن صبوح جو مگن جو پاڻي يا ڪريلي جي رس يا Wheat - grass جي رس وغيره وٺون. نيرڻ نہ ڪريون جئن ڪولسٽرل (چربي)، هاضمو، شگر (ڪنڊ) ۽ پيشاب جي بيماري (Kidney Trouble ويجهو اَچي ئي نہ سگهن.

١١. ڪاڏي وقت من ۾ سُٺا ويچار آڻيون. اُن وقت ڪو سُٺو T.V. پروگرام، کِل مسخريءَ وارو يا ڪا سُٺي ٽيپ هلندي هُجي يا وٽندڙ ميوزڪ هجي تہ سُٺو. ڪاڏي وقت اَخبار پڙهڻ يا ٻيو ڪو ڪم گڏوگڏ چنتا ۾ ڪرڻ سان هاضمو خراب ٿيندو آهي. ڪاڏي کائڻ کانپوءِ 100 قدم ڪٽي 15 - 10 منٽ آرام ڪجي جئن دماغ جيڪو اسانجي شرير جو CPU (Control Processing Unit) آهي. ڪاڏي کائڻ وقت اسانجي پيٽ، آنڊن، جيري وغيره ٻين باڊي پارٽس کي جيڪي حُڪم ڏئي ٿو تہ ڪاڏي کي هضم ڪريون تہ اُهي ٻيو ڪو ڪم نہ ڪري اسانجي ڪاڏي کي هضم ڪرڻ ۾ لڳن ۽ شرير کي طاقت بخشين.

١٢. شام جو هلڪو ناشتو ڪرڻ بہ ضروري آهي. 5 - 4 ڪلاڪن کانپوءِ آنڊي مان هاضمي جون رسون نڪرن ٿيون اُنهن کي جي کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ مليو تہ هو اسانجي شرير مان ئي ڪجهہ کائي پورت ڪنديون آهن.

ٻي ڪلا آهي من کي وس ۾ رکڻ. وڏيڪ اِڇائون نہ رکون. اِڇا رکڻ ضروري آهي، جو اُميد جي آڌار تي ئي انسان جيئي ٿو. اُميد رکون هڪ سائين ۾. ٻين جي هلت ڏسي، پنهنجون گهُرجون ۽ اِڇائون نہ وڌايون. هن جنم ۾ جيڪي بٽيا آهيون،

ڏيئي پنهنجو من پرسن ڪري سگهون ٿا.

٨. ناشتو ڪري، ڳهٽ ۾ ٥-١٠ منٽ گهروارن سان حاليِ اَحواليِ ٿجي. اُن ڏينهن ڪير ڪيڏانهن ويندو، ڪهڙو گهر جو ڪم ڪير ڪندو اِهو سمجهي پوء پنهنجي ڌنڌي يا نوڪريءَ لاء روانا ٿيون.

٩. ڪم وقت پنهنجي وهڻ جو پوسچر Posture صحيح رکون. پنهنجي ڪُرسيِ قد ۽ وزن موجب هئڻ گُهرجي جئن وڌيڪ جهُڪٽو نہ پوي يا بي آراميِ نہ ٿئي. زوريءَ شرير کي مٿي ڪري لِڪٽو يا ڪم ڪرٽو نہ پوي. نہ تہ اِسپائينڊل يا ڪرنگهي جي هڏي يا پيرن ۽ پنبڙين ۾ چڪ جيِ بيماريِ ٿيِ سگهي ٿيِ.

ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ هنڌ ويهيِ ڪم نہ ڪريون. هڪ هنڌ تي وڌيڪ وهڻ سان Acidity، پيٽ واءُ، پيٽ جيِ هرنيا، قبضيِ وغيره جون تڪليفون ٿيڻ جو امڪان رهي ٿو. وچ وچ ۾ اُٿون، ڳهٽ ۾ ڳهٽ ١٠٠ (سؤ) قدم هليِ اچون. هر ٻيِ ڪلاڪي هڪ گلاس پاڻيِ پيئون. پاڻي هميشه ويهيِ پيجي تہ شرير کي وڌيڪ (خاص ڪري پيٽ کي) ٿڌاڻ بخشي ٿو. ياد ڪريون ڪاڌي کائڻ کان اڌ ڪلاڪ پهرين ۽ ڪاڌي کائڻ کان ڪلاڪ پوء ئيِ پاڻيِ پيئڻ گهرجي، وچير يا مٿان فقط نڙيِ (ڪاڌي جيِ نليءَ) صاف ڪرڻ لاء هڪ-ٻہ ڍُڪ ئيِ جي گهُرجي تہ پيئجي. چانورن جي مٿان يا وچير وڌيڪ پاڻيِ پيئڻ سان پيٽ ٻاهر نڪري ٿو. چوندا آهن تہ :

ڪاڌي کان پهرين پاڻيِ پيئي - سو يوگيِ
ڪاڌي جيٓ وچير پاڻيِ پيئي - سو روگيِ
ڪاڌي کانپوء (هڪ ڪلاڪ ڳهٽ ۾ ڳهٽ) جو پاڻيِ پيئي - سو جوگيِ

١٠. جي ٿيِ سگهي تہ هڪ وقت تي هڪ اَن کائجي، چانور تہ چانور، ڦُلڪو تہ ڦُلڪو، ڍوڍو تہ ڍوڍو ۽ ٻاجيِ ٻہ هڪ

ساهہ جي ۽ کوپڙيءَ جي وچ ۾ ڪپاٽ آڻي سگهياسين تہ پوءِ ان کي اندر Clockwise آهستي آهستي گهمايون. ڏک - ڏک محسوس ٿيندي. ڏيان نڪ مان ساهہ ڪڍڻ کان هٽجي ويندو ۽ اندر ڇڻ دماغ ۾ نسن ۾ وايو ڌارا گهمي رهي آهي ائين لڳندو. آهستي - آهستي وايو ڌارا کي ٢-٣ چَڪر نرڙ جي ليول تي هٽايون (اَندر). پوءِ هيٺ اچون. شروع ۾ هڪ هڪ ڏينهن هڪ هڪ قدم وڌون. هيٺ ڪنن ۽ اکين جي ليول تي اچون.

جي ڪامياب وڃون تہ ٢-٣ چڪر وايوڌارا جا ڪنن ۽ اکين جي ليول تي ڦيريون. پوءِ اَچان هيٺ اچون، نڪ جي ليول تي. پوءِ اَچان هيٺ اچون چپن جي ليول تي، پوءِ اَچان هيٺ اچون ڪاڏيءَ جي ليول تي. پورو ڏيان فقط وايو ڌارا تي ٽڪايون. جي ڪري سگهياسين تہ خوش نصيب آهيون.

ٽئين ڏينهن مٿين ٻن ڏينهن جي ڪريا ڪري واپس ڪريون ۽ هيٺ اچون ڳچيءَ تي. ڳچيءَ جي سينٽر کان Clockwise گهمي وايوڌارا کي واپس سينٽر تي آڻيون، ائين ٢-٣ چڪر هڻون.

چوٿين ڏينهن، مٿين ٽن ڏينهن جي ڪريا ڪري اڳيان وڌون. ڳچيءَ جي ٻنهي پاسي سينٽر کان ٻنهي پاسي وايوڌارا کي الڳ الڳ دشا ۾ ڪٽي وڃون. ٻنهي وايو ڌارائن کي هڪ ئي وقت محسوس ڪيون. ڪلهن تائين اچي، پوءِ ٻنهي ٻانهن تي هيٺ وڃون هٿن تائين. هٿن جي هڪ - هڪ آڱر ۽ آڱوٺي ۾ وايوڌارا جو مزو ماڻيون. واپس آڱرين کان مٿي ٻانهن تي آڻي ڪلهن تي آڻي، وچ ۾ ملايون.

پنجين ڏينهن - ڇئن ڏينهن جي ڪريا ڪري اڳيان وڌون. هاڻي ڳچيءَ جي ٻنيان سينٽر کان مٿان کان ٻُٽيءَ تان Anti - Clockwise (ياد رکو اُبتڙ گهڙيال ١٢ کان ١١ کان ١) ٽِي ڇاتيءَ تان ٽِي وري ٻُٽيءَ جي وچ ۾ وڃي ملون. ائين مٿان کان هيٺ قدم - قدم ايندا اَچون، ڇاتيءَ کان پيٽ تي، پيٽ کان ڪمر تائين اچون. (ٻُٽِي ساڳِي رهندِي.)

اُهو رول ئي خوشيءَ سان نباهيون. مثال طور جي ڊاڪٽر آهيون ته ڊاڪٽري پيشي ۾ ڌيان ڏيون، اُن ۾ پنهنجو گيان وڌايون ۽ نه ڪِ گڏوگڏ بيو به ڌنڌو ڪيون، فئڪٽري کوليون، شيئر بزار مان ڪمايون وغيره. ائين نه ٿئي ته پنهنجا مريض به وڃايون. مارڪيٽ ته ڪنهنجو به مائٽ ڪونهي ۽ فئڪٽري ڦنڊا ته آهي، مِلي سوني ڪا هنڊا يا لوهي ڪا ڊنڊا. اِهو سڌانت سينيِ سان لاڳو آهي، ڊاڪٽر هجي يا انجنئير، وڪيل هجي يا پروفيسر، چارٽرڊ اڪائونٽنٽ هجي يا ڪو واپاري.

مٿين ٻن ڪلائن ڪان وڌيڪ آهي پنهنجي انترمن جي گهرائيءَ ۾ لڪل وڪارن کي ڪڍيِ من کي هلڪو ڪجي. جيڪو ڪري سگهجي ٿو وچن ٻڌ ٿيڻ سان، ته مان سچ ڳالهائيندس، مان ڪنهنجيِ هنيا نه ڪندُس، مان ڪو نشو پتو نه ڪندس، مان پر پُرش - پر ناريءَ ۾ بُري نظر نه وجهندُس، مان ڪجهه وقت روز نيم سان سماڌيءَ ۾ وهندُس.

جڏهن سماڌيءَ ۾ وهڻ جيِ رمز اچيِ وينديِ ته محسوس ٿيندو ته اسانجي من جيِ خوشيءَ جيِ، من جيِ شانتيءَ جيِ چابيِ آسان وٽ ئيِ آهي.

ٻين سان ديا سان وهنوار ڪرڻ گهرجي. اڳلو جيڪو چوي ٿو اُن کي سچ سمجهون، اُن تي هرويرو شڪ نه ڪيون. سماڌيءَ ۾ وهڻ وقت دنيا کي وساري ڇڏيون، ڪنهن سانتيڪي آسڻ تي هيٺ پٽ ۾ آسڻ تي يا ڪُرسيءَ تي پيرن هيٺان ڪو Bad - Conductor (ڪپڙو، پيپر، پلاسٽڪ يا رٻر جيِ چادر) رکيِ ويهجي. اکيون بند ڪري هڪ - ٻه منٽ پهرين آهستي آهستي، پوءِ ڊگها ساهه کڻون. ساهه تي ڌيان ڏيون. کهڙِي ناسڪا مان وڌيڪ ساهه ٿو هلي، ساهه گرم آهي يا موافق، ساهه کڻڻ وقت نڪ ۾ ڪٿي ٿو ڌڪ هڻي، نڪ ۾ پسينو ٿو اچي وغيره. ساهه تي ڌيان ڏيئيِ - ڏيئيِ هڪ جهٽڪي ۾ ساهه کي مٿي ڪپاٽ تي پهچايون، جي اهو ڪري سگهياسين ته پوءِ ئيِ اڳيان وڌي سگهنداسين، ان ڪري تڪڙ نه ڪريون پر ٢-٣ ڏينهن اِن ڪريا ۾ وڃن.

سچو پريم

چيلداس ملاڻي ’داس‘، پونو

پريم هڪ اهڙي پاونا آهي جا ڪهڙي به قيمت تي بازار ۾ ملي ڪونه سگهندي.

جيڪي سچي پريم بنان ڪرم ڪن ٿا، سي جڻ پاڻي ٿا ولوڙين.

دؤلت خان لوڌيءَ ۽ قاضيءَ پئي سمجهيو ته نانڪ جن کي نماز پڙهائي مسلمان ڪنداسين. اِن اِرادي سان کين مسجد ۾ وٺي ويا. چيائونس، ”اسان سان گڏ نماز پڙهو.“

مسجد ۾ هو ٻئي ڄڻا اُٿي ويٺا نماز پڙهڻ، ليڪن شري گرو نانڪ ديو جن ويٺا رهيا. جڏهن نماز پڙهي پوري ڪيائون تڏهن نانڪ ديو کي چيائون ته، ”چو اوهان نماز نه پڙهي؟“

شري گرو نانڪ جن فرمايو، ”مَنَ نماز پڙهي پئي پر بادشاه سلامت ويو هو قابُل مان گهوڙا خريد ڪرڻ ۽ قاضيءَ کي اچي فڪر لڳو نئين ويايل گهوڙي جي ٻچي جو ته ڪٿي کڏ ۾ نه ڪري پوي.“

اهو ٻُڌي ٻئي سمجهي ويا ته هيءُ ڪو انترىامي پيرُ آهي. اسان جي دلين جي ڳالهه سمجهڻ وارو آهي. ائين سوچي، شرمندا ٿيا ۽ سندن چرنن تي ڪري معافي ورتائون.

ٻيون مثال پيش آهي :

شري ڪرشن ڀڳوان راجائي ڪُل خاندان جو هو. هن جي دل ۾ پنهنجي گروءَ لاءِ ڏاڍو پيار ۽ عزت هئي. آڌيءَ رات جو به گرو اگر حڪم ڪندو هو ته هڪدم ’ها‘ چئي، هٿ ٻڌي حُڪم مڃڻ لاءِ تيار بيٺو هوندو هو.

هڪ ڀيري سندن گروءَ کيس چوائي موڪليو ته سڀاڻي صبوح جو اسانکي بازار مان گهمائي اچ، پر اُن گاڏيءَ ۾ گهوڙن

ڇهين ڏينهن اڳيان وڌون، ڪمر کان ٻنهي ٽنگن تي Clockwise گهمائيندا هيٺ گوڏن تائين اچون.

ستين ڏينهن گوڏن کان اڳيان وڌون. گوڏن کان هيٺ پنڊرين تي، مري تي Clockwise گهمائيندا پيرن تي ۽ پيرن جي آڱرين تي وهائيندا اچون.

ياد رکون جي ڪنهن به هنڌ وايو - ڌارا اڳيان نٿي وڌي ته سمجهون ته بدن جي اُن ڀاڱي ۾ ڪا خرابي آهي، ڪا بيماري آهي ۽ اَڀياس ڪري اُتان رڪي - رڪي (ڪجهه ڪلاڪن ڪانپوءِ) وايو ڌارا وهائڻ جي ڪوشش ڪيون ته بيماري به دور ٿي ويندي اڳتي هلي.

ائين ڏينهن ستن ڏينهن جو پورو اَڀياس ڪري وايو ڌارا کي ساڳئي رستي (اُبتي نموني) هاٿي هيٺان کان مٿي ڪپاٽ تائين آڻيون. ڪابه تڪڙ نه ڪريون، نقصانڪار ٿي سگهي ٿي.

نائين ڏينهن پورو اڀياس ڏُهرايون. ته خبر پوي ته ڪيترو ضابطو آهي. جاڳڻ لاءِ وچ وچ ۾ وايوڌارا هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڪٽي وڃون. ڪڏهن اڳيان، ڪڏهن پٺيان پر آهستي آهستي، پريم سان جي سکي وياسين ته سماڌيءَ ۾ وهڻ اچي ويو.

* * * * *

جئرامداس دؤلترام عالمچنداڻي (1891 - 1979)

سدا حيات دادا جئرامداس دؤلترام سنڌين جو نه صرف ڪامياب راڄنيتڪ اڳوان هو پر اُن سان گڏ سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ ڪلا جو به سٺو ڄاڻو ۽ پارکو هو. مهاتما گانڌيءَ جي چونڊ لکيتن جو سنڌيءَ ۾ انواد ڪري هن صاحب پهرينءَ صف وارن ودوانن ۾ جاءِ جوڙي ورتي.

’سنڌ جي ڪوچ‘ ۾ سندس عالماڻا مضمون ڏنل آهن. ان ڪانسواءِ ’گانڌي جيءَ سان ست ڏينهن‘ ڪتاب ۾ يرودا جيل پوني ۾ باپوءَ سان گڏ گذاريل ستن ڏينهن جو مضمونن جي روپ ۾ وڻندڙ ورڻن ڪيل آهي.

مان سچو ڏينهن تنهنجي عبادت پيو ڪريان. گهر ۾ ڪاٺ لاءِ ڪٽڪ جي ڇپڙي به ڪونهي.''

هُن جو اينترو چوڻ ۽ هڪ ڳاڙهير ڪٽڪ جي ڳوڻ ڪٽي آيو. هن کي سڏ ڪري چيائين، ”او درويش وتايا، هڏاءِ ته مان هيءَ ڪٽڪ جي ڳوڻ ڪٽي لاهيان؟''

تڏهن خدا کي هٿي هٽ ڪٽي چيائين، ”ڏاڍو سياڻو آهين، آخر ڪم ڪري وڏءِ پر صحيح ڪونه ڪيئه.''

ان کي چئبو آهي سچو ۽ پوتر پريم.

* * * * *

ڪوڙومل چندنمل کلناڻي (1844 - 1916)

سدا حيات ڪوڙومل چندنمل کلناڻي، سنڌي نثر جي اوائلي تمورتي مرزا قليچ بيگ، راجرشي ديارام گدومل ۽ پرمانند ميوارام سان جڙيل هو. کيس سنڌي نثر جو اَبو ڪري مڃيو ويو. هن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن، جنهن ۾ 'آريه ناري چريتر'، 'پڪو پهہ' ۽ 'ساهتڪ پُشپ' قابل داد آهن.

پنهنجي ڪتاب 'آريه ناري چريتر' ۾ هن صاحب مهان هندستاني عورتن جو چتر چٽيو آهي. پنچائتن، صحت، کيتي باري ۽ لوڪ ساهتيه وغيره وشين تي سندس چوئيتاليهہ مضمون 'ساهتڪ پشپ' ۾ ڏنل آهن.

جي بدران تون ۽ رڪمڻيءِ جونيل هوندا. هڪ پاسي تون ته ٻئي پاسي رڪمڻي هوندي. شري ڪرشن ڀڳوان ’ها‘ چئي حڪم مڃڻ لاءِ تيار ٿيو. اِها ڳالهه سڄي شهر ۾ ڦهلجي ويئي. سڀني کي ڏاڍو عجب لڳو ته اهڙو راجائي ٻار ڪيئن گاڏيءَ ۾ گهوڙن جي بدلي جُڙندو؟

جڏهن محلات ۾ وڃي رڪمڻيءَ جا ڳالهه ڪيائين ته ٻُڌڻ سان رُڪمڻيءَ جي نيترن مان جلُ وهڻ لڳو. هن چيو، ”مس مس گروءَ جو حُڪم ٿيو آهي. اِسان کِن جهڙن کي لائق سمجهي گروءَ حُڪم ڏنو آهي.“ سندس دل ٺري پيئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو گاڏيءَ ۾ گهوڙن جي بدران، هڪ پاسي هو شري ڪرشن ته ٻئي پاسي هئي رڪمڻي. ٻئي وچ بزار مان گاڏي ڪاهي لنگهيا. گاڏيءَ ۾ شري ڪرشن جو گرو براجمان هو. پاسي کان حشام ماڻهن جا اچي ڪٺا ٿيا. ڪرشن ۽ رڪمڻيءَ کي ڏسي ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا. ان کي چئبو آهي ’سچو پريم.‘

ٻيون مثال :

وتايو فقير سچو ڏينهن ’يا خُدا‘ جي ڌُنيءَ ۾ رهندو هو. سندس ماءُ جيڪا اکين کان سڄي هئي، هُن سان گڏ رهندي هئي. منجهند جو روٽي کائيندا هئا ته رات جو فڪر ڪونه هوندو هون.

هڪ ڏينهن ماءُ هن کي چيو، ”رات جو کائڻ لاءِ گهر ۾ چپٽي اناج جي به ڪونه آهي. تون سچو ڏينهن خدا جي ياد ۾ گذاريندو آهين. هاڻي خدا کي چئُ ته رات جو کٽان انُ آڻي ڏئي ته رات جو ڦلڪو پچايان نه ته تون به بُکه تي ۽ مان به بُکه تي.“

اِهو ٻڌي وتائي چا ڪيو جو هڪ هٿ ۾ ڪنيائين پنو ۽ ٻئي ۾ پينسل ۽ چڙهي ويو مسجد جي مناري تي. خدا کي ٻئي هٿ کڻي ڪري چيائين، ”جي کُلو آهين ته هن پني تي صحيح ڪر. امان جا ڏوراپا مان سهي نٿو سگهان.

”توهان جي رچنائن ۾ پروفيسر جو ڪردار گهڻن هنڌ مليو تو چا ان جي ذريعي توهان پنهنجي اظهار ڪي يا پنهنجي وجود کي پرگهٽ ڪندا آهيو؟“

”اگر مان تنهنجي هيءَ ڳالهه مڃيان ته مونکي گهڻين ڳالهين کي قبول ڪرڻو پوندو. جن سان منهنجو صرف خياليِ سنبنڌ آهي. ڪوبه ذاتيِ سنبنڌ نه آهي. هاڻي لڪائڻ مان ڇا فائدو؟ صرف اينترو ٻڌايو ته هوءَ بينگاليِ...“ هُن سواليِ نگاهن سان آکيو.

مون وريِ هن جي ڳالهه ڪاٽي چيو ته، ”هر رچنا ۾ ڪردار ويچارن جي اظهار جا ساڌن هوندا آهن. سچائيِ ته صرف ويچارن جو اظهار آهي، انهن جو ذريعو نه.“

”مان ته صرف اهو پُڇيِ رهيِ آهيان ته هوءَ اڄ ڪلهه ڪٿي آهي ۽...“

”تون بنا ڪارڻ پاڻ کي پريشان ڪري رهيِ آهين.“ اينترو چوندي منهنجي چپن تي ڪجهه مسڪراهٽ اچيِ ويئيِ. هيءَ مسڪراهٽ (مشڪ) ان ڪري هئيِ ته ماڻهو ڪهڙيءَ ريت ليکڪ ۽ ڪلاڪار واسطي غلط سوچڻ جيِ ڪوشش ٿا ڪن. اينترو نزديڪ رهڻ وارا به جڏهن سچائيءَ جيِ جڳهه خياليِ تڪ تور مان ڪو انومان لڳائڻ شروع ڪن ته دور وارن کي ڪهڙو ڏوهه ڏجي. ليڪن منهنجيِ مشڪ (مسڪراهٽ) هن جي مشڪ کي مضبوط ڪرڻ ۾ سهايڪ ٿيِ ۽ هن چيو، ”هاڻي پلا لڪائڻ ۾ ڇا رکيو آهي؟ ڳالهه گذريِ چُڪيِ آهي.“

پر مرد سڀ ڪجهه ڄاڻندي به عورت جي سامهون پنهنجي اندر جيِ ڳالهه کي کولڻ لاءِ تيار نٿو رهي. شايد هن کي هن تي پورو وشواس نه آهي. ”هاڻي ته تنهنجيِ زال آهيان، ڪا پريمڪا نه آهيان جو رُسيِ ويندس يا معصوم ٿيڻ تي توکي ڇڏي ڏينديس. عورت مرد کي تياڳڻ يا ڇڏڻ جو سوچي به نٿيِ سگهي. چاهي مرد هن کي ڇڏڻ جا سپنا ڇو نه ڏسندو هجي. عورت ته مرد جي ڏوهه تي به پاڻ تي پورو

پياس

ڊاڪٽر دشرٿ راج، پونو

"مان سچ تي پڇان ته ڪهاڻي توهان پنهنجي خود جي آزمودي تي لکي آهي نه؟"

هي سوال منهنجي سامهون ڪوئي ٻيو رکي ها ته شايد مان ڪوئي ٻيو جواب ڏيان ها. پر پنهنجي زال ڪان هي سوال ٻُڌي ۽ ان جي چهري جي ڀاون کي ڏسي پنهنجين نين ڪهاڻين ۾ رتيل ويچارن ۽ ڀاون تي ويچار ڪندي جواب ڏنو ته "هر ڪهاڻيءَ جو آڌار نجي ذاتي تجربو (انڀو) نه هوندو آهي."

"پر توهان ته سچائيءَ ۽ حقيقت جا حمايتي آهيو ۽ توهانجي ڪهاڻين ۾ انهن ويچارن جا صاف اِشارا به ملندا آهن. توهان ئي ته لکيو آهي ته سچائيءَ جو، ايمانداريءَ سان اظهار نه ڪرڻ جي حالت ۾ ڪهاڻي ۾ اسواڀاوڪتا (بناوٽ جي بوءِ) صاف جهلڪندي" هن چيو.

هن کي وچ ۾ ٽوڪي روڪي مون چيو ته مون ضرور لکيو آهي ته سچائيءَ ۽ حقيقت جو حمايتي آهيان. ايترو ئي نه پر مان اڄ هن ڳالهه کي مڃيان ٿو ته مون جيتري قدر ممڪن رهيو آهي حقيقت کي درگذر نه ڪيو آهي. منهنجو اڄ به اهو چوڻ آهي ته مُنهنجين ڪهاڻين ۾ آيل ڪردار اڄ به ڪنهن نه ڪنهن نالي سان سماج ۾ نظر ايندا. پر جيون جو هر آزمودو نه ته اظهار جي قابل هوندو آهي ۽ نه ئي هر اظهار کي نئين سچائي چوڻ واجب آهي. تون پڙهيل آهين ان ڪري توکي وڌيڪ ڇا سمجهايان ته هر رچنا ۾ ليکڪ جي وجود کي ڪنهن به ڪردار ۾ ڳولهڻ ٺيڪ نه آهي."

ڏسِي پرکي پوءِ ئِي ڪجهہ چوڻ جي همٿ ڪندو آهي.''

''اِهو بلڪل غلط آهي.'' هن جو آواز ڪجهہ اُڪرِيل نظر اچِي رهيو هو. ''مرد پنهنجِي مردانگِي ڏيکارڻ لاءِ بنا ڳالهہ جي ڳالهہ تي عوَرت سان وڙهندو آهي ۽ عوَرت کي من ماري خاموش رهڻو پوندو آهي. عوَرت ابلا آهي. هوءَ بِلا بنا ڳالهہ جي ڳالهہ تي جهڳڙو ڪري پنهنجِي زندگِي ڇو خراب ڪندي.''

چوڻ چاهيم ٿي تہ بنا ڳالهہ جي ڪيئن وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويئي آهين. پر سوچيم تہ پهرين ئِي هوءَ شڪ ڪري رهِي آهي ۽ ڪٿي هوءَ اهو نہ سمجهي تہ منهنجو غصو پنهنجِي سچائيءَ کي لڪائڻ جو ذريعو آهي. ان ڪري پاڻ تي ضابطو رکِي اڄ ڪالهہ جي سماجڪ حالت تي ويچار ڪندي مون چيو، ''ڇا اڄ ڪالهہ جي ناڪام زندگِيءَ جو ڪارڻ مرد سماج ۽ ان جا غلط خيال آهن؟''

''بلڪل. مرد کي عوَرت سان نيڪ طرح ورتاءُ ڪرڻ جو طريقو ئِي معلوم نہ آهي.''

''ان کي سيکارڻ وارِي بہ تہ عوَرت آهي.''

''عوَرت ان کي برو بنائڻ نٿِي چاهي پر مردن جي دنيا مردن جي سماج جا طور طريقا هن کي ورِي عوَرت جي خلاف بنائڻ ۾ سهايڪ آهن.'' ڪجهہ رُڪِي ۽ مونکي مسڪائيندو ڏسِي ورِي ڪجهہ سوچِي چيائين، ''مان توهانجي هن ويچار کي منظور ٿِي ڪريان تہ پرمپرا جي مطابق عوَرتون ئِي هن برائيءَ کي همٿائي رهيون آهن. ڪٿو ئِي ڪٿي کي ڪائيندو آهي. اگر عوَرت چاهي تہ اچڻ واري نسل کي هوءَ سُڌاري ٿِي سگهي تہ هُو عورت لاءِ من ۾ آدر ۽ عزت جا ويچار رکڻ وارا ٿِي وڃن. پر هوءَ دکيارِي نئين نويليءَ جو سک ۽ آدر ڏسي نہ ٿِي سگهي ۽ چاهي ٿِي تہ هوءَ بہ هن وانگر دُکِي رهي ۽ ان طرح هن پرمپرا کي اڳتي وڌائڻ ۾ سهايڪ ٿِي ٿئي.''

''واه! مان تنهنجي خيالن تي جيترو فخر ڪيان اهو گهٽ

ضبط رکندي آهي چاڪاڻ تہ هوءَ ڄاڻي ٿي تہ شڪ ۽ غصي ۾ هوءَ مرد کي ڪو نقصان نہ پهچائي پاڻ کي ئي نقصان پهچائيندي. مرد ناراض ٿي ڪنهن ٻئي در تي دستڪ ڏيندو. پر عورت؟ عورت کي پنهنجو من ماري شانت رهڻ ۾ ئي ڀلو نظر ٿو اچي. عورت جي گهريلو زندگي ۽ سُک تہ ان جي سهڻ جي شڪتيءَ تي منحصر آهي ۽ ان طريقي ئي پنهنجي زندگيءَ کي سُکي بنائي رکڻ ۾ آهي.''

عورت جي ڌرم تي پنهنجيءَ زال جي هيءَ لنبي تقرير ٻُڌي ۽ سندس ويچارن کي ڄاڻي مون چيو، ''تو ايترو ڪٿان سِکيو؟ ايترو ڄاڻڻ ڪانپوءِ بہ تون ڇا گذريل زندگيءَ جا ورق کولي ڏسڻ ٿي چاهين؟ ڇا اهو ڄاڻڻ زندگيءَ ۾ لايدايڪ ٿيندو؟''

شايد منهنجي ان ڳالهہ هن جي شڪ ۾ اضافو ڪيو ۽ هوءَ پنهنجي هٺ کان نہ هٽي ۽ چيائين، ''شايد توهانجي گذريل زندگيءَ کي ڄاڻڻ سان مان توهان جي عادتن ۽ خيالن مان واقف ٿي توهان کي خوش رکڻ لاءِ ڪو ذريعو ڳولهي سگهان.''

''پر...'' هن منهنجي ڳالهہ ڪاٽي ڇڏي. شايد هن کي منهنجي ڳالهائڻ ۾ لڪائڻ جي بوءِ اچڻ لڳي ۽ هن جو شڪ وڌيڪ پختو ٿيندو ويو. هن چيو، ''پر ڇا؟ توهانکي شرم ڇو اچي رهيو آهي؟ سچائي ٻڌائڻ ۾ نظر ايندي آهي جا هر رچنا ۾ سڀ کان وڏي غلطي سمجهي ويندي آهي. وري...''

''مان سوچيان پيو تہ جڏهن ڪجهہ آهي ئي ڪونہ تہ توکي ڇا ٻُڌايان؟''

''ڳالهہ نہ هُجڻ جي حالت ۾ توهان ڳالهيون ڪيئن گهڙي رهيا آهيو؟ ان ڪري ئي چوندا آهن تہ مرد بنا ڳالهہ جي ڳالهہ ۾ جهيڳڙندو آهي.''

''بنا ڳالهہ جي ڳالهہ تي لڙڻ مرد جو نہ پر عورت جي عادت آهي. مرد تہ هر حالت ۽ حقيقت کي پوريءَ طرح

گهيري ۾ ڪٽيِ ايندو آهي نہ تہ ان ۾ ہل نہ رهيِ سگهندو. هيءُ پر ڪايا پرويش جيِ ڀاونا ليکڪ ۽ ڪلاڪار جو پهريون گڻ سمجهيِ وينديِ آهي. جنهنڪري هو پاڻ کي خود ۽ خوديءَ جي انڌڪار ۽ قيد مان ڪڍي اُونچو پرواز ڀريِ سگهندو آهي جو پاڻ کي مرڪز ۾ ڦهلائي ان جي ڀاوناڻن جو اظهار ڪري سگهندو آهي ۽ ان طرح ان ۾ پراڻ ڀريِ سگهندو آهي ۽ اهي پراڻ ليکڪ ۽ ڪلاڪار جيِ خوديءَ جا ثبوت هوندا آهن.

پر هن سڀ جو ڪوبہ اثر نہ ٿيو ۽ هن جيِ بي رُخي وڌنديِ ويئيِ. هوءَ آدرش زندگيءَ جي روپ کي سامهون رکيِ، زندگيَءَ کي آنندميہ بنائڻ جو گڻ عوَرت کي ڏئيِ رهيِ هئيِ. اها ئيِ اڄ انهيءَ خياليِ تناوَ جي ڪارڻ پنهنجيِ زندگيءَ ۾ اشانتيءَ جو ٻج پوکي رهيِ هئيِ. جنهن جو ڌيان بہ هن کي نہ هو. مون اِن طرف ڪيئيِ دفعا هن جو ڌيان ڇڪيو پر ...

هڪ ڏينهن هن پنهنجي پيڪي وڃڻ جيِ مونکان اِجازت گهُري ۽ مون هن کي خوشيءَ سان منظوريِ ڏنيِ. پر منهنجيءَ هن فراخ دليءَ تي هن سمجهيو تہ شايد مان بہ هن کان دوريِ ٿو چاهيان. ان ڪري مون ڪا آناڪانيِ نہ ڪئيِ. مون سوچيو تہ ڪجهہ ڏينهن پيڪن مان گهُميِ اچڻ تي هن جو منُ هلڪو ٿيِ ويندو. پر ڳالهہ بگڙنديِ ويئيِ.

منهنجو پياسو من مونکي تڙپائيندو رهيو ۽ مان من ئيِ من ۾ هن جي پيڪي وڃڻ تي ڪُڙهندو رهيس. پر هن جيِ بيرُخيءَ جو ثبوت اتان بہ ظاهر ٿيندو رهيو. منهنجي خطن جو يا تہ جواب ئيِ نہ ڏينديِ هئيِ يا تہ مختصر هوندو هو جو هن جيِ بيرُخيءَ جو اظهار ڪندو هو. سوچيندو رهيس تہ مون پنهنجو لکيو ڇو ڪونہ لکايو يا جلائي ڇڏيو جو هوءَ انهن ڪاغذن کي پڙهيِ پنهنجي من ۾ غلط ويچارن کي وڌائيندي رهيِ پر ان جو نتيجو شايد زياده خراب نڪري ها. ان حالت ۾ تہ هوءَ مونکي سچ پچ اپراڌيِ سمجهڻ

آهي. ڪاش سڀئي عوّرتون انهيءَ ويچار کي پنهنجو نظريو بڻائي آئيندو سُڌاري سگهن.“
مان ڪافي خوش هوس ته ڳالهه ۾ ڳالهه ٽري ويئي ۽ من ئي من پنهنجي زال جي اعليٰ خيالن تي خوش هوس. مونکي ٻُڪ لڳي هئي ۽ مون هن کان کاڌو گهريو ۽ هوءَ به سيڪجهه وساري مونکي کاڌو ڏيڻ لاءِ اُٿي کڙي ٿي.
وقت گذرندو رهيو. آهستي آهستي هوءَ منهنجي لکيل ڪاغذن کي ڏسندي رهي. هوءَ منهنجي مدد ڪرڻ جي اِرادي سان منهنجي ويچارن ۽ ڪم جو پورو جائزو رکڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. پر ايترا اوچ ويچار رکڻ واري عوّرت به جڏهن منهنجي باري ۾ غلط سوچڻ لڳي ۽ غلط مطلب ڪيندي رهي پر هن شايد اهو سوچي مون کان وري ڪجهه پُڇڻ نه چاهيو ته مون هن کي سچائي نه ٻڌائي بهانن سان ٽاري ڇڏيو هو. مان آهستي آهستي هن جي بي رُخي محسوس ڪرڻ لڳس ۽ مون کي ان بيرُخيءَ جي گهُٽن ستائڻ لڳي ۽ منهنجو من ڪم ۾ نه لڳي رهيو هو ۽ مان سوچي رهيو هوس ته آخر ڳالهه ڇا آهي؟ ڇا هوءَ مونکي غلط آچرڻ وارو سمجهي رهي آهي؟ ڇا هنن ڪٿائن ڪهاڻين جي ذريعي مون پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري ڪا اهڙي غلطي ڪئي آهي جيڪا معاف ئي نٿي ڪري سگهجي. مون اهو به ته صاف لکيو آهي ته خيالي يا تصور جو آزمودو به سچي آزمودي کان گهٽ نه هوندو آهي ۽ ڪڏهن سچي آزموکي کان به وڌيڪ پُختو ۽ گهرو هوندو آهي. پر مان هن کي ڪيئن سمجهايان جو هڪ هنڌ مون ئي لکيو آهي ته ڪلپنا جو آڌار سچائي لکندي اهو به لکيو هو ته سچائيءَ جي بنا ڪلپنا ڪوڙي محسوس ٿيندي ۽ ان ۾ ڪوبه ٻل نه رهندو جو هو ڪنهن کي متاثر ڪري سگهي.
مون هن کي اهو به سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته ليکڪ ۽ ڪلاڪار پرائي آزمودي کي به نجي آزمودي جي

ميڇي.

ان ڏينهن نيلا جي گهر ۾ ڪافي چهل پهل هئي ۽ گهڻئي ماڻهو اُتي موجود هئا. نيلا واري سان ماڻهن سان منهنجي واقفيت ڪرائڻ لڳي ۽ مون سان سندس گهرو رستو هجڻ جي ڳالهه ڏاڍي چاهه ۽ فخر سان ٻُڌائڻ لڳي. واقفيت ڪرائيندي هوءَ مونکي ڪملا جي سامهون وٺي آئي ۽ چيائين، ”ڪملا منهنجو دوست شري رجنيش هڪ تمام وڏو اديب آهي ۽ مان سمجهان ٿي ته تون به هن سان ملي خوشي محسوس ڪندينءَ. مان هِنَ جي باري ۾ ئي توسان پهرين به ڳالهائيندي رهي آهيان. چڱو ٿيو جو اڄ توسان ملاقات ڪرائي اٿم.“

مونکي ڪانيو ته خون نه ڪري. ڪملا جي چهري تي وجهه جي چمڪ هئي ته هن اڄ منهنجي چوري پڪڙي ورتي هئي. هن جي مسڪراهٽ جڻ مونکي چئي رهي هئي ته ”هي ليکڪ مهاشيه! زندگيءَ ۾ توهان جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن بنا آڌار جي آهن. ڇا توهان پنهنجي ڪهاڻين لاءِ اِن طرح ڪردار ڳولهيندا آهيو؟“

هوءَ ڇا ڄاڻي ته پياسي مڇلي تڙڦي تڙڦي مرڻ جي ڊپ کان زنده رهڻ جي آشا ۾ نديءَ جي نرمل پاڻيءَ کان مٽي ڪيچڙ جي پاڻيءَ سان به پياس ٻجهائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي يا ماڻهن ذريعي ٺاهيل نقلي پاڻيءَ جي تلاون ۾ به جيئڻ چاهيندي آهي جو اِنسان ۾ جيئڻ جي اِڇا سڀ کان زياده مضبوط هوندي آهي.

* * * * *

> سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ کي قائم رکڻ ۽ بچائڻ لاءِ اسان سڀني کي هڪٻئي سان سهيوگ ڪرڻ گهرجي. روپيا پنج هزار جمع ڪرائي سنڌي اَدبي سڀا پُٽي جا پئٽرن بڻجي جس حاصل ڪرڻ گهرجي.

لڳي ها. اپراڌي تہ هن مونکي اڄ بہ مڃيو هو. نہ تہ تہ ايتري بيرُخي نہ ڪري ها. ڪاش مان ليڪ نہ ٽپيان ها. پر ڇا اها بہ منهنجي هٽ يا وس جي ڳالهہ هئي. ڪڏهن سوچيو هو تہ منهنجِي نشڪپٽ ڀاونا ئِي منهنجِي دشمن بڻجِي ويندي.

منهنجي اُتي وڃڻ تي بہ حالت ۾ ڪو سڌارو نہ آيو. هن جي ڪلنڊڙ چهري تي اهي ئِي غم جا بادل نظر اچڻ لاء ۽ مان پنهنجي ساهري گهر ۾ بين ڀاتين سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ پنهنجو من ريجهائيندو رهيس. هاڻي منهنجي من ۾ بہ هن لاء غصو وڌڻ لڳو.

مون سوچي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ٿي چاهيو تہ آخر اها ڪهڙِي ڳالهہ آهي جنهن هن کي منهنجي طرف ايترو بي رُخو بڻايو آهي. منهنجي من ۾ بہ شڪ جاڳڻ لڳو تہ ڇا هوءَ بہ ڪنهن ٻئي کي... پر ان ڪان اڳتي منهنجو من سوچي ئِي نہ سگهيو يا سوچڻ ئِي نہ ٿي چاهيو.

ڪملا جي ماسات نشيڪانت سان منهنجِي ملاقات ٿِي جو ڪافِي کِلمُکہ ۽ زنده دل انسان هو. هن جي مسڪان ۾ هڪ ڪشش هئِي ۽ هن جي ڳالهائڻ ۾ بہ زوردار ڪشش هئِي ۽ ان جي هر انداز ۾ ماڻهن جي من کي ڇُهائڻ جِي طاقت هئِي. جنهن ڪري سڀ هن طرف ڇڪجندا ايندا هئا.

نشيڪانت جي ذريعي منهنجِي ملاقات ۽ واقفيت نيلا سان ٿِي. مون کي لڳو تہ هن جي ماءُ پيءُ هن جي نيل جهڙين اکين کي ڏسِي ئِي هن جو نالو نيلا رکيو هو. عجيب چنچل سڀاءَ جي ڇوڪرِي هئِي. نشيڪانت هن سان واقفيت ڪرائيندي منهنجي تعريف جِي اهڙِي پُل ٻڌِي جنهن ڪري نيلا سهج ڀاءَ سان منهنجي نزديڪ ڇڪجِي آئِي ۽ هوءَ بہ مون مان اهڙِي کُلئي وهنوار جي اِڇا رکڻ لڳِي.

وقت گذرندو ويو. واقفيت وڌندي رهي. هڪ ڏينهن نيلا مونکي پنهنجي گهر اچڻ جِي نيند ڏني جا مون بنا جهجهڪ

سيتل کي لڳو هڪ وقت هن کي هزارين وڃُن ڏنگيو آهي. ڏُکِي ٿِي چيو، ”مون کانسواءِ ٻيا بہ تہ تنهنجا دوست هوندا پوءِ تون ڪيئن ٿِي پڪ سان چئين تہ هيءُ ٻار منهنجو هوندو؟“

ڊاليءَ مشڪي چيو، ”دوست هئا پر توکان پوءِ مان ڪنهن سان بہ همبستر نہ ٿِي آهيان، نا ڪا ٻاوڏاني ڪئي جو مون توکي پيار ٿي ڪيو. موٽ تو بہ ڏني هئي. اُميد تہ تون منهنجي ٻار جو پيءُ سڏائڻ ۾ انڪار نہ ڪندين. شادي ڪرين يا نہ ڪرين، مان توکي مجبور نہ ڪنديس. نہ مون ڪا نئين ڳالهہ ڪئي آهي. هتي اسان وٽ ڪو بہ پنڊت نہ آهي ڇوڪرين، ڇوڪرن تي. هرڪو پنهنجي جيون ڪهڙي نموني بہ آزاديءَ سان گذاري. جوان ٿيندي ئِي پنهنجي لاءِ من پسند دوست ڳولهيندا ۽ همبستر ٿيڻ ۾ ڪو لڪ لڪاءُ نہ ڪندا. منهنجِي سمجهہ ۾ اهو شاديءَ کان اڳُ ضروري بہ آهي. جنهن سان جيون گڏ گذارڻو آهي، اُهو قابل بہ آهي يا نہ، پنهنجي جيون ساٿيءَ جون ساريڪ ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ. ٿِي سگهي ٿو تہ توهانجي ملڪ ۾ اهو رَواج نہ هجي. جنهن جو نتيجو بہ ڇوڪرين کي ڀوڳڻو تو پوي. اهڙا گهٽيئي قصا مون ٻُڌا آهن. بنا گناهہ جي ڇوڪريون سزا ٿيون ڀوڳين. جي توهان ان ڳالهہ کي گناهہ ٿا سمجهو تہ اُهي گناهہ ڇوڪرين کي ڪرڻ ڪپن پنهنجو حق ماڻڻ لاءِ. تنهنجِي نظر ۾ جي مون گناهہ ڪيو آهي تہ معافِي مان بہ نہ وٺنديس. جو انهن خوش خوابن ۾ تون بہ منهنجو همسفر ۽ همبستر هئين. جي چاهين ها تہ خود سنڀالين ها. پر نہ تو بہ اُنهن پلن جو لطف ماڻڻ ٿي چاهيو. گهر وڃِي ماءُ سان ڳالهہ ڪج. جي نہ چاهي تہ تون دوستيءَ ۽ اُنهن گذاريل راتين جي صدقي منهنجي ماءُ ٿيڻ وقت منهنجي خوشين ۾ اچِي ساٿ ڏج. مان توکي روڪي نہ رڪنديس. تون آزاد آهين. پنهنجو جيون پنهنجي ڍنگ سان ماڻڻ لاءِ. اُهو منهنجو واعدو آهي توسان. ٿِي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي توکي اُنهن گڏ گذاريل راتين لاءِ پڇتاءُ هجي.

لکيو جو لَلاٽَ ۾

رتنا گوديا 'رولاڪ'، پونو

سيتل ماءُ جو اڪيلو سڪيلڌو پُٽ هو. پيءُ ڪافي ڪاروبار ڇڏي ويو هو جو ماءُ راڄي سنڀاليندي هئي. هِن پُٽ کي لنڊن موڪليو ته بزنيس مئنيجمينٽ جي ڊگري وٺي اچي پيءُ جو ڪاروبار سنڀالي ته پاڻ هن جهنجهٽ مان آزاد ٿي سُک جو ساهه کڻي. سيتل ڇٽيهوان پُٽ هو ماءُ جو، نه چاهيندي به لنڊن ويو پڙهڻ. پڙهندي پڙهندي هم ڪلاس جي ڏاليءَ نالي ڇوڪريءَ سان دوستي ٿي ويس. ٻن سالن ۾ تمام نزديڪ اچي ويا. هميشه ڏاليءَ کي ٻُڌائيندو هو ته، "منهنجي ماءُ جون مون ۾ به اُميدون آهن جي مان پوريون ڪندس. ڊگري وٺي مُلڪ ويندس ۽ ماءُ کي سُک ڏيندس."

ساڳي ڳالهه ڏالي به چوندي هئي هن کي ته، "منهنجي ماءُ جا به ڪي سپنا آهن جي مونکي پورا ڪرڻا آهن. هوءَ به اڪيلي فرانس ۾ ڪم ڪندي آهي."

موڪلن ۾ هميشه گڏ گهمندا ڦرندا هئا. سڄي ڪاليج ۾ هنن جي دوستيءَ جي چرچا هئي. ٻئي پرديسي ۽ آزاد ملڪ ۾ هئا، جتي سڄيون سڄيون راتين موڪلن ۾ هڪ ٻئي سان گڏ گذاريندا هئا. پوءِ به سيتل ڏاليءَ کي ياد ڏياريندو هو ته، "اسان صرف دوست آهيون ۽ اسان جون راهون الڳ الڳ آهن. ڪاليج ڇڏڻ ڪانپوءِ مان هندستان هليو ويندس ۽ تون فرانس. پوءِ به ڪڏهن اسان فون تي ڳالهائينداسين ضرور."

ڏالي کلندي هئي. آخر اُهو ڏينهن به اچي ويو. ٻنهي کي ڊگريون مليون. هڪ ٻئي کان موڪلائڻ وقت ڏاليءَ سيتل کي ٻُڌايو ته، "مان تنهنجي ٻار جي ماءُ بڻجڻ واري آهيان."

۽ ڪٿي اچي پهتو آهيان اڻ سڃاتل جاءِ تي. ٻه منٽ هن کي سنڀاليو، مان توهان لاءِ ڪافي ڪٺي تي اچان.''

مئدم ڊين جي وچڻ ڪانپوءِ ٻار ڏانهن نهاريندي ئي هن جي سڄي بدن ۾ عجيب ڪتڪتائي ٿيڻ لڳي، جنهن کي روڪڻ لاءِ ٻار کي ڳلي لڳائي شانت بيٺو رهيو. ٻاهر ويندي ڊين پردو هٽائي ڇڏيو هو، ڊاليءَ جي ڪمري جو جتان ڊاليءَ سيتل کيِّ هيٺئن ٻار کي ڳلي لڳائي بيٺل ڏٺو ته مشڪي چئي ويٺي، ''دوست، سنڀال منهنجو پُٽ تمام نازڪ آهي. ڪٿي تنهنجي سخت هٿن جو نشان نه ٿي وڃي هن جي نرم چمڙيءَ تي. پوءِ ٺهڪ ڏيئي چيائين، ''منهنجي ماءُ جي گهر ۾ تنهنجو سواڳت ٿو ڪري منهنجو پُٽ، ڀلي آئين، جيءُ آئين.''

سيتل چرڪ ڀري ڊاليءَ ڏانهن نهاريو. هن ٺهڪ ته ڏنا ٿي پر سندس منهن تي اُها اڳين لالائي عدم پيدا هئي. سيتل ڊاليءَ جي ويجهو اچي چئي ويٺو، ''ڊالي تنهنجي ڳلن جي لالائي ڪيڏانهن ويئي؟''

ڊاليءَ وري به ٺهڪ ڏيندي چيو، ''پنهنجي پُٽ کي سوڪڙي ڪري ڏنم. ڏس ڏس، آهي نه سلامت هن جي ڳلن تي'' ۽ پوءِ سيتل کان پُٽ وٺي چُمي چيو ٻار کي، ''ڏس ڏس، منهنجو دوست آيو آهي توسان ملڻ.'' وري سيتل ڏي نهاري چيو، ''دوست تون منهنجي پُٽ سان دوستي ڪندين نه؟''

اُن وقت به سيتل کي اڳي جيان لڳو ته جڻ هزارين وڇُن جي ڏنگن جي سورَ ستايو هوس. پر اُن وقت ۽ هاڻ جي سوُر ۾ فرق هو. اڳي ٻار جي وجود جو سوُر هوس. هاڻ ڪوبه هن جو وجود نه هو. ڊاليءَ رُڳو پنهنجو ڪري سيتل جو وجود ئي گُم ڪري ڇڏيو. هڪ سيڪنڊ لاءِ سوچيائين، 'اجايو آيس.' ٻيءَ ڪن ٻار جو موه اُن تي حاوي پئجي ويو. 'سٺو ٿيو آيس.'

ڪمزوريءَ ڪري ڊاليءَ جون اکيون بند پئي ٿيون. ماءُ اچي

پر مون لاءِ املھ خزانو ئي رھندو تنھنجي نشانيءَ.“

وچوڙي جي درد لڪائڻ لاءِ ھن وٽ ٽھڪ ڏنا. سيتل بنا ڪنھن ھا نہ جي، موڪلائي ھليو ويو ڏاليءَ کي آخرين چُمي ڏيئي.

سيتل پارت اچي، ماءُ جو سڄو ڪاروبار سنڀاليو ۽ اڳي کان ھيٺو وڌايو. پنيان جي گذريل جيون کي خواب سمجھي وساري ويٺو. وچ وچ ۾ ماءُ بہ ھن کي ڇوڪريون ڏيکارڻ چاھيون شاديءَ لاءِ پر سيتل جواب ۾ چيس، ”مان ڏسي چا ڪندس. تُنھن توھان کي کپي، نہ مونکي.“

پر اچانڪ ھڪ ڏينھن ماءُ سيتل کي ٻڌايو تہ فرانس مان تنھنجي ڪنھن دوست ساھيڙيءَ جو فون آيو تہ مسٽر سيتل کي نياپو ڏجو تہ مونکي پُٽ ڄائو آھي. نالو بہ سنو ٻڌايائين ڪجھ ٻي پالي، مون کي ياد نٿو اچي.“

سيتل پنھنجي ڪمري ۾ وڃي سوچڻ ويٺو تہ ڪنھن جو فون ھوندو. اچانڪ ھن کي ياد آيو، ”اڙي، ڏاليءَ اچڻ وقت چيو ھو تہ مان ماءُ ٿيڻ واري آھيان. ھر مھيني ھوءَ فون تہ ڪندي ھئي پر وري ڪڏھن اُپٽار نہ ڪئي. مون سمجھو تہ مون سان چرچو ڪيو ھوندائين.

سڄي رات پاسا ورائيندو رھيو. سوچي ٿو چا سچ پچ اُھو منھنجو پُٽ آھي؟ ھُن پاڻ کي انھن خيالن ۾ وڪوڙي رکيو صبح تائين. تڪڙ ۾ آفيس ويو. ڪجھ سوچي ماءُ کي فون ڪيو تہ مان ڪم سان ٻاھر ٿو وڃان بہ ٽي ڏينھن لڳندا ۽ فرانس اچي پھتو. ڏاليءَ جي ماءُ مئڊم ڊين جي گھر. ڊين سيتل کي ڏسي، مشڪي ھن جو سواگت ڪيو ۽ ھنج ۾ ڪنيل گول مٽول ننڍڙي ٻار کي سيتل جي گود ۾ ڏيئي چيو، ”ھيءُ آھي منھنجي ڌيءُ ڏاليءَ جو پُٽ. اجان ٽن چئن ڏينھن جو مس آھي پر آھي شيطان. ھنج کان لاھي ھيٺ سمھاريس تہ وٺي روئندو جيستائين کنيو نہ آھي کيس. ڏس ڪيئن ماٺ ڪيو ويٺو چوڏاري نھاري تہ ڪھڙي ملڪ

سيتل ڊين کان موڪلايو. ڊين هن جا ٿورا مڃيا هتي اچڻ لاءِ. ڊين موڪلائڻ مهل فوٽو ڏيئي چيس ته، ”وري ملون نه ملون، هيءَ نشاني تو وٽ رهندي.“

فوٽو ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهي وڃي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺو. ڊين ٻار جهلي در وٽ بيهي سيتل کان موڪلايو. سيتل جڏهن گهر پهتو ته ماڻس مٺائي کارائيندي چيس، ”سيتل واڌايون هجن توکي.“

سيتل ڊڄي ويو ته امان کي خبر ته نه پئجي ويئي. پر جڏهن وري ٻڌايائين ته توکي مڱايو آهي ڪامنيءَ سان. هونئن ڏيءُ تي مونکي ساٿ ڏيندي آهي هاڻي نُنهن ٿي گهر ۾ ايندي. شادي مهني ڪانپوءِ تاج محل هوٽل ۾ آهي. مون سڄو بندوبست ڪيو آهي. تون آرام سان وڃي ڪاروبار سنڀال.“

ماءُ جي منهن تي اٿاهه خوشي ڏسي، چُپ ڪري هليو ويو. پر اندر ۾ ڪجهه وچايل محسوس ڪيائين. ڇا؟ اُن جي ڳولهڻ جي ڪوشش نه ڪيائين. بس آفيس جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. شاديءَ کان ٻه ڏينهن اڳ ڪامني اچي هن جي آفيس ۾ ڌمڪي. چي، ”هل مونکي خريداري ڪرڻي آهي، تنهنجي پسنديءَ جي. تنهنجي ماءُ موڪليو آهي. مون کيس چيو ته امڙ، سيتل کي ڪهڙي خبر پسند ناپسند جي؟“ اچي ٽهڪن ۾ پئي. اُها سندس عادت هوندي هئي ٿوري ٿوري ڳالهه تي پيئي کلندي هئي، جا ڳالهه سيتل کي اصل نه وڻندي هئي. پر چئي نه سگهندو هوس جو هوءَ ماڻس جي ساهيڙيءَ جي ڌيءُ هئي. گهڻو ڪري ماڻس سان گڏ هوندي هئي ۽ صفا بي صبر. سو هاڻ به ايندي شرط سيتل جي ميز تان سڀ ڪاغذ ڪٽي ميڙي سيڙهي هڪ فائيل ۾ رکي سيتل کي اُٿاري ڪرسيءَ تان چيو، ”هل بابا هل، ٻيا به ڪم پيا آهن. شام جو پڪچر جون ٽڪيٽون به وٺي آئي آهيان. اڄ اُها اسان جي آخرين پڪچر هوندي شاديءَ کان اڳ جي.“

سيتل ڏُکي ٿي چيو، ”مونکي معاف ڪر پليز.“

هن جي مٿان چادر وجهي، سيتل کي چانهن لاءِ هٿي ڪمري ۾ وٺي وڃي چيو ته، ”ڊالي وچي ٿي ڪمزور ٿيندي. ڊاڪٽر آرام لاءِ چيو اٿس. پر هوءَ واپس لنڊن وڃي پڙهائي ڪرڻ ٿي چاهي.“ وڏيڪ چانهن سيتل کي ڏيندي هار ورتو هن کان ته هار روئڻ شروع ڪيو. ڊين هار کي پينگهي ۾ سمهاري چيو، ”وڏو شيطان آهي. هنج ڪپيس يا اڪيلو رهڻ نٿو چاهي. پر ڏسو هن جو نصيب. مان به ڪم ڪندي آهيان ۽ ڊالي به وڏيڪ پڙهڻ لاءِ وري لنڊن ويندي جو هن جي آئيندي جو سوال آهي. مون هن کي گهڻو ٿي سمجهايو ته هار جڻڻ لاءِ ڪافي جيون پيئي آهي. هار نيڪال ڪرائي ڇڏ. پر ضدي ڇوڪريءَ نه مڃيو. چيائين، ’هيءُ هار منهنجي سونهري سپنن جي سوغات آهي. مؤجون مون ماٽيون ۽ سزا هن هار کي ڏيان، بنا ڪنهن ڏوهه جي.‘ ”نه بابا، مونکان نه ٿيندو. مان به پالي نه سگهنديس. ڊاليءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ ڪنهن گهرجائوءَ کي ڏيئي ڇڏينديس.“

اهو ٻڌي سيتل جا خوشيءَ جا برندڙ اندر جا سڀ ڏيئا چڻ وسامي ويا. اندر ۾ اونده ڪانسواءِ ڪجهه نه رهيس. ڊين تيڏي اڪ سان اهي سڀ لهندڙ چڙهندڙ ياوَ ڏٺا. پوءِ وري هار کي کڻي سيتل کي ڏيئي چيو، ”وڃي ڊاليءَ کي ڏي ته پنهنجو کير پيئاريس. توهان جي ملڪ ۾ ته چوندا آهن نه ته ماءُ جو کير آهي جهڙو امرت، سو پڻ وٺي جيترو سندس نصيب“ چئي وچي ڪم کي لڳي. سيتل هار کي کڻي اچي ڊاليءَ جي پاسي ۾ سمهاري چيو، ”هن کي کير پيئار. مان ٻاهران چڪر هڻي ٿو اچان. صبح جو واپس وڃڻو آهي. ڪنهن کي خبر نه آهي ته مان ڪٿي آهيان.“

صبح سوير ٽئڪسي اچي ٻاهر بيٺي سيتل کي وٺڻ لاءِ. سيتل هار کي گود ۾ کڻي چُمي ڏيئي رهيو هو ته ڊين آٽوميٽڪ ڪئميرا سان فوٽو ڪڍي چيو، ”هڪ منٽ ۾ ڏيانءِ ٿي.“

ائين ئي نيڪ آهيان.“

سوٽ ڪوٽ پائي سيٺي سان گڏجي آيو شاديءَ جي هال ۾ منهن سجائي ويٺو رهيو. دوست چيڙائي رهيا هئس، ”بس، انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون. سياڻي ڪانپوءِ شاديءِ شده جو ٺپو لڳي ويندءِ.“

اينٽري ۾ هال ۾ سازن ۽ آوازن جي وچ ۾ آواز پئي آيا، ”ڪنوار آئي، ڪنوار آئي.“

سيتل ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو رهيو. ڪنوار پاسي ۾ اچي ويٺس پوءِ به نه نهاريائين ته ڪامنيءَ چيس، ”هيئن پاروتي واڱر وانگر منهن ٻڌائي ڇو ويٺو آهين؟“

سيتل پاڻ روڪي نه سگهيو. سو غصي ۾ چيائينس، ”تنهنجي ڪري.“ ۽ شوڪي پاسي ۾ نهاريائين ته وات کُليل جو کُليل رهجي ويس. ڪامنيءَ جي جاءِ تي ڊالي ويٺي هئي ساڳي ڊريس ۾ جنهن تي هن جي نظر اٽڪي بيٺي هئي. ڪامنيءَ سيتل جي کليل وات ۾ مٺائي وجهي چيو، ”ڊئر منهنجي ائڪٽنگ ۽ جاسوسي! تو جهڙي ڪنجوس ۽ سوهڻ سان شادي ڪنديس مان! نه بابا نه، اُن ڪان ته ڪنواري رهڻ وڌيڪ سُٺو آهي.“

اُن وقت سيتل ماءُ اُٿي مائيڪ کڻي انائونس ڪيو، ”توهان سڀني جو سواگت آهي. هن پارٽيءَ ۾ مان انائونس ٿي ڪريان ته منهنجي پُٽ لنڊن ۾ ٻه سال اڳ شادي ڪئي هئي.“ پوءِ هار کي مٿي کڻي چيائين، ”هيءُ آهي اُن جو ثبوت. اڄ ان خوشيءَ ۾ پارٽي ڏني ويئي آهي.“

پوءِ ته ماڻهو گلاب جي گلن جي گهوٽ ڪنوار تي ورڪا ڪرڻ لڳا. گُلن ۽ ڊاليءَ جو رنگ ملي هڪ ٿي ويو. اُن رنگ ۽ خوشبوءِ سان، سيتل جو تن من خوشبوءِ سان واسجي ويو. ساز آواز، تاڙيون ۽ پيرن جو تال ميل سڀ ملي خوش نما وايومنڊل ڪري ماڻهن کي مدهوش ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو. ڪامنيءَ سيتل جي ڪن ۾ چيو، ”ماءُ جا مڇو“ ۽ ڏند ڪڍي کلڻ لڳي.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

ڪامنيءَ ڪلندي چيو، ”معاف ڪر مونکي ڪم آهي، سچي جيون تہ ٻڌندي رهنديس. اُها ڀاڄ ٻڌجي سدائين پئي سوز ڏيندي. ها، ٻيو سپاٽي وقت اٿيئي يا نہ تنهنجي دوست ڊاليءَ کي ونڻ لاءِ. الاءِ ماڻهو تو جهڙي ماڻهوءَ سان ڪيئن ٿا دوستي رکن؟ خبر نہ آهي! شادي بہ ياد پونديءَ يا بنا شاديءَ جي مونکي واپس وڃڻو پوندو؟ ڪهڙي ماڻهوءَ سان ڦاسايو آهي مميءَ مونکي!“

مارڪيٽ وڃي گهٽيئي ڊريسون سيتل کي ڏيکاريون. پر جواب مليس، ”مونکي چاڻ نہ آهي. جيڪو ڪپيئي سو خريد ڪر. پر هڪ ٺماٽي ڪلر جي ڊريس تي سيتل جي نظر اٽڪي رهي. سوچي ٿو تہ ڊاليءَ کي هيءُ رنگ خوب وڻندو آهي. پوءِ خفي تي اُٿي چيو، ”هل، مونکي آفيس ۾ ڪم آهي.“

”او.ڪي.“ چئي ڪامنيءَ دڪاندار کي ائڊريس ڏيئي چيو تہ گهر ڏيئي وڃج.

ٻئي ڏينهن سويل صبح جو ماڻس، ڪامني ۽ سيتل سان گڏ ڊاليءَ کي ونڻ ويا. ماڻس ڊاليءَ کي ٻين دوستن کي جي سيتل سان گڏ پڙهندا هئا لنڊن ۾، سيني کي نيند پتر موڪليو هو. جن مان چار پنج تہ ڊاليءَ سان گڏ آيا هئا ۽ ٻين بہ ٻار کي ڪٽي آئي هئي. سيتل ماءُ ڊاليءَ کي ڏسي ٺري پئي. ڪامنيءَ ڊاليءَ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيو، ”هيءُ آهي مسٽر سيتل، منهنجو ٿيڻ وارو هوُ.“ پوءِ ٺهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳي تہ سيتل شرم کان پاڻي پاڻي ٿي ويو ۽ دل ۾ ڪامنيءَ تي غصو آيس پر ڪنڌ هيٺ ڪيو ڪنهن ڏوهيءَ جيان مات ڪري ويٺو رهيو. ڊاليءَ جي رهڻ جو بندوبست تاج هوٽل ۾ هو. سو اُن کي ڇڏي سيتل ماءُ کي وٺي گهر آيو. ڪجهہ ملو نہ پئي لڳس، ڊاليءَ کي ڏسڻ ڪانپوءِ. من ئي من ۾ ماءُ تي غصو پئي ٿيو تہ ڪامنيءَ ۾ ماءُ ڇا ڏٺو آهي. ڪم تہ ڪو هوس ڪونہ، آفيس بند هئي. شام جو ماڻهو آيو سيتل کي سنپرائڻ پر سيتل موٽائي چيو، ”مان

ڪئي آهي. پر ...“

وچ ۾ ئي موهن جواب ڏنو، ”شراب پي، ڪنهن گٽر ۾ ڪري پيو هوندو. ڇڏ انهيءَ نشئيءَ جي ڳالهه. ڪانتا، جهٽ ڪر، ٽيلهي ۾ پئسا ڏي ته وڃان.“

ڪانتا، مونا کي مانڻ ڪرڻ جو اِشارو ڏنو ۽ مڙس کي چپ چاپ ٽيلهي ۾ پئسا ڏيڻ لڳي، جو مونا وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”پاپا، مان چوان ٿي ته ڪانتا کي اڪيلو ڇڏي نه ويندا ڪريو. اڄڪلهه بدماشي وڌي ويئي آهي. پيڻ جهڙي زال ملي اٿوَ، تنهن جي سنڀال به نٿا ڪريو! ڪمال آهي!“

موهن جو بس پارو چڙهي ويو. ڪانتا جون ڪسرون به سندس ساهيڙيءَ مان ڪڍڻ لڳو، ”سنڀال! سنڀال جيڪا مون ڪانتا جي لڌي آهي، سان ٻئي ڪنهن نه لڌي هوندي. سندس راڳ ڳائڻ ڏانهن لاڙو ڏسي، ٻه ٻه ماستر رکي ڏنامانس ته رياض ڪري، ڳائي، رڪارڊ ڪدارائي، ريڊيو تي پروگرام ڏي، دور درشن تي ۽ تون ٿي چوين ته سنڀال نٿو ڪريان؟ زالون بلڪل بي شڪريون آهيو. مڙد ماڻهو ڪيئن ٿو زال کي وڌائي، سندس وڪاس ڪري، اهو ليکي ۾ ئي نٿو اچي. ڪانتا کي هونئن هيو ايندو ڇا آهي؟“

مونا به اڄ بحث لاءِ سنيري آئي هئي. چوڻ لڳي، ”نيڪ آهي توهانجي ڳالهه. پر، اول اول ته ڪانتا ۾ ڪجهه ٻج پيل هوندو جنهنکي توهان پرورش ڪري گُل ٽڙايو آهي، سڳنڌ ڦهلائي آهي. زندگيءَ جي شام آهي توهان ٻنهي جي. ڇو ڪونه ٿا ڪانتا جو به خيال رکو؟؟ وقت پُڇي ڪونه ايندو آهي. اڪيلي گهر ۾، گهر ۾ ڪنهن به وقت ڪير گهڙي ايندو ته ڇا پُڇي سگهندي؟ مڙد ماڻهوءَ جو هئڻ بيحد ضروري آهي.“

موهن جي اهم کي اجان وڏيڪ ٺيس پهتي. ”چريون آهيو صفا. زال کي ولي وڃي رستي تان لنگهندي ڌپ پيو ٿئي. مٺيا پائي ٽيون نڪرو، ڏاڙيل وڌي ويا آهن. مان چورن

مڙد ماڻهو

رڪمڻي سندر چيناڻي

”مان مڙد ماڻهو آهيان، اڪيلو بس ۾ گهمي سگهان ٿو. هلندڙ ٽرين ۾ به چڙهي سگهان ٿو. توکي ڪٿان وينو سنڀاليندس؟ مان ڪري گهر ۾ ويهه.“

”پر، رات جي اونده ٿيڻ کان اڳ واپس نٿو ورين ته بس، دل گائون مائون ٿي ٿئيم. ضروري آهي ڇا هيڏو پري وڃڻ؟ پرسان ئي ڪم نه ٿيندو؟“

”پئسا اتم گهڻا سو وينو مهانگا پٽاٽا بصر وٺان! اڙي ڇري، ڪفايت نه ڪريان ها ته اڄ هيءُ فليٽ هجي ها ڇا؟“

”پر هيءَ عمر ڇا ڏڪا کائڻ جي آهي؟ گهر ويٺي مائي سڀ ڪٽي ٿي اچي. توهانکي گهر ۾ ويهڻ وٽي نٿو، سو پيا اجايا سجايا چڪر هڻو.“

”بس ڪر نه ته اِها زبان ڪپي ڇڏيندوسانءِ. گهر ۾ ويهي ڇا تنهنجي آرتي ڪريان؟ مڙد ماڻهو ڇا گهر ۾ ويهي زالن جيان رڌڻ پچائڻ يا پوٺو ٻهاري ڪندو؟“

زال ذات ڪيئن جواب ڏيندي؟ ڪجهه منٽ صبر ڪري وري همت ٻڌي چيائينس، ”چڱو چڱو، ڪاوڙ نه ڪر. جوش خراب آهي. مِٺوُ ڏاهو ٿي. مونکي نٿو وٺي هلين پر پاڻ کي به گهڻي تڪليف ته نه ڏي.“

گفتگو هلندي، پاسي وارِي اچي پهتي. واڪي سان ڳالهائيندڙن مان هئي.

”اِ ڪانتا، ٻُڌءِ؟ ريکا جو مڙس پريم غائب ٿي ويو آهي. پيڻ کي ايئرپورٽ تي ڇڏڻ ويو هو. واپس ڪونه وريو. سڄو هفتو ٿي ويو آهي. پوليس ٿي.وي. تي ۽ ريڊيو تي پڌرائي

چو لِکندي آهيان؟

ريتا شهاڻي، پونو

هڪڙو ٻار ٽرين ۾ سفر ڪري رهيو هو. هو گَهري ننڊ ۾ سُتل هو. ٽي.ٽِي. هن کي ڏونڌاڙي اُٿاريو، ”ٽڪيٽ پليز!“

ٻار پنهنجي کيسي ۾ هٿ وڌو. ”نٽي لهجي ٽڪيٽ مون کان!“ هُن گهبرايل ۽ روئڻهارڪي آواز ۾ چيو.

”ڪٿي وڃڻو اٿيئي؟“ ٽِي.ٽِيءَ پڇيو.

”خبر ناهي!“

”ڪٿان پيو اچين؟“

”خبر ناهي!“

”توکي ٽرين ۾ وهاريو ڪنهن؟“

”خبر ناهي!“

”خبر ناهي، خبر ناهي! ڪجهه به خبر ناهي! آخر ڪهڙِي خبر آهي توکي؟“

ٻار روئڻ لڳو.

اهڙو آهي اسان جو جيون جو سفر! ڪٿان آيا آهيون، ڪٿي وڃِي رهيا آهيون؟ خبر ناهي. اسين هتي ڇو آهيون؟ اسانکي سنسار ۾ ڇو آندو ويو آهي؟ ڪنهن کي پلا ڪهڙي خبر؟

هاڻي مون کان پُڇيو ويو آهي، مان ڇو لِکندِي آهيان؟

۽ مان جواب ڏينديس، ”مون کي خبر ناهي.“

حقيقت ته اِها آهي ته مان لکندِي ڪانه آهيان، مون کان لکجِي ويندو آهي. پلا ڪڏهن ڪنهن پيار به سوچي سمجهِي ڪيو آهي؟ پيار ته ٿِي ويندو آهي. لکڻ منهنجي لاءِ اهڙو آهي جهڙو پيار ڪرڻ. منهنجو قلم منهنجِي موڪل کانسواءِ لکندو ويندو آهي. اصل مڃيندو ئِي ڪونهي منهنجِي

سان پُڇڻ سگهندس ڇا؟ هڪ ته ڪم ڪري ٿو اچان، مٿان وري اهي رينگٽ ڇا جا لڳائي ويٺي آهين؟“

ڪانتا کي خبر هئي ته مڙس سان پُڇڻ ڪانه ٿي سگهي، سو مونا کي وري مات ڪرڻ لاءِ چيائين. موهن نڪري ويو ته هٿ جوڙي پرارٿنا ڪرڻ لڳي، ”جتي پير، اُتي خير. منهنجي ته ذرن تي ڏکي. مڙد مڇڻ وارا آهن ڇا؟ منهنجا ٻه چار روپيا ٿو بچائي پر سچ ته ساهه ٿو سڪائي ڇڏي. جهولڻ بابا، سنڀال ڪجانس.“

مونا، ڪانتا جو ڏُک محسوس ڪندي چيو، ”سچ پڇ مڙد بلڪل ضدي ۽ هوڏي آهن. عقل الائي ڪٿي ٿو گُم ٿي وڃين! ڏائڻ ڪُڙيءَ ۾ به ڪونه اٿن.“

* * * * *

گوبند مالهي (1921-2001)

سدا حيات گوبند مالهيءَ کي سنڌي اَدب ۾ اُپنياس سمرات، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس ۽ هدايتڪار طور سڃاتو وڃي ٿو. هن جا ٢٢ ناول ۽ هڪ ناٽڪ ڇپيل آهن. ناولن ۾ مکيه نالا اٿس، ’عشق ناهي راند‘، ’ديسي سيڻ ڪجن‘، ’شرم ٻوٽي‘ ۽ ’لوڪ آهي ٻوڪ‘. ’پيار جي پياس‘ تي مرڪزي ساهتيه اڪاديميءَ جو انعام مليو هوس. سنڌيءَ فلم ’سنڌوءَ جي ڪناري‘ ۾ سندس قابل ذڪر يوگدان رهيو. هن صاحب ڪلاڪار منڊل جو پايو وڌو. ڀڳونتي ناواڻي ۽ سترام روهڙا کي ساڻ ڪري ديش - وديش ۾ سنڌي سنگيت جو پرچار ڪيو.

هدايتڪار طور ڪيترائي ناٽڪ درشڪن کي پسند پيا جن ۾ ’ڪفن‘، ’گهوٽ ڪنوار راضي‘، ’جنهن ڏيئي ۾ تيل ناهي‘، ’جهوُ جي ڪناري‘ وغيره.

اها رچناتمڪتا ڪنهن به رچناڪار کي سُک سمهڻ ڪانه ڏيندي آهي.

روسي انقلابي ڪوي ماياوسڪيءَ پنهنجي متر يوُرس پئٽرنڪ کي چيو هو، ”مان محسوس ڪريان ٿو ته مان پاڻ کان تمام ننڍڙو ٿي ويو آهيان. منهنجي اندر ڪجهه آهي جيڪو ٿوڙي ڦوڙي ٻاهر نڪرڻ چاهي ٿو.“

انهن سٽن چوڻ جي چند ڏهاڙن بعد هن آپگهات ڪري ڇڏيو هو. اسٽالن پَرودا اخبار ۾ مايوسڪيءَ لاءِ لکيو هو، ”هن کي وسارڻ يا سندس رچنائن کي نظرانداز ڪرڻ هڪ گناهه ٿيندو.“

مون لکڻ دير سان شروع ڪيو هو. سالن جا سال تجربا، سوُر، پيڙائون، سُک ڏُک، منهنجي لاشعوري من ۾ دٻيل هئا، پرچن مٿان پرچ! مون کي ڪو علم ئي ڪونه هو ۽ هڪ ڏينهن جڏهن ان جذبن سان دٻيل ۽ پريلا جوالامُکي پهاڙ ۾ چيرُ پيو ته لاوا وانگر ذخيرو ٻاهر ڦٽي نڪتو. هيترن سالن جا تجربا ڇِنا ٿي بيٺا، من درپن ۾ پنهنجا عڪس پسائي رهيا هئا.

۽ لکڻ شروع ڪرڻ ڪانپوءِ به ١٩٨٠ع کان ٢٠٠٧ع تائين جيڪي نوان تجربا مليا ڇاڪاڻ ته جيون جي ڌارا ته مسلسل وهندڙ آهي، اهي ماضيءَ جي واقعن سان مِلي جُلي هِڪُ ٿي ويا. ماضي ۽ حال ۽ انهن ۾ سوچ، اَيياس جي مصالحن جي ڇونڪ (ڦوڙني) لڳائي جيڪي طعام تيار ڪندي آهيان، انهن مٿان ڪلپنا جا روپا ورق وڇائيندي آهيان ۽ مڪمل تخليق منهنجي سامهون هوندي آهي.

اهو ضروري ناهي ته رچناتمڪتا صرف انهن گهڙين تائين محدود هجي جڏهن رچناڪار تنها آهي. ٻاهرين مصروفيتن ۽ ذهني پريشانين باوجود ڪجهه نرماڻ ٿيندو رهندو آهي. جن کي عڪس جهٽڻ جي قوت آهي، انهن جون اکيون ۽ ذهن ڪئميرا جي لينس مثل هوندا آهن، جي ازخود

ڳالهه!

مون کي پلا کهڙي خبر تہ منهنجو قلم ڏينهن رات جو هلي رهيو آهي؟ اصل ساهي ئي نٿو پٽي، ٻُڏي ئي نٿو! هڪ ڳالهه پوري ڪريان تہ ٻي شروع ٿي وڃي! مان بہ ڇا ڪريان؟ منهنجو تہ وس ئي نٿو هلي. صرف هڪ ڳالهه جي ڄاڻ اٿم - اها ئي تہ هڪوار قلم بيٺو تہ مان بہ بيهجي ويندس. ختم! کيل ختم ٿي ويندو!! بس، رڳو ايتري خبر اٿم.

مون ئي تہ ١٩٨٢ع ۾ پنهنجي پهرئين ڪتاب ’پنک وڃائين شنک‘ ۾ لکيو هو:

قلم ڪان صَد بار
تيز من رفتار
ڪري مون لاچار
تہ واهيان مَسُ ڏار.

من جي رفتار، قلم ڪان سؤ بار تيز آهي. قلم ويچارو پُڄي نٿو سگهي ۽ تيڏن پاڏن اکرن ۾ تڪڙو تڪڙو لکندو ٿو وڃي، مَسُ جي ڏار وهائيندو پيو وڃي. ڪيڏا ڳئلن سياهيءَ جا کپايا هوندم، ان جو اندازو ڪونہ اٿم.

سنت ڪبير جي واڻي ياد اچيم ٿي:

سات سَمندر مَسِي ڪروُن، ڪاڳذ سَب بَن رايہ
ليکني ڪَروُن *ڪرنڪ کي، هري گُن لِکا نہ جايہ

ست سمنڊ مَس جا ٿي وڃن، سڀ بن جهنگل ڪاغذ بڻجي پون، منهنجي ڪوپڙيءَ جي هڏين مان قلم بڻجي وڃي، تڏهن بہ مان ’هري گُن‘ (خُدا جي ثنا) لِکي نہ سگهندس.

اهي سِٽون ڪنهن بہ ڪويءَ جي من جي ڪئفيت بيان ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

ها، مان ان رچناتمڪ (تخليقيت) جي گرفت ۾ آهيان،

*ڪرنڪ = هڏيون.

خاڪو تيار ٿي ويو، جيڪا بعد ۾ منهنجي ڪتاب ’پرهه جا پکيڙ‘ جو هڪ باب بڻجي ويئي.

مون سان اڪثر ائين ٿيندو آهي ته منهنجون جهونيون ساهيڙيون يا منهنجا ويجها مِٽ مائٽ، جيڪي مونکي پوريءَ طرح نه سڃاڻن (جيئن اڪثر ٿيندو آهي) چوندا آهن، ”سٺو ٿيو آهي جو توکي ڪا هابي (Hobby) ملي ويئي آهي، ڪو پاس ٽائيم مليو آهي، جنهن ۾ تون پاڻ کي مشغول رکي وٺي آهين! نه ته اڪيلي ڇا ڪرين ها؟“ هو سمجهندا آهن ته هو مون کي ڪامپليمينٽ ڏيئي رهيا آهن!

مگر منهنجي دل ٿيندي آهي ته پر ۾ رکيل ڪا چيز، ڪو ڪتاب يا ڪو پيپر ويٽ هنن ڏانهن اُڇلايان يا ڪي لفظ چوان. پر پوءِ پاڻ کي سمجهائيندي آهيان، قابوءَ ۾ رکندي آهيان ۽ چوندي آهيان، ”ڪنٽرول، ڪنٽرول“ ۽ مشڪل لڳندي آهيان.

هو نٿا ڄاڻن ته لکڻ منهنجي لاءِ نه هابي آهي، نه وقت پاس ڪرڻ جو ذريعو. هو نٿا ڄاڻن ته لکڻ منهنجي لاءِ ڇا آهي. هو نٿا ڄاڻن ته لکڻ منهنجي لاءِ زندگي آهي. هاڻ، ڪيئن سمجهايان هنن کي ته مان ڇو ٿي لکان؟

هو نٿا ڄاڻن...

پر، ڇا مان ڄاڻان ٿي ته مان ڇو ٿي لکان؟

* * * * *

> اَمر شهيد ڀڳت ڪنوررام، شهيد نوجوان هيمون ڪالاڻي، شهيد پريم رامچنداڻي، شهيد هوتو بدلاڻي، شهيد هوشو ۽ اَهڙن ٻين ويرن تي سنسار جي سيني سنڌين کي فخر آهي.

هلندي هلندي ڳالهيون ڪندي، عڪس جهڪيندا ٿا وڃن ۽ وقت اچڻ تي فرصت ۾ اهي سموريون ڳالهيون ورقن تي چِٽجي ٿيون وڃن.

سنہ ۱۹۸۴ع ۾ مان پنهنجي ڌيءُ ۽ نائيءَ سان يورپ گهمڻ ويئي هئس. سئزرلئنڊ ۾ ہ ڏينهن يونگفرا جي برفيلي چوٽين تان گهُمي آياسين. اٽليءَ جي ويزا نہ هئڻ جي حالت ۾ للينا ۽ انيل منهنجي اِجازت سان روم گهمڻ ويا. مان اڪيلي زيورڪ ۾ رهي پيس. مون پنهنجي سفرنامي ’ڪٿوريءَ جي ڪاڻ‘ ۾ لکيو آهي ص.۷۷ ”جڏهن مان ٻين سان هوندي آهيان تہ سوچڻ جي شڪتي ۽ رچناتمڪتا قوت جواب ڏيئي بيهنديون آهن... پر هتي ايڪانت ۾ جيئن ئي اکيون پوريم تہ هو ٽارچ جي لائيٽ رات جي انڌيري ۾ برف تي چانيل پهاڙن تان ٻرندي ۽ وسامندي نظر اچڻ لڳي ۽ مان ڪنهن سسپينس ڀري واردات جا پهہ پچائيندي خيالن ۾ غلطان ٿي ويس ۽ مان پاڻ کان پاڻهي سوال پڇڻ لڳيس.

مون پاڻ کان سوال پُڇيو، ”هي ٻتيون ڇو ٻري رهيون آهن؟“

جواب آيو، ”ڪو ڪنهن کي سگنل ڏيئي رهيو آهي.“

سوال، ”ڇو؟“ جواب، ”هو ڪنهن کي بچائڻ ٿو چاهي.“

سوال، ”ڇو؟“ جواب، ”ڪو بيمار آهي، اصل زندگي ۽ موت جو سوال آهي.“

سوال، ”ڇو؟“ جواب،، ”هڪ ننڍڙي ڇوڪري پنهنجي پيءُ جو انتظار ڪري رهي آهي.“

سوال، ”ڇو؟ ڪهڙي بيماري اٿس؟“

جواب، ”سائيڪالاجيڪل ڪيس آهي. جيڪڏهن موٽر نہ ايندي تہ پاڳل ٿي پوندي.“

اهڙن سوالن ۽ جوابن جو طريقو اپنائي جنهن ۾ گهڻو ڪري ’ڇو؟“ سوال آهي، هڪ ڪهاڻي ’روشن اِشارو‘ جو

پيءُ جو آواز ٻُڌي ڪشور جو ڌيان اُن طرف ويو ۽ وڏي وچِي لڇمڻ ڪي پيري پيو. ”پپا، مان پنهنجي ڪاليج ۾ فرسٽ آيو آهيان.“

”فرسٽ! اَڇا تہ هاڻي تو ٻڌائين؟ ها يائِي، ماءُ مان بہ تہ فرصت مليئي نہ؟ نرملا تہ اهڙو گهر تي جادو ڪيو آهي جو امان بہ سارو ڏينهن نمون پٽ ڪندي نٿي ٿڪجي. سنيل بہ گهر ۾ گهڙنديِ ۽ ممي... مميءَ جي رٽ ڪندو ايندو ۽ تون آهين تہ هيءَ خوشخبريِ بہ منهنجي پُڇڻ ڪانپوءِ تو ٻُڌائين.“

”پپا، مون سمجهو توهان اڃان سُمهيا پيا هوندا ۽ مَميءَ تہ ڪيتريِ دير ڪان اڪيون پائي منهنجِي راهہ پئي ڏٺي...“

”بس، بس گهڻو ٿِي ٿيو. مان ڏسان وينو تہ نِرملا ڪي گهر جي ڪم ۽ توهان ٽنهِي جي شيوا مان فرصت ئِي نٿي ملي جو منهنجو ڪو اونو ٿئيس. ڀلا هاڻي چانهہ وغيره ملنديِ؟ يا ڪشور جي پاس ٿيڻ جِي خوشيءَ ۾ اڄ ٻُڪر هرتالُ آهي؟“

”اِڇها چانهہ حاضر آهي.“ نرملا چانهہ جِي ٽري ڪٽِي آئِي جنهن ۾ پنج ڪوپ چانهہ جا ۽ بسڪيٽ، توريِ مٺائِي هئِي. ”سڀ پهرين وات مٺو ڪريو، منهنجو ڪشور فرسٽ آيو آهي.“

لڇمڻ ماءُ پنهنجو ٻڍڙو منهن کوليندي مٺائِي اُن ۾ وڌِي ۽ چيو، ”ها پُٽ، اِها سموريِ محنت رات ڏينهن تنهنجِي شيوا جو ڦل آهي. سارو ڏينهن ٻارن جِي پرگهور لهندي پنهنجي لاءِ ڪو وقت رکين ٿِي؟“

”اَما، جڏهن ڪو مالهِي ڦل لڳائيندو آهي تہ اِن آشا سان تہ هن باغ جا ڦل سُٺا ۽ مٺا ٿين. جيڪو ڪائي سو خوش ٿئي. منهنجِي بہ هيءَ ننڍڙي ڦُلواري آهي. مان چاهينديس تہ هن ڦلواڙيءَ جو هر هڪ گُل سُگنڌي ۽ سُهڻو ٿئي.“

”مما، توهان جهڙِي ماءُ ملنديِ، سي ٻار هر قدم اڳيان

مَمتا جي مُورت

سروج گوپال پاروالڻي، پونو

ڪشور اخبار کڻي گهر ۾ گهڙيو. نِرملا ته ڪافي وقت کان انتظار ۾ هئي. رنڌڻي جي ڪم ۾ سندس دل نه پئي لڳي، هر هر دروازي تي اچي ٻاهر نهاري ۽ ڪشور جي اچڻ جو انتظار ڪري ۽ نراش ٿي واپس رنڌڻي ۾ هلي وڃي. ڪشور جي اچڻ سان نرملا جي منهن ۾ چمڪ اچي ويئي. هوءَ تڪڙن قدمن سان رنڌڻي مان نِڪتي. ڪشور طرف نهاريائين، ڪشور مشڪي اچي نرملا کي پيري پيو. نرملا کيس پيار وچان ياڪُر ۾ ڀري چيو، ”فرسٽ ڪلاس، نه؟“

”مما رڳو فرسٽ ڪلاس نه پر فرسٽ اِن ٽاپ ٽين.“

نرملا جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها تري آيا. هُن ڀڳوان جا احسان مڃيا ته شڪر آهي آخر مون کي جاڳايئه ته سهين.

ڪشور ماءُ جي اکين ۾ ڳوڙها ڏٺا ۽ ياڪُر پائي چيائينس، ”مما، هيءُ سڀ تنهنجي آسيس ۽ سهڪار جو ڦل آهي جو تنهنجو سعايو منهنجي ۽ سنيل جي مٿان پيو، اسانکي ماءُ ملي ته اسان ٻنهي جو جيون ٺهي پيو. نه ته شايد ...“

نرملا سندس وات تي هٿ رکندي چيو، ”نه پُٽ، ائين نه چئُه. هيءُ ته منهنجو نصيب ڪليو جو مون کي توهان جهڙا چئيوان ۽ گڏوان ٻار مِليا جن اسانجي گهر جو شان مٿي ڪيو آهي.“ ۽ ٻيئي ماءُ پُٽ اکين ۾ نير ڀري، پيار ڀرين نگاهن سان هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا.

نِرملا ۽ ڪشور جي آواز تي لڇمڻ ڪمري مان نڪتو ۽ ٻنهي کي خوش ڏسي چيائين، ”چا ٿيو؟ ڪا لاٽري لڳي اَٿوَ چا؟“

ناڪامياب رهيِ. پراون ٻارن جي پرورش ڪرڻ ڪانئس نہ پڄندو هو. پاڻ ٻن ٻارن کان گهر جو ننڍو وڏو ڪم ڪرائيندي هئي ۽ ننڍڙي پُٽ کي سندس سسُ پاليندي هئيِ. ڪڏهن ببلوءَ لاءِ کير ٺاهڻ لاءِ سسُ چونديِ هئس تہ بہ ڇڙي ٿي پوندي هئيِ.

هڪ ڏينهن سنيل نرملا کي ڪارڊ ڏيندي چيو، ”ممي، اسان جي اسڪول ۾ Parent's day آهي. توهانکي اچڻو آهي، ڇو تہ منهنجيِ مِس چيو آهي تہ توهانکي پروگرام جو جج ٿيڻو آهي.

نرملا ڪارڊ وٺي پڙهيو، جنهن ۾ سندس لاءِ Invitation هئيِ. نرملا کي تہ اهڙن پروگرامن ۾ دلچسپيِ هئي. هن هڪدم پنهنجي قبوليت موڪلي.

آخرُ اهو ڏينهن آيو ۽ هوءَ تيار ٿيِ سنيل سان سندس اسڪول ۾ ويئيِ، جتي ٻارن هڪ ننڍو ناٽڪ پيش ڪيو، ”منهنجيِ مميِ مهان آهي.“ ناٽڪ درميان ماءُ جو پارٽ، ٻارن کي پالڻ جو طريقو، ماءُ ۽ ٻار جي وچ جيِ زنجير هن ڏني تہ ٻار کي پالڻ لاءِ ماءُ جو ڪيترو نہ وڏو پارٽ آهي. نرملا کي محسوس ٿيو تہ مان بہ تہ هڪ ماءُ آهيان، پوءِ مان پنهنجو پارٽ ادا ڪرڻ ۾ پلٽي ڇو آهيان؟ سندس وويڪ جاڳيو. هُن محسوس ڪيو تہ لڇمڻ جن جيِ پالنا لاءِ مون سان شاديِ ڪئيِ، اُن عيوض مونکي ڀرپور پيار ڏنو پر مون ڇا ڏنو؟ ڪجھ بہ نہ، نہ پيار نہ ممتا ۽ ويچارن ٻارن بہ ڪڏهن ڪا شڪايت نہ ڪئيِ آهي. بنا ماءُ سندس ٻچپن بہ خبر ناهي ڪٿي گُم ٿيِ ويو آهي. ڪڏهن ڪا فرمائش، ڪو ضد، ڪجھ بہ تہ ڪينهي. ڪيس پنهنجون ماٺيل مؤجون ياد آيون. ججمينٽ جو فيصلو ڏيڻ کانپوءِ سندس ليڪچر هو. پروگرام درميان سندس من ڪافي پريل هو. هن اسڪول مئنيجمينٽ کي ساراهيو تہ وقت بہ وقت اهڙا پروگرام ڏيکاري مائٽن ۾ جاڳرتي آڻيو تہ هو ٻارن جيِ بهترين پرورش ڪن.

وڏائيندا رهندا.“

لڇمڻ خيالن ۾ غلطان هو. هو اُن نرملا کي سڃاڻندو هو جيڪا هڪ شاهوڪار پيءُ جي ڌيءَ هئي. سندس گهر ۾ هر قسم جو سُک ميسر هو. گهر ۾ ڪم ڪار لاءِ نوڪر چاڪر هئا. گهر ۾ فرش تي هر طرف غاليچا وڇايل هئا. پٽ تي پير رکڻ کان اڳ بوٽ، چمپل سندن اڳيان حاضر هوندا هئا. هوءَ ديوان جي ڌيءَ هئي. پاڻ ۾ پنج ڀائر ڀينر هئا. نرملا سڀني کان وڏي هئي، انڪري ساري گهر ۾ سندس حڪومت هلندي هئي. ڪنهن به ڀاءُ يا ڀيڻ کي سندس حڪم ٽارڻ جي همت نه ٿيندي هئي. اوچتو مُلڪ جو ورهاڱو ٿيو. هرڪو پنهنجي عزت ۽ جان بچائي هند ۾ آيو. وقت اهڙو هو جو وڏور ڏيئر گهر ۾ وهارڻ خطري کان خالي نه هو. چوطرف هندو مسلمانن جا فساد چالو هئا. اهڙي وقت ۾ جوان ڌيءُ کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏڻ به محال هو، ڇو ته نرملا جو پيءُ اڃان پاڪستان ۾ ئي هو. اهڙي وقت ۾ لڇمڻ جي پهرين زال پُشپا ڊليوريءَ ۾ مري ويئي. هاڻي لڇمڻ کي ٽن ٻارن کي پالڻ لاءِ زال جي ضرورت هئي. لڇمڻ جي ماءُ به پُڙي ۽ بيمار هئي. هڪ ٻار وانگر اُن کي سنڀالڻ جي ضرورت هئي.

نرملا شاهوڪارِي گهر جي ڌيءَ ته هئي پر رنگ جي ڪارِي هئڻ ڪري سندس لاءِ ٺاهوڪو ڇوڪرو ملڻ به مشڪل هو. لڇمڻ ٺاهوڪي هئڻ سان گڏوگڏ، سٺي ڌنڌي وارو هو. نِرملا جي ماءُ گهوٽ سان صلاح ڪري نِرملا کي لڇمڻ سان پرڻائي ڇڏيو.

شاديءَ کانپوءِ نرملا جو غرور وارو سڀاءُ ۽ پنهنجي پرائي جو ويڇو، ڪم ڪار جي سُستي ڏسِي لڇمڻ ڏُکي ٿيو ته ناحق مون نرملا سان شادي ڪئي. ڪنهن غريب گهر جي ڇوڪري ڪٺان ها. نِرملا پنهنجن نخرن، پنهنجن ڪاڏن، پنهنجي گهمڻ ڦرڻ ۽ عيش عشرت جي ڪري گهر کي سنڀالڻ ۾

هاڻي نرملا ٻارن ۾ اينٽري تہ رُڌل هونديِ هئي جو لڇمڻ کي ڏيڻ لاءِ يا گهمڻ ۽ ساهيڙين وٽ وڃڻ جي لاءِ وقت ڪونہ هوندو هوس. دير رات تائين ٻارن کي پاڙهڻ، هنن جيِ صحيح پرگهور لهڻ، سندن هر ضرورت جو خيال رکڻ، هاڻي سندس روزانو ٽائيم ٽيبل ٿيِ ويو. رات جو کاڌي جي ٽيبل تي ٻارن کان اُن ڏينهن جيِ سموريِ پڙهائيءَ جو سماچار وٺندي هئي.

لڇمڻ کي محسوس ٿيو تہ هر استريءَ ۾ ممتا جيِ ڀاونا لڪل هونديِ آهي. وقت سِر اها سيني جي سامهون اينديِ آهي نرملا وانگر، مان سمجهندو هوس ٻارن جيِ خاطر مون نرملا سان شاديِ ڪري ڪا غلطيِ ڪئيِ آهي، پر نہ اڄ محسوس ٿو ڪريان تہ مون صحيح ڪيو. نِرملا هاڻي اُها نہ رهيِ. سندس شوخيِ، ايمان، حسد سڀ ڪافور ٿيِ ويا، صرف ممتا جي هٿيار سان.

خيالن جيِ ڏور کي ٽوڙيندي سنيل چيو، ”ممِي، ٻن سالن کانپوءِ مان بہ توهانکي اهڙيِ خوشخبريِ ڏيندس.“

لڇمڻ خيالن مان جاڳيو، سندس نيڻ نير سان تر هئا.

”مونکي وشواس نہ اچي تہ هيءَ اُها ئيِ نرملا آهي، ديوان جيِ لاڏليِ ڌيءَ، جيڪا ڪڏهن عرش تي اُڏامنديِ هئيِ.“ لڇمڻ آهستگيءَ سان چيو.

”پر هاڻي مان ماءُ آهيان. هيِ ٽيئي منهنجا راجڪمار آهن. اسان جي ٻڍاپي جا سهارا آهن، اڄ اسين پوکيون ٿا تہ ڪلهہ تہ ضرور ملندو نہ.“ ۽ خوشيءَ وچان ٻنهيِ ٻارن کي ڀاڪُر ۾ ڀري ورتائين.

ممتا جي مورت کي لڇمڻ ۽ ماٽس ڏاڍي پيار سان ڏسيِ رِهيا هئا. ننڍڙو ڪمليش ڊُڪندو آيو، ”مما... مما... مان؟“

”ها پُٽ تون بہ“ نرملا کيس گود ۾ کڻيِ ورتو.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

گهر موٽيندي رستي ۾ هوءَ سُنيل جو هٿ اهڙو ته قابو پڪڙيندي آئي جيئن ڪو ڪانئس سندس هٿ ڇڪي نه وٺي. گهر اچي ڏنائين ته ببلو پينگهي ۾ سمهيو پيو هو. امان کان پڇيائين، ”توهان چانهه پيتي آهي؟“

”ها پُٽ، منهنجو چانهه پيئڻ جو وقت ٿئي ته مان نه ويهي ڪونه سگهان. تنهنجي لاءِ چانهه ناهيان؟“ امان سوال ڪيو.

”نه امان، مان سنيل جي اسڪول مان پِي آئي آهيان. سنيل پُٽ، بُک لڳي هوندءِ، ڪجهه کائيندين؟“

”نه مما، مونکي بُک ڪونهي.“ سنيل جواب ڏنو، هو وائڙو ٿِي ويو ته اڄ مميءَ کي ڇا ٿيو آهي؟ هونئن سڄ پڇ بُک هوندي آهي ۽ گهڻ ڪانپوءِ به ڇرب ملندي آهي ته مان ڪو باورچي آهيان ڇا جو سارو ڏينهن رنڌڻي ۾ پيئي رڌيان ۽ توهين کائيندا وڃو. اسانکي ماءُ ملڻ جي جيڪا خوشي هئي سا پوري ڪونه ٿي. پر اڄ ممي؟

نرملا جي اجوڪي وهنوار سان هرڪو وائڙو ٿي ٿيو ته آخر اڄ سڄ کهڙي طرف کان اُڀريو آهي؟ لڇمڻ جيئن رات جو گهر آيو ته کيس سوادي کاڌي سان گڏوگڏ هرڪو کاڌي جي ٽيبل تي حاضر هو. کاڌو کائيندي لڇمڻ پڇيو، ”اڄ ڪو نئون باورچي مليو آهي ڇا جو اهڙو سوادي کاڌو ٺهيو آهي؟“

ڪشور چيو، ”دادا، اڄ سڄو کاڌو مميءَ پنهنجي هٿ سان ناهيو آهي. اڄ کان مميءَ جو حُڪم آهي ته هاڻي صبوح جو ناشتي کانوٺِي رات جي کاڌي تائين هرڪو وقت تي هن ٽيبل تي پهچندو ۽ گڏجي کاڌو کائيندو.“ لڇمڻ ٻُڌي وائڙو ٿيو.

صبح جو نند مان اُٿي ڇا ڏنائين ته هيئي ٻار بلڪل سٺي نموني تيار ٿيل هئا. سندن پيرن ۾ پالش ٿيل بوٽ، صاف سٿري Uniform پيل، اسڪول وڃڻ لاءِ تيار بيٺا هئا.

مون کي جاڳائي، منهنجي اِڇا نہ هوندي بہ هو منهنجي مٿان هڪ بُکايل جانور جيان ٽُٽي پوندو هو. هن جي منهن مان ايندڙ شراب جي تکي بانس منهنجي ناسن ۾ گهسي ويندي هئي ۽ منهنجي جذباتن ۽ ارمانن ۾ نفرت جو زهر پرجي ويندو هو.

منهنجي جذباتن ۽ ارمانن کي ڪا معنيٰ ڪونہ هئي ۽ مان ڪنهن ڳالهہ جو وروڌ ڪيان، سڀ اجايو پئي لڳو. هاڻ بہ ٻار ٿيڻ ڪانپوءِ مونکي لاچار ٿي هڪ مشين جي پرزي جيان ڦرڻو هو.

ڪڏهن ڪڏهن مون رميش کي زور ڪيو تہ اڄ ڪاڏي گهمڻ هلون پر هن کلي ٽاري ڇڏيو ڇي، ”ڪار بيني اٿيئي. ٻارن کي وٺي جيڏانهن وڻيئي، ڪين گهمائي اچُ.“

مون ائين بہ جاچيو هو تہ هي وڏا ماڻهو پئسي خاطر وڏا ٽينشن پالي وٺا هئا. منهنجو گهوٽ صبح جو اُٿندو فريش ٿيڻ بعد رات جي آندل مُرادي جو وڏو ٿيلهو ڳُٺي پوءِ بئنڪ ۾ پري ايندو ۽ منهنجو گهوٽ تہ ڇڏيو، منهنجي سسُ سهرو ۽ منهنجو ڏير سڀ پيئڻ - کائڻ جا عادتي هئا.

منهنجا ماءُ پيءُ خوش هئا تہ مان وڏي گهر ۾ پينگهن ۾ ٿي لُڏان. ماڻهن کي فخر سان ٻڌائيندا هئا تہ اسانجي ڪويتا ڏاڍي سُکي آهي. پر چوندا آهن 'ڳڙ جاڻي ڳُڙ جي ڳوٿري جاڻي.' منهنجي حالت هڪ اِٻڙيءَ جي ڳُڏيءَ جيان هئي. مون ڪڏهن ماءُ پيءُ کي ڪا شڪايت نہ ڪئي، نہ ڪو ڏوراپو ڏنو تہ توهان مون پڙهيل ڳڙهيل ڊاڪٽر ڌيءَ کي ڪٿي ڦٽو ڪيو آهي؟ مون کي ڪا زندگي ڪونهي صرف قيمتي ويس وڳا، سهڻا ڳهہ ڳٺا ۽ سوادي طعام کائي کائي موٽي ڊبل ٿي ويئي آهيان. منهنجي سونهن ۽ سرير صرف رميش جي بهلائڻ لاءِ هڪ رانديڪو آهي.

هتي مان جيڪر تمام مٿن مائٽن کي گذارش ڪيان تہ پنهنجي ڌيءَ کي پوشيہ جي زندگي ڏيو. محظ وڏو گهر سمجهي ان جي چانئٺ سان ٻڌي نہ اڇو. مون جيان ڪنهن سونهري پڃري جي بُکايل جانور کي سونپي نہ ڏيو.

* * * * *

جانور

سريچند سنگدل، پمپري، پونو

هيڏانهن موں بي.اي.ايم.ايس. ڊاڪٽري جا پاس ڪئي، منهنجي مٽي مائٽيءَ جون ڳالهيون شروع ٿي ويون. ستياوان، مٽين مائٽين واري مائيءَ هڪ پوپال جو قصو آندو. ڇوڪرو بي.ڪام پاس، هو نه وڪيل هو نه ڊاڪٽر هو نه ڪو سي.اي. هو.

منهنجي مائٽن اِن ڇوٽيءَ کي کٽي ڳنڍ ڏني ته ڏيءَ ڏجي بيٺل سٽيي. گهر ۾ جيئن هوءَ وڃي پينگهن ۾ لُڏي ۽ نونهن ولجي پل غريب گهر مان، جيئن گهر اچي گونگي ڳانءِ جيان چائنٽ سان ٻڌل رهي.

منهنجي پتا کي ٺيڪيداريءَ جو سٺو ڪاروبار هو سو ستياوان جو آندل گهر، جن کي شهر ۾ وڏي بيئر بار ۽ هوٽل هئي. ڪين ڪشادو بنگلو، موٽر ڳاڏيون ۽ گهر ۾ نوڪر چاڪر هئا. اِن ڪانسواءِ اَما بابا کي ٻيو ڇا کپندو هو؟ هنن مٽڻي ڪرڻ کان اڳ ئي ڳالهايو ته اسان کي ڇوڪري گهر لاءِ کپي، اِها ڊاڪٽري وغيره نه ڪري سگهندي.

آخر منهنجو وهانوَ پوپال جي هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ ٿيو. هنن منهنجو سڄو سرير سون ۽ هيرن جي ڳهڻن سان جهنجهي ڇڏيو. منهنجي پتا ڏيتي ليتيءَ ۾ ١٥ لک ڏيئي پنهنجو شان وڌايو.

ائين ته منهنجو گهوٽ رميش ڪُليل رنگ جو سمارٽ ۽ ڳڀرو جوان هو. گهر ۾ سسُ سهرو ۽ هڪ ننڍو ڏير هو.

هوٽل جي ڏنڌي ڪري دير رات تائين ڪم ڪار رهندو هو. اَسان صبح جو ١١ کان اڳ نه اُٿي سگهندا هئاسون.

رميش رات جو ٢ بجي کان اڳ نه موٽي سگهندو هو. اُن بعد ڊُڪ پي، روٽي کائي سمهندو هو. اُن وقت مان پڪي ننڊ ۾ هوندي هئس. پر جڏهن سرير جي بُک ستائيندي هئس ته هو زبردستي

هفتي ڪانپوءِ ماسترياڻيءَ پشپا کي گهرايو ۽ حال احوال پڇيائينس. پشپا تہ هن وقت خوش پئي لڳي. ماسترياڻي اِهو ڏسي خوش ٿي. ڏٺائين تہ هينئر هوءَ اڳي جهڙي ناهي ۽ ڊپريسڊ يا ڊپيل نٿي لڳي. پشپا ماسترياڻيءَ کي چيو تہ، ”توهان مون کي احساس ڪرايو آهي تہ تون بہ ساهيڙين کان گهٽ ناهين. تون بہ ڦڙت ۽ هوشيار آهين.“

پشپا هينئر دل لڳائي پڙهڻ لڳي ۽ ساليانی اِمتحان ۾ پهرين ڏهن نمبرن ۾ پاس ٿي. جيڪي ڇوڪريون هن تي ٺٺوليون ڪنديون هيون، سي پاڻ پُٺتي رهجي ويون.

ماسترياڻيءَ پشپا کي چيو تہ، ”پُٽ، مان توکي هيا بہ بہ اَهڙا بئج ٿي ڏيان، جي تون وري ٻين ٻن ماڻهن کي ڏج تہ هو اهو بئج 'I am an important person' پائين.“

پشپا هڪ بئج وڃي پنهنجي ساهيڙيءَ موهنيءَ کي ڏنو، جا ڪنهن آفيس ۾ ڪم ڪندي هئي. هن اهو بئج پائي ڇڏيو جنهن تي 'I am an important person' لکيل هو. ان بئج پائڻ ڪانپوءِ هيءَ پاڻ ۾ ڪجهہ Confidence سمجهڻ لڳي. هوئن آفيس جا ماڻهو کيس ائين سمجهندا هئا تہ هوءَ ڪجهہ ڄاڻي ئي ڪونہ ٿي، مڙيئي جو آفيس ۾ نوڪري ملي ويئي اَٿس، سو جڻ جهڙو تهڙو ڪم ڪري وقت ٿي گذاري. موهني هينئر ان بئج ڪانپوءِ منهن مٿي ڪري هلڻ لڳي. موهني اهو بئج روز تہ ڪونہ پائيندي هئي پر ان بئج جي اکرن هن ۾ ويساهہ پئدا ڪيو. پوءِ تہ پرس ۾ پيو هوندو هوس. ڪم بہ رُچيءَ سان ڪرڻ لڳي ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هن جو ڪم ڏسي هن کي هيڊ ڪلارڪ جي پوسٽ ڏنائون.

هاڻي موهنيءَ وٽ بچيو هڪ بئج. سوچيائين تہ اهو ڪنهن کي ڏيان. آخر خيال آيس تہ ڇو نہ وڃي اهو بئج پنهنجي باس کي ڏيان، جنهن تي بہ ساڳيا اکر 'I am an important person' لکيل هئا. باس هيرالال اهو بئج ورتو پر پاتائين ڪونہ، کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. پر انهن ڇئن اکرن جو هن

اَهميت جو ڪرشمو

شڪو ڪلناڻي، پونو

ماسترياڻيءَ ڪلاس ۾ پاڙهيندي ڏٺو ته هڪ ڇوڪري پنهنجي بينچ تي ويٺل روز چُپ چاپ ويٺي هوندي آهي، جنهن جو پڙهڻ ۾ ڌيان ئي ڪونه اٿس. ڪڏهن ڪنڌ ڊيسڪ تي رکيو پئي هجي. هر وقت چُپ چاپ آهي. نيٺ هڪ ڏينهن هن کي پاڻ وٽ گهرائي پُڇيائينس، ”پشپا، تون اهڙي چُپ چُپ ڇو ٿي رهين، نه ٻين ڇوڪرين سان ڳالهائين ٿي ۽ نه وري رسيس ۾ ڪجهه کائنپين مان وٺي کائين ٿي، جيئن ٻيون ڇوڪريون ٿيون کائن ۽ هڪ ٻئي سان ڳالهايون ٿيون ڪن. تون انهن سان گڏ وهين به ڪونه ٿي. اڪيلي وچي رسيس ۾ وڻ هيٺان ويهي ڪجهه سوچيندي ٿي رهين. ڇو توکي ڪو Problem آهي يا ڪا ڳڻتي اٿيئي؟ تون مون کي دل کولي سچ سچ ٻڌاءِ ته مان توکي ڪا مدد ڪري سگهان.“

پشپا چيو، ”نه سِسٽر، اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. مون کي هر وقت اهي ويچار ٿا اچن ته ٻيون ڇوڪريون مون کي ليکين ئي ڪونه. ڪڏهن ڪڏهن مان انهن وٽ وڃي انهن سان راند ڪرڻ چاهيان به ٿي پر پاڻ مون تي پيون کلن ۽ چيڙائين. جنهن ڪري مان پاڻ کي ڏاڍو گهٽ ٿي سمجهان ۽ بي همت ٿي ٿي وڃان.“

ماسترياڻي اِهو ٻڌي خاموش رهي. سوچ ۾ پئجي ويئي. چيائينس، ”پشپا، تون ڪو خيال نه ڪر. هاڻي مان توکي هيءُ هڪ بئج ٿي ڏيان، ڏس هن تي ڇا لکيل آهي.“

پشپا اهو بئج وٺي پڙهيو جنهن تي لکيل هو، ”I am an important person“. ماسترياڻيءَ اهو بئج پشپا کي پاتو ۽ چيائينس ته تون مون کي وري هفتي ڪانپوءِ اچي ملجان.

۽ ان ڪلارڪ سان اڳي وانگر گهٽ وڌ ڪونه ڳالهائيندا هئا ۽ ڪيس مان ڏيڻ لڳا. ڪلارڪ کي به پاڻ ۾ Confidence اچي ويو ۽ خيال ڪيائين ته ڪيستائين هن ننڍي پوسٽ تي ويٺو هوندس، سو پاڻ کي هينئر ڪا شيءِ سمجهڻ لڳو ۽ وڃي هڪ ڪامپيوٽر جو ڪلاس جائن ڪيائين ۽ ڇڻو واڌارو ڪري ويو، پگهار به اڳي کان وڌيڪ مليس.

باقي بچيو باس هيرالال وٽ چوٽون ٻئج. سو خيال ڪيائين ته ڇو نه پنهنجي پُٽ کي پايان. اِهو ڏنائين ته هو نه ڪو ڪم ٿو ڪري، پيو سڄو ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي. ڪوٺي چيائينس، ”پُٽ، هيڏانهنُ اچ ته مان توکي هڪ ٻئج ٿو پايان. ناڪار نه ڪج.“

پُٽس چيو، ”پپا، اهڙو ڪهڙو ٻئج آهي جو مون کي ٿا پايو؟ سونو آهي يا چانديءَ جو آهي؟“

”پُٽ، اهو ٻئج پائيندين ته سون چاندي وسري ويندءِ.“

”ڇڻو ڀلا ڏيو ته ڏسان نيٺ آهي ڇا؟“

’I am an important person‘ اهي اکر پڙهي پيءُ کي چيائين، ”پپا، مان ان ٻئج جي لائق ناهيان. هوڏانهن ڇڻو ٿا ته ڀٽڪين ٿو وغيره پوءِ مان وري ڪيئن ’important‘ ٿيس؟“

ٻئج ڪري پيءُ جي ڳالهه رکڻ ڪري پاتائين پر چيائينس، ”هينئر جو هينئر مٿي منهنجي روم ۾ هلو ته مون ڇا سوچيو آهي، پوءِ توهين هيءُ ٻئج واپس ئي وٺندا.“

پٽس هيرالال مٿي پُٽ جي ڪوٺيءَ ۾ ويو جتي ڏنائين ته پِٽ تي اکر لکيا اٿس ته ’مان جلد آپگهات ڪرڻ وارو آهيان. توهين ڏُک نه ڪجو. هونءَ به روز ممي ۽ پپا مون مان ڇڙ تنگ آهن.‘ ”هاڻي ته اعتبار آيوَ ته مان هن ٻئج جي لائق ناهيان.“

پٽس اهي اکر ڏسي دنگ رهجي ويو پر پُٽ کي ڀاڪر پائي چيائينس، ”پُٽڙا You are an important person، تون دل ڇو هاري ويٺو آهين؟ ڏسجانءِ ته هن ٻئج پائڻ ڪانپوءِ

تي ڪافي اثر ٿيو. دل ۾ چيائين ته مان آهيان ته سچ 'an important person' پر مونکي آفيس ۾ منهنجا زيردست ۽ ٻيا مون سان ائين ٿا ورتاءُ ڪن، ڄڻ مان سندن جهڙو رواجي اِنسان آهيان. هن ٻئج جي اکرن هن ۾ هڪ طرح جي جذبات (feeling) پيدا ڪئي. پاڻ ۾ اعتبار، ويساه (Confidence) اچي ويس. هاڻي باس هيرالال، باس طرح وشواس سان هلڻ لڳو. سيني آفيس جي ملازمن اهو فرق ڏٺو ۽ هينئر هو به هُن سان عزت سان هلڻ لڳا ۽ ڪم به باقاعدي ڪري ڏيندا هئس. هيرالال سڀ Pending يعني رهيل بچيل ڪم پورا ڪيا، روز به چار فائيل پورا ڪري مٿي ڪيندو ويو. هن جي ڪم ۾ چڱي بدل سدل اچي ويئي، سندس پروموشن جو روڪجي ويو هو، سو هينئر ڪيس مليو. بيحد خوش ٿيو.

موهنيءَ باس کي اهو به چيو هو، ''سر، مان اوهانکي ٻيا به اهڙا ٻئجس ڏيان ٿي جي توهين وري ٻين ٻن کي ڏجو. هن هڪ ٻئج پنهنجي دوست جي آفيس ۾ هڪ ڪلارڪ کي ۽ ٻيو اجان سوچيائين پئي ته ڪنهن ڏي ڪجي. ڪلارڪ ٻئج جا اکر 'I am an important person' پڙهي حيران ٿي ويو.

چيائينس، ''سَر، مان ته هڪ رواجي ڪلارڪ آهيان. مان ڪيئن اهڙو ٻئج پائيندس؟''

تنهن تي هيرالال چيس، ''تون پاءِ يا نه پاءِ پر اکرن تي ته تنهنجو ڌيان ويو آهي. تون پاڻ کي هڪ ڪلارڪ گهٽ ڇو ٿو سمجهين؟ ڪلارڪ به 'important' آهن.''

اهو ٻُڌي هن کي همت آئي ۽ اهو ٻئج پائي ڇڏيائين. ٻيا آفيس جا ماڻهو هن ڏانهن پيا نهاريندا هئا ته هيءُ وري ڪيئن 'an important person' ٿيو؟ پر ڪين به من ۾ اهو ويچار ته آيو، ''ٻيلي، ڪلارڪ به ڪم ڪري ٿا ڏين. تڏهن ته ڪاغذ مٿي آفيسر وٽ ٿا وڃن. هي ڇا ۾ گهٽ ٿيا؟''

پوءِ ته آهستي آهستي آفيس جي ماڻهن پنهنجي رَوش بدلائي

تصوف ۽ ويدانت

ڊاڪٽر شويا ريلواڻي، پونو

اِنسان ايامن کان پاڻ سڃاڻڻ (پنهنجو وجود ڄاڻڻ) جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. اُن جو گيان پُراڻي وقت کان اسانجي رشين مُنين، ويدن ۽ پُراڻن ۾ پيري پيري اسانکي ڏنو آهي.

جيئن سينتائُون هن سرزمين تي ڦهلجنديون رهيون، تيئن زندگيءَ جو ڳوڙهو مطلب سمجهڻ لاءِ ڌرم اُسريا، ڌرمي ڪتاب نهيا ۽ زندگيءَ جو سؤلو مطلب سمجهائڻ لاءِ درويش، پيغمبر، سنت ۽ اوتار پيدا ٿيا. تصوف ۽ ويدانت مَتُ اُن ڏس ڏانهن هڪُ قدم آهي.

ويدانت مت موجب برهم آتما (پرماتما يا حق) اسانجي اندر (شرير اندر) ئي آهي. هيءُ شريرُ يا ڪايا مِٽيا ۽ مايا آهي ۽ ناسونت آهي. اُن اندر رهيل آتما ئِي صرف سچ آهي. هيءَ جيو آتما يعنِي جيو جي اندر رهندڙ آتما ۽ پرماتما ساڳِي ڳالهہ آهي. مايا اوديا ۽ اگيان جِي پيدائش آهي ۽ دنيا جي ڏُکن جو ڪارڻ آهي. گرو شنڪرآچاريہ پڻ ساڳِي سمجهاڻي ڏني آهي.

جيڪڏهن هِن گيان کي سؤلي نموني سمجهجهي تہ، هَر اِنسان کي ٻن جزن جو وجود آهي جو آهي شرير ۽ آتما. شرير ناشونت آهي ۽ آتما امر آهي. ٻنهي جي وچير چنچل من آهي، جو پنهنجن وشين ۽ وڪارن سان اسانکي هن اٽميي سنسار ۾ ڦٽڪائي ٿو ۽ اکين اڳيان ٻڙدو چاڙهي سچ (حق يا پرماتما) سڃاڻڻ کان محروم رکي ٿو.

هيءُ ٻڙدو تڏهن هٽي ٿو جڏهن اسين ڪنهن سنگروءَ يا گيانِي پُرش جو سنگ ڪيون تا جو اسانکي حق سڃاڻڻ ۾ مدد ڪري ٿو. تڏهن اسانجي اندر جا ست چڪر کُلن ٿا

تنهنجون feelings، تنهنجي خيالات ۾ ڪيئن تو بدلاءُ اچي. پاڻ ۾ ناڪاري جذبات (Negative feelings) نہ پئدا ڪر.``

بس پوءِ تہ پُلس ڪي پاڻ ۾ ڀروسو اچي ويو. روز انهن اکرن 'I am an important person' ڏانهن ڌيان ويندو هوس. هن کي راندين جو شونق ننڍي هوندي کان هو، پر مائٽ پيا هن کي پڙهڻ ۾ ڌڳرين وڌڻ لاءِ زور ڪندا هئا. بس بئج جي اثر هيٺ اچي سوچيائين تہ هاڻي مان راندين ۾ ڪوچنگ وٺي اهڙو سٺو رانديگر ٿيندس جو پيا ڏندين آڱريون ڏيندا.

هيرالال جو پُٽ آپگهات کان بچي ويو.

پشپا جي انهن ڏنل چئن بئجن، چئن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. سو موهنيءَ چيُن تہ ”هلو تہ هلي پشپا جا شڪرانا مڃون، جو اسين زندگيءَ ۾ اڳيرو ٿيا آهيون. باس تہ General Manager ٿي ويو. مطلب سڀئي پنهنجي پنهنجي نموني حياتيءَ ۾ ڪامياب ٿي ويا.``

پُشپا وٽ ويا تہ پُشپا چيُن، ”پائي، منهنجا ٿورا نہ مڃو. سڀ هلي منهنجي ماسترياڻيءَ سان گڏجو، جنهن کي ان بئج جو خيال آيو.``

ماسترياڻيءِ وٽ گڏجي ويا. نمسڪار ڪري سندس مهرباني مڃيائون. ماسترياڻيءَ چيُن تہ، ”مان فقط هڪ صلاح توهانکي ڏيندس. اِها هيءَ تہ 'پاڻ کي گهٽ نہ سمجهو ۽ ٻين کي بہ گهٽ نہ سمجهو. اهو منتر ياد ڪندا تہ مان سمجهندس تہ ان بئج جي اکرن 'I am an important person' ڪرامت ڪئي. پاڻ ۾ ويساهہ بہ رکو.``

آمين !

* * * * *

گيان حاصل ڪرڻ ضروري آهي جو معرفت ذريعي ٿئي ٿو. اُن لاءِ ڪنهن ڪامل درويش يا مرشد جو هئڻ لازمي آهي، جو سالڪ کي صحيح راهه ڏيکاري ٿو ۽ سندس من ۾ معشوق (حق) لاءِ برهه جي باهه ڀڙڪائي ٿو. سالڪ کي مالڪ جي در تي سوالي ٿي وڃڻو آهي ۽ پاڻ فنا ڪرڻو آهي. ”پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوُ لهُه.“ تصوف جون نصيحتون جي صوفين ڏنيون آهن سي آهن :- نمي ڪمي هلڻو آهي. صبر سان پنهنجي ڪيني ۽ بغز کي ناس ڪرڻو آهي ۽ خاڪساري اختيار ڪرڻي آهي. ”خودي ۽ خُدا ڪانه ماپن هڪ مياڻ ۾.“

سالڪ کي مالڪ (محبوب) جي وصال لاءِ جدا جدا منزلون پار ڪرڻيون پون ٿيون جئن ته :

١. شريعت : جنهن ۾ مذهبي اُصولن ۽ قاعدن کي سمجهي پالن ڪرڻو آهي.

٢. طريقت : نفس کي ماري، پاڪيزگي حاصل ڪري پنهنجي روحاني ياترا شروع ڪرڻ.

٣. معرفت : ڪسرت ۽ وحدت (آتما ۽ پرماتما) جو راز سمجهي عارف ٿيڻ (گياني ٿيڻ.)

٤. حقيقت : حق سان (ڀڳوان) وصال ڪرڻ (ملي وڃڻ.)

صوفين ڪيترين مذهبي روايتن، مذهبي ڪتابن ۽ مؤليون جي پاکنڊ کي ننديو آهي.

صوفي مت اسلام مذهب جو انگ هوندي به ويدانت، يوگ، ڀڳتيءَ ۽ ٻڌ ڌرمن جي سڌانتن جي اثر هيٺ گهڻو آيو انڪري صوفي مت ۾ سيني جو انوکو ميل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مثلا ويدن جو نعرو ’اهم برهم اسمي‘ يعني مان ڀڳوان آهيان.

تصوف جو نعرو آهي، ’انالحق‘ يعني مان خود خُدا آهيان. صوفين جو عشق ڀارتيه پريم ڀاونا کان متاثر آهي. صوفين جي ذڪر (جپ)، مراقبا (ڌيان، سماڌي) ۽ خلوت (ايڪانت ۾ گذارڻ) تي ڀارتيه ساڌنا جو اثر پيو آهي. صوفين جي پرم ستيه ۾ فنا ٿي وڃڻ جو سڌانت ٻڌ ڌرم جي نرواڻ

۽ انسان کي آتم گيان حاصل ٿئي ٿو ۽ پرماتما سان مِلي
هڪ ٿئي ٿو يعني نرواڻ يا مُڪتي حاصل ٿئي ٿي. اسانکي
تڏهن سچي آنند جو انڀو ٿئي ٿو ڇو جو پرماتما سَت چِت
آنند آهي. اُهو نرواڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ويدن ۾ الڳ الڳ مارگ
ٻڌايا ويا آهن جن مان ڀڳتي مارگ هڪ آهي. اُن ڀڳتي
ڌارا جو خاص سنيهو آهي پريم ۽ شرڌا. پُوريءَ شرڌا سان
جڏهن بندو مالڪ سان پريم ڪري ٿو ۽ پورو پاڻ ارپڻ ڪري
ٿو تہ سندس آتما پرماتما سان مِلي هڪ ٿئي ٿي.

'تصوف' پڻ پاڻ سڃاڻڻ ۽ خدا ڏانهن پهچڻ جو هڪ رستو آهي. تصوف مت اسپين ۾ پيدا ٿيو، ايران ۾ اُسريو ۽ ايرانين اچي اُتر هندستان جي حصي ۾ پکيڙيو. تصوف مت جي پوئواري ڪندڙ ڪيترائي صوفي درويش ۽ سنت سنڌ ۽ هند ۾ پيدا ٿيا. صوفي لفظ جو مطلب الڳ الڳ زبانن ۾ الڳ الڳ آهي. توري ۾ چئجي تہ اُن جو مطلب آهي : سڃاڻپ، يعني پاڻ سڃاڻڻ يا صفا يعني اُها سمجهہ من کي ڌوئي صاف ڪري. صوفي مت اِسلامي مذهبين مان شروع ٿيو جنهن ۾ قران شريف جي آيتن جا مثال سمجهائڻ طور ڏنا ويندا آهن. پر تہ بہ صوفي مت ڪٽر اِسلامي پنٿن کان الڳ آهي.

صوفي مت موجب حق (پرماتما) حقيقي هيڪڙو (هِڪُ) يا واحد آهي. باقي مڙيئي ڪسرت (ڪائنات) اُن وحدت مان نڪتل آهي. اُهو حق مالڪ يا معشوق آهي.

اُن حق (پرماتما) ڏانهن رُخ ڪندڙ ٻالهائُو (اُن حق جو سالڪ يا عاشق آهي (آتما آهي.) عاشق (آتما) کي معشوق (پرماتما) جي وصال لاءِ بي انتها عشق (پريم ڀاونا) جي ضرورت آهي. هُن کي عشق ۾ پاڻ وَڍڻو آهي ۽ ڪشالا ڪڍڻا آهن. اُهو سِڪَ جو سوز سماع مان پيدا ٿئي ٿو. انڪري صوفي درويش سماع جا شوقين هوندا آهن ۽ اُن ۾ پنهنجو وجود وڃائي وهندا آهن. صوفي مت موجب حقيقي عشق حاصل ڪرڻ لاءِ مجازي عشق پهريون ڏاڪو آهي. عشق سان گڏ روحاني

خال (ٽي مني ڪهاڻيون)

ڪويتا ٺهلياڻي، پمپري، پونو

پريتيِ ۽ مان اِسڪول ۾ نائين درجي کان ساهيڙيون هيونسين. ٻنهي کي 'لاريل ۽ هارڊيِ' ڪري چيڙائيندا هئا. ٻنهيِ جو سڀاوُ ۽ وهنوار بہ اُبتڙ هو. هوءَ شاهوڪاريِ گهر ۾ ناز نخري سان پليل 'بنداس' هئيِ. هوءَ سڀنيِ سان ڳالهائي من کي موهيندي هئيِ ۽ مان پنهنجن ويچارن کي الفاظ پهرائي نہ سگهندي هئس. هوءَ موهناڻيِ ماسترياڻيءَ تي فدا هئيِ. هوءَ ڪيس گهر ۾ گهرائيندي هئيِ تہ مان بہ پريتيءَ سان گڏ ويندي هئس. هن جيِ اَميِ مونکي گهڻو گهُرندي هئيِ. مڪندنگر جي بنگلي جي ٻاهران وليون هيون. ننڍي باغ ۾ ڀاڄيون ۽ ميوا پوکيل هئا. اهڙيون ننڍيون پياريون خوشيون مون پنهنجي سکيءَ جي بدؤلت محسوس ڪيون.

پريتيءَ جيِ شادي بمبئيءَ ۾ ڊاڪٽر ڏوم سان ٿيِ. پوءِ ٻئيِ الڳ ٿيِ وياسين. منهنجيِ شاديِ پوني ۾ ٿيِ. هوءَ شريڪ ٿيِ پوءِ ٻنهيِ جون دنيائون الڳ، جوابداريون الڳ هيون. پريتيِ سرڪاريِ آفيس ۾ نوڪري ڪئيِ ۽ هن جو پتيِ منوج مستقبل کي روشن ڪرڻ لاءِ وديش ويو. هر ٽئين سال ٻارت ايندو هو. پٽ ۽ جوءِ کي خوب گهُمائيندو هو. هڪ شام مون وٽ بہ ايندا هئا. خبرچار ڏيندا وٺندا هئا. هن جي اکين ۾ پنهنجي پٽ لاءِ آئينده جا سنا سپنا هئا. انڪري وديش جون تڪليفون برداشت ڪيون. بس، هاڻ هو ٿڪجيِ پيو هو. هن دفعي هو زال ۽ ٻار جيِ ڪميِ محسوس ڪري رهيو هو. اِها هن جيِ آخرين ٽرپ هئيِ. هن پريتيءَ کي هميشه لاءِ اچڻ جو اطلاع ڏنو. هن ٽڪيٽ بہ ڪڍائيِ. پريتيِ ۽ منوج جا سپنا آڪش جي اوچاين کي ڇُهيِ رهيا هئا. پر بي رحم

سان گهٽي قدر مليو. ٻڌ ڌرم ۾ اهم ڪي ٻُراين جي جڙ ڪوليو ويو آهي. صوفين ٻه ڪيني ڪي نندیو آهي. هندو ڌرم ۾ حق تائين پهچڻ لاءِ ست چڪر ڪولٽا پون ٿا ۽ صوفي مت موجب حق تائين پهچڻ لاءِ ست ڏاڪا يا منزلون آهن، جن مان آخري آهن پير، درويش ۽ پيغمبر. اِنڪري صوفي مت جي عمارت جي پيڙهه تي ويدانت جو وڏو هٿ آهي. اُهو سڀ صوفي سنتن ۽ درويشن جي ٻاڻيءَ مان صاف ظاهر آهي. اَهڙا ڪيترائي صوفي سنت ۽ درويش سنڌ جي زمين تي ٿي چُڪا آهن جن مان ڪِن جا نالا ڏجن ٿا. اُهي آهن : شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، سامي صاحب ۽ دلپت صوفي، جن بيحد سندر مثالن ۽ تشبيهن سان صوفي مت جي ۽ ويدانت مت جي سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي ڏني آهي.

* * * * *

موهن ڪلپنا (1992 - 1930)

هند سنڌ ۾ هاڪاري نثر نويس سدا حيات موهن ڪلپنا ناول، ڪهاڻي، جيوني وغيره صنفن تي سٺي قلم آزمائي ڪئي. هن صاحب جا مقبول ڪتاب 'اُها شام' (ڪهاڻي سنگره) جنهن تي ڪيس مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ جو انعام مليو هو. 'فنڪار ۽ فيلسوف سڳن آهوجا' (جيوني)، 'جلاوطني' (ناول)، 'آوارا' (ناول)، 'موهي نرموهي' (ڪهاڻيون)، 'رُڃ ۽ پاڇا' (ناول) ۽ 'جهاز جي ڊيڪ تي' (ڪويتائون).

اکل ڀارتيه سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا ۾ بطور جنرل سيڪريٽري هن سٺو يوڳدان ڏنو.

ٿورو ۽ ٺڏو ڳالهائيندڙ موهن ڪلپنا ڪنهن ڪنهن وقت ٿانڊا پڻ وسائيندو هو.

سنڌيت جي هلچل ۾ سڄي عمر سرگرم رهيو.

ليلا ماسترياڻي هئي. هن کي پُٽ ۽ ڌيءَ ڄاوا. بس، ڪيس ننڍو ڪٽنب ڪپندو هو. هوءَ وري گريوتي ٿي. هن ٻار کي ڪيرائڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي پر ’جس ڪو راکي رام، مار سکي نہ ڪوءِ.‘ هن کي ٻي ڌيءُ ڄائي، جنهن جو نالو ريشما رکيائين. جڏهن وڏي ٿي تڏهن ڪيس هن تلخ سچائيءَ جي بہ خبر پيئي تہ هوءَ هن گهر ۾ گهربل نہ هئي. ريشما جي دل ۾ پيار جو ساگر هو. هوءَ سيني کي ڀاءُ، ڀيڻ، ماءُ، پيءُ کي ازحد پيار ڪندي هئي. هوءَ قرب واري هئي. ڀاءُ ڀيڻ جي شادي ٿي پر هن شادي ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو. مان مما کانسواءِ رهي ڪونہ سگهنديس. جيڪڏهن ڪنهن کي مون سان شادي ڪرڻي هجي تہ هُو مون سان ۽ مميءَ سان گڏ رهي. چوڪرا ’گهر جمائي‘ ٿيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. هوءَ پنهنجي شرير جو خيال نہ رکندي هئي، سٺيون پوشاڪون پاڻ نہ پائيندي هئي. ماءُ کي گُڏيءَ وانگر سينگاريندي هئي. ڪيترا اڻ واقف هن کي ماءُ جي وڏي ڀيڻ بہ چوندا هئا. پر هن کي ڪابہ پرواهہ ڪونہ هئي. ماءُ جي شيوا ۾ سُک محسوس ڪندي هئي. ماءُ کي چانهن ٺاهي ڏيندي هئي، گڏ پوڄا ڪندي هئي، ڪاڏو ٺاهي ڏيندي هئي، گڏ سمهندي هئي. هن جي ماءُ، هُن جي جيئڻ جو مرڪز هئي. وڏي عمر ۾ هن جي ماءُ جي ڪدنيءَ ڪم ڪرڻ بند ڪيو تڏهن بہ هن پنهنجي شيوا ۾ ڪا ڪمي ڪونہ ڇڏي. اِسپتال ۾ بہ ٽي دفعا داخل ڪرائي، هن جو علاج ڪرايو. ماڻس کي ويسر جي بيماري بہ ٿي. هوءَ پنهنجي ڌيءُ ريشما کي بہ ڪونہ سڃاڻندي هئي، پر ريشما ڪيس ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ پوئتي ڪين رکيو. ماءُ کان جپ صاحب چوارائيندي هئي. گروءَ جو جل پيئاريندي هئي. هن سوارٿي سنسار ۾ ماءُ لاءِ محبت جو لاثاني مثال هئي. هن دنيا ۾ نہ رام رهيو، نہ راوڻ رهيو، نہ راجا رهيو

موٽ منوج کي پاڻ سان وٺي رمندو رهيو. پريتي اڪيلي رهجي ويئي.

اِسڪول ۾ اِمتحان ۾ خال پرڻ سيکاريندا آهن. زندگيءَ جو خال پرڻ ڇو ڪين ٿا سيکارين؟

(٢)

منهنجي ڀيڻ ريکا جي شادي راهول سان ٿي. هي ٻئي هڪ ٻئي لاءِ ٺهيل هئا. ٻيئي هڪ ٻئي کي بيحد پيار ڪندا هئا. ٻنهي جي پيار جي نشاني هئي سونو. ٻئي ٻُڪڙي مٿان گهورون گهور ويندا هئا. سونوءَ جي اکڙين ۾ آنسو ڏسي سهي ڪين سگهندا هئا. ٻنهي سونوءَ جي پرورش بهترين نموني ۾ ڪئي. سونوءَ کي انٽرنئشنل اِسڪول ۾ داخلا وٺي ڏنائون. ٻارڙي جي هڪ هڪ پور کي ڪئميرا ۾ بند ڪري ڏسندا هئا. خوشيءَ ۾ پيا ٽرندا هئا. ٻنهي جي اکين جو تارو هو سونو. اُٿندي وهندي، جاڳندي سمهندي سونوءَ جو نالو زبان تي هون. وقت گذرندو رهيو. سونو ڊاڪٽر ٺهيو. جڏهن هو مارڪ شيٽ وٺي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ گهر اچي رهيو هو ته هڪ ٽرڪ واري هن جي موٽرسائيڪل کي ٽوڪيو. هو ڪري پيو. مغز تي زخم رسيُس ۽ هو هميشه لاءِ فاني سنسار کي الوداع ڪري هليو ويو. هن پٺيان مڙي نه ماءُ کي ڏٺو، نه پيءُ کي ۽ نه ڀيڻ کي. نه ڏاڏيءَ، نه ڏاڏيءَ هن کي گرفت ۾ قابو ڪيو. ريکا کي وشواس ئي ڪين پيو اچي. ائين ٿئو ٿي سگهي. ريکا ۽ راهول کي صدمو پهتو. ريکا اڃا تائين اُن ڌڪي جي ڦهري اَثر کان ٻاهر ڪونه نڪري سگهي آهي. هوءَ شونيه ۾ سونوءَ کي ڳولهيندي رهندي آهي. هوءَ ماضيءَ جي پلن کي جڪڙڻ چاهيندي آهي پر ماضيءَ جا پل ڪيس دوکو ڏيندا رهندا آهن. زندگي سچ آهي يا فريب؟ زندگي مٿيا آهي يا حقيقت؟ اِهو خال ڪير پورو ڪري سگهندو؟

سِنڌوءَ جي ڇائي - ديوي ناگراڻي

گووردَن شرما 'گهايل'، پونو

مشرق جي محبوب شاعر خليل جبران لکيو آهي تہ 'دماغي جاکوڙ ڪندڙ شاعر جو شعر اهڙو آهي جهڙو آڱرين جا سخت ننهن، پر اُمنگ ۽ اُتساه وارو شعر ائين آهي جيئن روحاني چپن جي چُمي، جا زخمي دل ۽ دماغ کي تازو ڪري ڇڏي ٿي.'

ڪنهن بہ سُٺي شعر ۾ بہ چيزون لازمي طرح هئڻ گهرجن. هڪ اها، تہ ڪوتا جي هر لفظ مان ڪويءَ جي من جي مؤج، اندر جي اُڇل ۽ اصليت جو اظهار ٿيڻ گهرجي. شعر پڙهندي يا ٻڌندي، پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي دل جي درياه ۾ اُهي ساڳيون ڇوليون پيدا ٿيڻ گهُرجن، جي ڪويءَ جي هرديہ - ساگر ۾ ڪوتا جي رچڻ وقت اُٿي رهيون هيون.

ٻي خوبي آهي ڪوتا جو ٻاهريون رنگ روپ. ڪوتا ڇند وديا يا علم عروض جي ڪسوٽيءَ تي پڻ ڪَسي ثابت نہ ٿيڻ گهُرجي.

شعر آهي زندگيءَ جو آئينو. شاعر پنهنجي من مهراڻ ۾ ٽٻيون ڏيئي، ٻي بها موتي ڳولهي، تن کي پوئي جڏهن حسين هار جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو، تڏهن اُن کي شعر ڪوٺيو وڃي ٿو. شعر کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. داخلي (Subjective) شعر ۽ خارجي (Objective) شعر. داخلي شاعر دل جي درياه ۾ ٽٻيون ڏيئي اندر جا احوال اورڻ شروع ڪري ٿو. هوُ پنهنجن اُمنگن، اُڌرن، آزمودن ۽ شخصيت تي روشني وجهي ٿو. خارجي شاعر، دل جي دنيا بابت نہ پر، خود دنيا بابت پنهنجا ويچار ورنن ڪندو آهي. هوُ ڪنهن خاص چيز (Object)، مضمون يا ويچار کي نظر ۾ رکي، اُن تي روشني وجهندو آهي. جيئنوٽيڪ ٻنهي حصن جي وچ ۾ ڪا لوهي ديوار ڪڙي ڪيل ڪانهي، پر ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ داخلي شعر جو مَڪانُ خارجي شعر جي

نہ رنڪ. ڪنهن جي روئڻ، فرياد ڪرڻ سان ڪير رڪيو آهي ڇا؟ زندگيءَ جو اِهو ڪهڙو راز آهي؟ ڇاهت جو اِهو ڪهڙو انجام آهي؟ ناقص دماغ ڪجهہ ڪري نٿو سگهي. بيمار ماڻهو ٻاڏائي ٿو، ’پريو، منهنجو وارو ڪڏهن ايندو؟ زندگي سفر آهي، هل تہ تياري ڪريون.‘

جتي ڳوڙها جهل نہ ڏين، اُتي سڀاجها سائين ساڻ رهڻ، ڪو خال نہ رهي.

* * * * *

هرِي موٽواڻِي ’سنڌِي‘ (1929-2006)

سدا حيات نثر نويس هرِي موٽواڻِي ’سنڌِي‘ نہ صرف ڀارت ۾ پر سنڌ، دبئِي ۽ هانگ ڪانگ ۾ بہ سنڌين ۾ هردلعزيز شخصيت هو. ’ڪونج‘ ماهوار رسالي معرفت هن سنڌي اَدب ۾ ڪيترن ئِي اُسرندڙ ليکڪن کي آندو ۽ تن مان ڪيترائِي اڄ ڇاتل سڃاتل رچناڪار مهيا وڃن ٿا.

هن ڪيترائِي ناول ۽ ڪهاڻِي سنگره سنڌِي اَدب کي ڏنا. سندس ’اُجهو‘ ناول تي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جو اوارڊ کيس مليو. ’آخرِي پنا‘، ’اَبو‘ ۽ ’ڪوڙو سچُ‘ سندس ناميارا ناول آهن. سنڌِي فلم ’هوجمالو‘ پروڊيوس ڪري ڪلا ڏانهن پنهنجِي رُچِي ظاهر تہ ڪيائين پر هڪ چوٽِيءَ کي معنيٰ خيز بڻايائين - ’هڏئون ڏيئِي هٽاء تہ سائين ڏيئي مُزرا‘.

هن کي مدر ٽيريسا وٽان بہ قدرشناسِي طور انعام مليو هو. سندس ڪيترين ئِي رچنائون ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيون آهن. هرِي موٽواڻِي ’سنڌِي‘ چار پنج ڀيرا سڳوڙيءَ سنڌڙيءَ جون ياترائون ڪيون ۽ اُتي سڀني کيس پنهنجي دل ۾ جاءِ ڏنِي.

گذاري وڃڻ کان اڳ.
يا
پاڻ ۾ پاڻ کي پائڻ جي
ڪوشش ڪندي آهيان.
’تون نٿو ڄاڻين‘ جون هي سِٽون ڏسو:
تنهنجي ڪِل!
منهنجن مسئلن کي
پاڻيءَ جيان پترو ڪري
هوا ۾ پکيڙي ڇڏيندي آهي.
’برف جا ماڻهو‘ جا هي لفظ:
آواز آ پر سنانٽن ۾ ڦهليل
هڏڻ وارو ماڻهو برف جو، شايد
انهيءَ ڪري آواز به ڄمجي ويندو آ
ها برف جيان ڄمي ويندو آ.
’زندگي هڪ سپنو‘ ۾ اِظهاريل:
زندگي به
شيشي جيان ڇڪنا چُور ٿيندي آ
جڏهن نشو لهندو آ
جڏهن سپنو ٽُٽندو آ.
’مُرڪي ٿي پوان‘ ۾ مُرڪڻ جو راز:
مان ماڪ جي ڦُڙي جيان
ساوڪ تي شُمهيل، مٿي آڪاش ۾
ڏسي ھُن اُداس چنڊ کي
پنهنجي درد جي پَرڇائين مان
ٻاهر نڪري مُرڪي ٿي پوان
ها! مُرڪي ٿي پوان.

’فقيرياڻي‘ ڪوتا به ڏيان ڇڪائي ٿي. شاعرا ديوي ناگراڻيءَ جا گيت ۽ وايون پڙهندي سنڌ جي مايه ناز محبوب شاعر تاجل بيوس جا لفظ ياد ٿا پونم ته ”انهن رچنائن ۾ هارمونيم جي

مڪان ڪان مٿاهون آهي.

’سنڌوءَ جي مان جائي آهيان‘ جي رچناڪار باشعور شاعرا ديوي ناگراڻيءَ کي هڪ ڏهاڪي کان پڙهندو آيو آهيان، ڪڏهن هندواسيءَ ۽ رچنا ۾ ته ڪڏهن ڪونج ۽ سپون ۾. ٻين ڪيترن رسالن ۾ به سندس شايع ٿيل رچنائون ڏٺيون اٿم. سنڌيءَ ۾ ڇپيل سندس غزلن جو مجموعو، ’غم ڳڏيل خوشي‘ اَدب نوازن وٽ قبول پيو آهي. ٻيون غزل سنگره به پريس ۾ اٿس. ديوناگريءَ ۾ ڇپيل سندس اُردو غزلن جو مجموعو ’چراغ دِل‘ سندن فني خصوصيتن جو سهڻو مثال آهي. سنڌ ۽ هند جي سنڌي غزلگو شاعرائن ۾ ديويءَ قابل تعريف مقام حاصل ڪري ورتو آهي، اِن ۾ شڪ نه اٿم.

ديويءَ جي غزل جي باريڪين ۽ علم عروض جي پختگين کي ساراهيندي سدا حيات دادا هري دلگير، جناب ايم. ڪمل صاحب، دادا پريو وفا، شري واسديو نرمل ۽ ٻين ڪيترن ڪيس داد ڏنو آهي. سٺو غزل لکڻ لاءِ سٺن غزلن جو مطالع ڪرڻ ۾ ديوي ڪڏهن پٺتي نه پيئي آهي، اهڙو وشواس اٿم.

ديوي ناگراڻيءَ جو سنڌيءَ ۾ هڪ ڪتاب ’اُڏر پکيئڙا‘ (پڇن - سنگره) پڻ شايع ٿيل آهي. مان خاطريءَ سان چئي سگهان ٿو ته ديويءَ جي شاعريءَ جو ڪئنواس وسيع آهي. شاعري سندس محض شونق ناهي. سندس دردِيلي دل ۾ جا دونهين دُکيل آهي، اُها غزل، نظم، وائي، گيت وغيره جا ويس پهري، پيشڪش جي پُراَثر رنگن سان نکريل شاعري آهي.

’سنڌوءَ جي مان جائي آهيان‘ اُن مالا مثل آهي جنهن ۾ ڪيترن قسمن جا گُل، انيڪ رنگن سان رڱيل ۽ طرح طرح جي خوشبوئن سان واسيل آهن. هن مجموعي جون گهڻيون رچنائون آزاد آهن. ڪجهه مثال ملاحظه فرمايو—

’وقت راجا آهي‘ ۾ هڪ هنڌ چوي ٿي:

وقت سان گڏ وقت گذاري
هر قدم تي گذري وڃي حياتي،

سِرڪڻ ڦاهيءَ جي ڦنديءَ ڪي،
ور مالا جيئن گلي لڳايو.

هن مجموعي ۾ ’بي قافيہ نظم‘ سهڻي رچنا آهي. هڪ آزاد نظم جون سِٽون پيش ڪريان ٿو—

گڏجي هئي هلون ٿا
وِڇڙڻ وري نہ ٿيندو
هڪ موڙ تي تون آهين
هئي تي مان بيٺي آهيان
کهڙو اچي ٿو پهرين
بس تون ۽ مان نہ ڄاڻون

شاعرا ديويءَ کي خبر آهي تہ آزاد نظم ۾ بہ وزن جو بندش هوندو آهي، جنهن سان هُن نباهيو آهي. ديويءَ جي هن صلاح تي ملاحظہ ڪريو—

جو ڪلهہ گذريو
نہ ڪر تون ياد
اُن پَل کي
مگر جيءُ تون
هينئر هيءُ پل
جو سهڻو آ
اِهو
ڪندو سندر
سُڀاڻي کي.

’ڪلاس ئي ڪلاس‘ ڪوتا ۾ شاعرا چوي ٿي:

شل اهڙا ڪلاس کُلن
جي مَنَ کي ترپتي ڏين
اهڙِي ترپتي جو
وري نہ ڪجهہ سِکڻو پوي
وري نہ ڪجهہ لِکڻو پوي.

’تنهنجي ياد‘ جا هي لفظ ڏسو:

سرگم وارو ترنم ايڏو تہ رَچيِ راس ٿيل آهي، جو لڳي ٿو ڄڻ سنڌو جهرڻا ۽ آبشار ڻاهي، ڪئلاش تان ڊوڙيِ رهيِ آهي، ڄڻ رقص جي عالم ۾ ڇير ڇمڪا پيا ٿين.''

رس، رنگہ ۽ روپ جي قائل جا
دِل ديويءَ جيِ بہ تہ گهايل آ
پئيِ سوُرن ۾ سا ڳري ڳري.

يا

جيون روپيِ بين وڄي جا
اُن جو آهين ساز بہ تون ئيِ
ساز سمورو تونٰ ئيِ تون آ
ساز سندو آواز بہ تون ئيِ.

يا

اندر جون سڀ اَيلاشائون
پوريون هاڻ ڪندو آشائون
پريتم جو ديدار، سکي ري
ڇوٽر باغ بهار

يا

'ديوي' دل جي درپڻ ۾ ڏس
پل پل ڇِن حالات نئين آ
رات نئين آ، بات نئين آ

يا

ڳاءِ اري من ڳاءِ
جيون ڄڻ مهراڻ متل آ
رمز سان پار پُڄاءِ، ڳاءِ اري من ڳاءِ
گيتن جي ساگر ۾ ديوي
پنهنجو پاڻ سماءِ، ڳاءِ اري من ڳاءِ

'آزاديءَ جيِ شمع' ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جو چِٽُ ڏسو:

سپوت سنڌ جو هيمون ڪالاڻيءَ،
ڪڏهن نہ پُٺتي پير هٽايو.

(۱) غم ۾ ٻِگل خوشِي، (۲) آس جي شمع، (۳) اُڏر پکيئڙا. سندس نظماڻي نثر جو ڪتاب، ”سنڌوءَ جي مان جائي آهيان“ (سنڌ ۾ ڇپجي رهيو آهي). هنديءَ غزلن جا مجموعا اٿس، (۱) چراغ - دِل، (۲) دِل سي دِل تڪ. ترنم ۾ غزل پڙهڻ جو شَونق ڏاڍو اٿس.

ديوِي ناگراڻيءَ کي ڪيترائي انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ملِي چُڪا آهن، جن ۾ مکيه آهن :

(۱) مارچ ۲۰۰٦ع ۾ نيويارڪ جي انٽرراشٽريه هنديءَ سمتيءَ پاران "Eminent Poet" جو سنمان پتر.

(۲) آگسٽ ۲۰۰۷ع ۾ نيو جرسِي سِٽِي هال ۾ ميئر جي هٿان "Proclamation Honor Award".

(۳) نومبر ۲۰۰۷ع ۾ نيويارڪ جي سوامي نارائڻ مندر ۾ هنديءَ - سنڌي ڪوتا - پاٺ لاءِ ’ڪاويه - رتن‘ سنمان.

(۴) ڊسمبر ۲۰۰۷ع ۾ مليل نارٿ آميريڪا ۾ ’ڪاويه - مڻِي‘ انعام.

(۵) فيبروري ۲۰۰۸ع ۾ رائيپور ڇتيسگڙهه ۾ نندي ڪهاڻيءَ تي ۽ غزل رچنا تي پنڊت ڪيشرينات ترپاٺيءَ هٿان ’سِرجن شري سنمان‘ عطا ڪيل اٿس.

(٦) سنڌي اَدبي سڀا، پوني طرفان به ڀيرا ستڪار.

ان ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي سنمان ديس - وديش ۾ ملڻ جي باوجود ديوِي ناگراڻي اڃ به نيِنهن، نوڙت ۽ نياز جي مجسم آهي. آڪڙ، گهمنڊ ۽ ڏيکاوَ کي ويجهو اچڻ نه ڏنو اٿس.

ديويءَ جي چوڻ موجب، ”قلم ته فقط هڪ وسيلو آهي، پنهنجي اندر جي پاوناڻن کي، مَن جي گهرائيُن سان سطح تي آڻڻ جو. اِن کي مان رَب جي ڏات ئي مڃان ٿِي. شايد ان ڪري جو جڏهن ڪوبه ويجهو نه هوندو آهي تڏهن هِي سهارو لِکڻ جو، هڪ ساٿي بڻجِي رهنما بڻجِي پوندو آهي.“

دلِي مبارڪن ۽ هارڊڪ شڀ ڪامنائن سان، سدائين گڏ.

* * * * *

پيڙائن جي پوَ ساڳر ۾
سُک جي لنيڙِي لهر بڻي
خوب خوشِي پهچائي ٿِي
تنهنجِي ياد!
يا
چنبڊ جا نازڪ ڪرڻا بڻجِي
منهنجِي بند دريءَ مان ترڪِي
ڪُنڊ ڪُنڊ چمڪائي ٿِي
تنهنجِي ياد!

آخر ۾ اُن ڪوتا جون ڪجهه سٽون پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، جنهن لاءِ پيڻ ديويءَ هڪ پيري پُڌايو هوم ته سنڌو - 1994 ۾ سنڌِي ڀاشا ۾ لکيل سندس هيءَ پهرين رچنا آهي - 'سنڌِي آهيان' :

سنڌِي گُلشن جو گُل آهيان
جڳت اندر خوشبو ڦهلايان،
گُڻ ڳائي تنهنجا او سنڌڙِي!
هرڪنهن کي مان ميت بڻايان
سڌ ڪري سنڪٽ ۾ 'ديوي'
اُن جو، سک سان سڌ اونايان
سنڌوءَ جي مان جائِي آهيان.

بس، مان ائين ئِي چاهيندس ۽ چوندس، ''ڏٽِي ڪري زوري قلم اور زياده!

قلم تازو :

سنه ۱۹۴۱ع ۾ ڪراچيءَ ۾ جاول شاعرا ديوي ناگراڻِي ڇڱي وقت کان نيو جرسِي يو.ايس.اي. ۾ مقيم آهي. اُتان گريجيوئيشن ڪري اُتي ئِي بطور اَڌياپڪا نالو ڪڍيو اٿس.

ادب ۾ دير سان اچڻ ڪانپوءِ به تڪڙيون ڊِرانگهون ڀري سنڌِي، هندِي ۽ اُردو شاعريءَ ۾ جوڳِي جاءِ جوڙي ورتِي اٿس. شاعريءَ جِي ڏُکِي شاخ غزل تي مَشق پچائيندي هاڻي سُلو غزل چوڻ جو ڏانءُ حاصل ڪيو اٿس. سنڌيءَ ۾ چيپيل غزل سنگره اٿس،

اوتار سنسڪرت جو لفظ آهي جنهنجو مطلب آهي ايشور اِنسان جي روپ ۾.

ميروان شيريار اِيرانِي، جنهن کي ميهر بابا جي نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو، اُن جو جنم پوني، ڀارت ۾ ٢٥ فيبرورِي سنه ١٨٩٤ع ۾ صبح جو پنڄين بڄي سَسُون ڊيوڊ اِسپتال ۾ ٿيو. هن جا ماءُ پيءُ پرشين ذات جا هئا ۽ زوروسيئن مذهب جا. ميهر بابا جو پيءُ شيريار ايرانِي صوفِي درويش هو ۽ ايشور جي سچِي تلاش ۾ هو.

شاديءَ کان اڳُ ڪافِي سال هِي درويش ايران ۽ هندستان جي اُتر اولهه جي بيابانن ۾ ڀٽڪندو رهيو ۽ ڀٽڪندي ڀٽڪندي زبردست تڪليفون سَنائين. هڪ ڏينهُن آڪاشوائِي ٿِي ته، ”هوُ، جنهن جي کوج ۾ تون آهين، هوُ، جنهن کي تون ڏسڻ جِي اِڇا ڪرين ٿو، سو پنهنجي سنتان جي معرفت تون مون کي سڃاڻندين.“


بچپن - ميروان (ميهر بابا) جو بچپن عام طرح گُذريو، هن جِي اسڪولِي تعليم سينٽ ونسنٽ ڪرسچن هاءِ اِسڪول، پوني ۾ ٿِي ۽ ان ڪانپوءِ ڊيڪن ڪاليج پونا ۾ داخل ٿيو. ١٩ سالن جِي عمر ۾ جڏهن هو اَڃا ڪاليج ۾ هو ته هُن کي پنهنجِي سچِي سُڃاڻپ حضرت بابا جان معرفت ملِي، جيڪا بزرگ عمر وارِي مسلم صوُفِي سنتياڻِي هئِي، هن يُگ جي پنڄن سنتگُرن مان هڪ هئِي.

صرف اُن هڪ پل ۾ نرڙ تي هڪ چُميءَ سان حضرت بابا جان ميروان کي ايشور - ساڪشاتڪار جو انڀوُ ڏنو. بابا جان ميروان کي ايشور جي پرم آنند (Supreme bliss) جِي پرک ڏياري.

ان ڪانپوءِ ميروان کي هندو سنتگُرو اُپاسنِي مهراج ڏانهن ڇڪيو ويو. اُنهن سان پهرينءَ ملاقات ۾ مهراج زور سان پٿر اُڇلايو جيڪو هن جوان ميروان کي نرڙ تي ساڳِئي هنڌ لڳو جتي بابا جان ميروان کي چُمِي ڏنِي هئِي ۽ اُن پٿر ميروان کي ايشورِي گيان ڏياريو. هن کان پوءِ ست سال ميروان اُپاسنِي مهراج

اوتار ميهر بابا

ڊاڪٽر گيتا ماکيجاڻي، پونو
ايڊوڪيٽ ڄينو ماکيجاڻي، پونو



25-02-1890 31-01-1969

ميهر بابا جو چوڻ ته ”مان سيڪارڻ لاءِ نه آيو آهيان پر جاڳرت ڪرڻ آيو آهيان. اِن ڪري مان ڪوبه اُصول نٿو ڏيان، دنيا جا سڀ ڌرم اِهوئي اعلان ٿا ڪن ته ايشور هڪ ئِي آهي جيڪو هن سڄي ڪائنات جو پتا آهي. اهو پتا مان ئِي آهيان. مان ئِي زراٿوسٽر، رام، ڪرشن، ڪرائيسٽ، ٻُڌ، محمد مان ئِي هوس ۽ هاڻي ميهر بابا جو چولو وٺي آيو آهيان.“

فيبروري 1954ع ۾ پهريون ڀيرو ڊيهرادُون، اُتر پرديش ۾ ميهربابا عام جنتا جي سامهون پاڻ کي ظاهر ڪيو ته، ”مان هن يُگ جو اوتار يا هن وقت جو يسوع مسيح (Christ) آهيان.“

انسان جي روپ ۾ ظاهر ڪري ٿو. سدائين اُهو هڪ ئي ساڳيو اوتار وري وري پاڻ کي ظاهر ڪندو آهي، وقت وقت تي الڳ يُگن ۾، (Cycles) الڳ انسانيِ روپ ڌارڻ ڪري ٿو ۽ الڳ الڳ نالن سان الڳ الڳ جڳهين تي سچ ٻُڌائڻ لاءِ الڳ - الڳ چولن ۽ الڳ - الڳ ٻولين ۾ انسان کي اگيانتا مان جاڳرت ڪرڻ لاءِ ۽ مدد ڪري ٿو پرم جي ڦيٽي ۾ قاتل انسان کي.

ميروان اڌياتمڪ ڪم (Mission) جي سنہ 1921ع ۾ شروعات ڪئي جڏهن هن پهريون دفعو ويجها شش ڪيا. انهن شروعات وارن ششن هن کي ميهر بابا جو نالو ڏنو جنهن جو مطلب آهي 'ديالو پتا.'

ميهربابا اعلان ڪيو تہ، ''مان ساڳيو سناتن ستا (Ancient one) وري آيو آهيان انسان کي اگيانتا جي ٻنڌن کان آزاد ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي سچي پهچان جو اَنڀوُ ڪرائڻ لاءِ تہ هو ايشور آهي.''

ميهر بابا کي سڄي دنيا ۾ هن جي گهڻن مڃيندڙن قبول ڪيو آهي تہ هوُ هن يُگ جو اوتار آهي. هن جي اَڌياتمڪ سبق ۽ سنديش اکرن جي سليٽ جي معرفت (Alphabet Board) لکيا ويا آهن.

گهڻي وقت کانپوءِ ميهر بابا اِها اکرن لکيل سليٽ بہ ڇڏي ڏني ۽ پنهنجا سڀ اِطلاع هن هٿ جي نشانين (Hand gestures) سان ڏنا جيڪي مطلب پريل بي مِثل هئا ۽ گهڻيئي سمجهي سگهندا هئا.

ميهر بابا 6 دفعا آميريڪا ۾ مسافري ڪئي. پهريون دفعو سنہ 1931ع ۾ جڏهن پهرئين آميريڪن شش سان گڏجاڻي ڪئي. هو سنہ 1958ع ۾ آميريڪا ۾ پويون دفعو ويو. هي ۽ ان جا شش هن جي ڪم لاءِ برپا ڪيل آشرم (Centre) مرٽل بيچ سائوٿ ڪئرولينا Myrtle Beach South Carolina ۾ رهيا.

ميهر بابا جو سالن کان خاص ڪم اِهو هو لاڳاپو ۽ خود سيوا ڪرڻ سَوين ماڻهن جي جن کي هندستان ۾ مست ڪوٺيو

جي لاڳاپي (Contact) ۾ رهيو. جنهن ميروان کي ساڌارڻ (Normal) چيتنا ۾ لاٿو بنا ڪنهن رڪاوٽ يا گهٽتائيءَ جي، ايشوري ساڪشاتڪار جي انهوُ ڪان.

1921ع ۾ ميروان ستگروءَ جي روپ ۾ سچاتو ويو ۽ هن پنهنجا پهريان ويجها شش گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. احمدنگر جي ويجهو مهراباد ۾ آشرم قائم (Establish) ڪيو.

موَن (Silence) : ١٠ جولاءِ ١٩٢٥ع ميهر بابا موَن جي شروعات ڪئي جيڪا هن 44 سالن جي عرصي تائين قائم رکي جيستائين هن چولو تياڳيو. هن جو هي موَن اڌياتمڪ ورزش جي خيال کان ڪونہ هو، چو جو هي پاڻ پوُرڻ (Perfect) هو. پاڻ اهو موَنُ هن سڄي ڪائنات جي فائدي لاءِ حاصل ڪيو. هن وشو (Universe) کي نياپو ڏنو. ”مان توهانکي سيکارڻ نہ پر جاڳرت ڪرڻ آيو آهيان. تنهنجي ڪري سمجهو تہ مان ڪي بہ Principles Percepts or نئو ڏيان. مُنڊ کان وٺِي موَنُ Percepts or Principles ڏنا ويا آهن، پر انسان انهن کي سويڪار نہ ڪيو آهي. ايشور جي حُڪمن تي هلڻ تي انسان جي اَڻ جاڻائيءَ جي ڪري اوتار جون سکيائون مذاق ڪري ڇڏيون آهن. دَيا (Compassion) سان هلڻ جي بدران انسان هن جي نالي تي لڙايون ۽ برباديون ڪري رهيا آهن. نمرتا، پوترتا ۽ سچائيءَ جي بدران ماڻهو نفرت، لالچ ۽ ظلم تي هلِي رهيا آهن چو جو اِنسان، هنن قاعدن ۽ قانونن Percepts and Principles جيڪي ايشور جا مقرر ڪيل آهن، شروع کان وٺِي انهن لاءِ ٻوڙو رهيو آهي. ان ڪري هن اوتار روپ ۾ مون. موَن اَپنايو آهي (Observe).

جڏهن ايشور زمين تي پرڪٽ ٿئي ٿو انسان جي روپ ۾ ۽ پنهنجِي روحانيت انسان ذات کي ظاهر ڪرڻ لاءِ تہ پوءِ ان کي سچاتو وڃي ٿو هن طرح - اوتار - مصيح - پرافيٽ، رسول، صاحبِ زمان، سناتن ستا، اوچي ۾ اوچو.

اوتار هميشه هڪ ئي ساڳيو هوندو آهي چو جو ايشور هڪ ئِي آهي ۽ اَننت، قائم، اڻ وراهست جوڳو، جيڪو پاڻ کي

تا ۽ هن جي اڳيان ئي ڏنل هدايت موجب هن جو چولو مهرآباد ٽڪريءَ جي سماڌيءَ ۾ دفنايو ويو جيڪا هن ڪم لاءِ 30 سال اڳواٽ ئي تيار ڪئي ويئي هئي.

اَڄ ميهر بابا جي سماڌي مهرآباد ۾ هڪ تيرٿ ياترا جو آستان آهي.

ميهر بابا جن پنجن ويڙتين کي پرفيڪٽ ماسٽر چيو آهي سي آهن، ١. حضرت بابا جان (پُوني)، ٢. نارائڻ مهراج (کيڙ گانءُ)، ٣. شرڙيءَ جو سائين بابا (شرڙي)، ۴. اُپاسني مهراج (سڪوري) ۽ ۵. تاجدين بابا (ناگپور). مؤن واري عرصي ۾ ميهر بابا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ سان به مليو هو.

* * * * *

پوپٽي هيرانند اڻي (1924-2005)

سدا حيات پروفيسر پوپٽي هيرانند اڻي هند سنڌ ۾ هردلعزيز ليکڪا، شاعرا طور مقبول ٿي. سندس مشهور ۽ مقبول ڪتابن ۾ ڪجهه هن طرح آهن: 'مون توکي پيار ڪيو'، 'شهناز'، 'منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق'، 'هڪ پشپ پندرهان پنکڙيون'، 'هولي منهنجي ماءُ'، 'پارت جي استري'، 'ڇُرن چٽکن چت ۾'، 'روح سندي رُڇ'، 'جيءَ ۾ جهوري، تن ۾ تاءُ'، 'زنده سان قوم رهندي'، 'پُڪار'... جملي ٢١ ڪتابن جي رچنا ڪيائين.

دادي پوپٽي سنڌيت جي هلچل ۾ بيحد سرگرم رهي ۽ مڙدن جيان بلغاري تقريرون ڪندي هئي.

'ڀاشا شاستر' سنڌيءَ ۾ ڀاشا وگيان تي شروعاتي ڪتابن مان هڪ هو.

'ڏُن هينان دهلي' ڪويتا تي پوپٽيءَ کي شفي نفي رد عمل مليا. مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ جو انعام حاصل ڪيل هن ليکڪا جا ڪتاب بمبئي، پوني ۽ گجرات يونيورسٽين ۾ بطور درسي ڪتاب تسليم ٿيل آهن.

تو وڃي. هيءُ مست وڏي درجي جا ياتري آهن، جيڪي روحاني واٽ تي، جن کي سڌو ايشور جي هوش هئڻ کري روحاني نشي جي ڇوُر ۾ لين هوندا آهن، هن کم لاءِ بابا هزارين ميل مسافري ڪئي ڏوراهين جڳهين تي پوري هندستان ۽ سيلان تائين. ٻاهران ڏسڻ ۾ هيءُ مست پاڳل لڳندا آهن پر سَچ ۾ هوُ آڌياتمڪ روشنيءَ جا تمام وڏا حوض آهن.

جيڪي ميهر بابا جي آڌياتمڪ ڪاريه ۾ مددگار هئا سڄي هندستان سَيني ڪُنڊن ۾. ميهر بابا ريل گاڏيءَ ۾ مسافري ڪئي. هنن مَستن جي ڳولها ۾ جن کي هيءُ ڪاڏو ڪارائيندو هو، سنان ڪرائيندو هو ۽ هنن سان گڏ ايڪانتواس ۾ وهندو هو.

ٻيو مُکيه کم بابا جو ڪوڙهه وارن کي سنان ڪرائڻ، هزارين غريبن جا پير ڌوئڻ ۽ اَن ۽ ڪپڙو ورهائڻ. ٻيواهن سڪڻ کي ڪاڏو ڪارائيندو هو ۽ انهن اياڳن اڳيان متو ٽيڪڻ، پيسا ڏيڻ. وري بابا هن کم لاءِ سمجهائي ڏني ته ”هيءُ کم جڏهن ايش پرش کري ٿو ته اُن جو اثر نه صرف ڪوڙه وارن تي پر سڄي ذات تي پوي ٿو.“

بابا ڪوڙه وارن لاءِ چيو ته، ”هيءُ خوبصورت آتمائون بدصورت پڃري ۾ قيد آهن.“

ميهر بابا کي ٻن خطرناڪ موٽر حادثن مان گذرڻو پيو. هڪ آميريڪا ۾ (اوڪلاهوما) سنه 1952ع ۾ ۽ ٻيون هندستان ستارا ۾ سنه 1956ع ۾. بابا پيش گوئي ڪئي ”هو ئي ته آميريڪا جي زمين تي پنهنجو خون وهائيندو هو.“

بابا هڪ سمجهائي ڏني ته ”اوتار يا ڪرائيسٽ جڏهن جڏهن اچي ٿو ته هن کي جسماني ۽ روحاني پيڙا پاڻ تي کڻڻي ٿي پوي. جيڪو سوريءَ چڙهڻ جو هڪ پهلو آهي. اگيانتا جي ڪڏ کان ڇوٽڪارو، انسانيت کي ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ.“

31 جنوري سنه 1969ع، بابا پنهنجو چولو تياڳيو پنهنجي پيارن جي دلين ۾ هميشه رهڻ لاءِ جيڪي هن سان پيار کن

اِچ رشتيدارن جا ماڻ ۽ ماپا ملبل پيا نظر اچن! رشتيدارن جا رنگ ڦريل، ناتا نھوڙيل، سنبند سُڪل، دوستيون ڏسيل، محبتون منجھيل ۽ مايوس! هر ڪنھن تي پئسي جو پرڀاءُ صاف محسوس ڪري سگھجي ٿو! جنھن جي هڙ ۾ ناڻو، سو نگر جو راڻو، ٻيءَ حالت ۾ پڪندو وتي ويڳاڻو! ڪوئي پُڇندس بہ ڪونہ، ڀل تہ ڪٽي هوُ ڪيترو بہ گُڻوان هجي، ودوان هجي، سيرت جو سمراٽ هجي! ناڻي جي غيرمؤجودگيءَ 'ودوانن جو هرهنڌ مانُ آهي' جھڙي جانب جملي جي معنيٰ کي بي معنيٰ ثابت ڪري ڇڏيو آهي! اَڄ تلھي ڳڻ، ودوانپڻي ۽ سيرت تي ڳوهي هڪ ويلي جي ماني تيار ڪرڻ ناممڪن ڳالھ پيئي لڳي!

اڳي رشتيداريون، مڱڻا پرڻا ڪرڻ کان اڳ خاندان ڏٺا ويندا هئا. ٻارڙن جي گُڻن کي ليکي ۾ آندو ويندو هو، سندن سياڻُ جي سُهڻائيءَ کي ڪٿبو پرکيو ويندو هو ۽ نہ ڪنھن جو بئنڪ بئلنس جاچيو ويندو هو. زمين جائداد بہ ڪونہ ڏٺي ويندي هئي! ڇو جو هُنئنهار سنتان هوندي تہ زندگيءَ جي هر گھٽتائيءَ جو پورائو ڪري سگھندي. اِن ۾ شڪ جي گُنجائش نہ آهي ۽ نہ ئي رهڻ گھرجي بہ...!

پر هن ڪلداري جڳت ۾، 'پسئي' واري دنيا ۾ صرف پئسي جي ٻولي سمجھي ويندي آهي. ائين پيو ڀاسجي تہ ڳڻ گيان، سيرت جا سڪا مُدي خارج ٿي ويا آهن. جن جو واهپو لڳ ڀڳ هر هنڌ گُم ٿي چُڪو آهي. بند ٿي چُڪو آهي. پئسي وارن جو ٻول بالا پيو نظر اچي. پوءِ ڀل تہ هوُ بُراين جا باني هُجن، گندين عادتن جا گُدام ڇو ڪين هُجن. يا ڀل تہ ڪين اڳٽ ٻڌڻ جو بہ عقل ڪونہ هُجي! ڳنڍ ۾ هجيس ناڻو، تہ چريو بہ سياڻو!

اڄوڪي 'لڪشمي پوڄاري' يُڳ ۾، 'ٻيلو آهين تہ منھنجو آهين، ويٺو آهين تہ ڪِن ڪن جو آهين. ڪِريو آهين تہ ڪنھنجو ناهين. ڪنھن جو بہ ناهين!!' جڻ تہ پئسي جي اٽاٽ سندس سڄاٽپ بہ ساڙي ڇڏي هجي! ڪلھ تائين... تنھنجي تونگريءَ،

مٽيل ماڻ ۽ ماٺا رشتيدارن جا!

ميارام ڪڪريجا ’درد‘، ناسڪ

... ڪو زمانو هو... رشتيداريون راحت بخش هونديون هيون. ناتا نينهن نباهيندڙ هوندا هئا... سنبنڌن جي سُرهاڻ سَرهائيِ سوغات ڪنديِ هئيِ. مِٺاچاريون هيون. پر دوستيون، ياريون بہ جان نثاريءَ جي جذبي واريون هونديون هيون! هُونءَ بہ خالص محبتيِ رشتن کي ڪنهن بہ ناتي جي نالي جيِ محتاجيِ ڪونہ ڪڏهِن پوي! سنڌيءَ ۾ هڪ پهاڪو آهي، ”منڙا، گهُرُ تہ گهُرانءِ!“ منهنجي شخصيِ خيال موجب اِهو گهُرڻ (چاهڻ، پيار ڪرڻ) شرط شروط تي ٻڌل پيو نظر اچي، جنهن جو حاصل مطلب اِهو آهي تہ... جيڪڏهن تون مونکي گهرندين... چاهيندين... تہ مان بہ توکي گهُرندس... چاهيندس! اِها تہ ٿيِ سوداگر واريِ سوديبازيِ!... پيار ۾ سوداگريِ جا جيِ؟ پيار هڪ قسم جي پوڄا آهي، اُپاسنا آهي... قرب قربانيِ گهُرندو آهي، اِهي واپار جون چيزون ڪونهن، جو مُلهہ چُڪائي خريد ڪيون وڃن. ڳنهيل چيز کي اُلفت ڪيئن چئيِ سگهبو؟ ’واپار‘ ڪرڻ ۽ ’واهہ پيار‘ ڪرڻ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي! ٻنهيِ کي هڪ صف ۾ ويهارڻ ٿيندو پنهنجيِ سمجهہ جو ڏيوالو ڪڍڻ وارو ثبوت پيش ڪرڻ!

اڄِي ڪن اَٽڪر سببن ڪري ڪو ڌنڌي واپار ۾ ڀُلتي پئجيِ ويندو هو ۽ مفلسيِ ۽ تنگدستيءَ جو شڪار بڻبو هو تہ سندس ڀائر، مٽ مائٽ، يار دوست سندس ويجهو اچِي ماليِ مددگار بڻجيِ سندس ڌنڌي واپار کي مضبوطيون مُهيا ڪرائي کيس بزار ۾ بيهيِ سگهڻ جي سگهہ سوغات ڪندا هئا ۽ سامهون وارو بہ سنئون ٿيڻ پڄاڻا، چار ڏوڪڙ ڪمائي مليل مدد شڪرگذارين گڏ موٽائي پنهنجو منهن مٺي ڪندو هو.

سپنو ڪين ساپيا

موتيلعل جوتومل ڏُلاڻي، پونو

اسانجي ڪمپني فارين لِڪر جي پوني ۾ ڊسٽريبيوٽرشپ جو ڌنڌو ڪندي آهي. انهيءَ ڪمپنيءَ جو نالو V.B. آهي ۽ اُن جو مالڪ شري وجيہ مالپيا آهي. هر سال اسانکي ڪمپني ڊسمبر تائين ٽارگيٽ ڏيندي آهي ته هيترو مال وڪڻو ته توهانکي وديش جو سفر مفت ۾ ڏنو ويندو. هر سال وانگر اسان ڊسمبر ٢٠٠٦ع جو ٽارگيٽ پورو ڪيو. ڪمپني وارن مارچ ٢٠٠٧ع ۾ وديش ياترا جو سڄو بندوبست ڪيو. پوني، ڪولهاپور، شولاپور، اُلهاسنگر، احمدنگر، اؤرنگاباد، ناسڪ، جلگانو، ندربار، ناگپور وغيره جا اٽڪل ٣٢ - ٣٥ ماڻهو ياترا لاءِ تيار ٿيا.

اسانجو هوائي سفر ١٧ مارچ ٢٠٠٧ع تي Turkish Airlines ۾ صبوح جو ٽي بجي Istanbul لاءِ شروع ٿيو. هوائي جهاز اٽڪل ٥ ڪلاڪ ورتا. سفر ڪانپوءِ اسين هوٽل Surmeli ۾ پهتاسين. شام جو Blue Mosque ۽ بازار ڏسي، رات جو کاڌو ۽ بيلي ڊانس Kervan Saray ۾ ڪري وڃي آرامي ٿياسين.

١٨ مارچ بس ۾ ويهي Topkapi Palace، Sophia Museum ۽ Leather Factory ڏسي رات جو اچي هوٽل ۾ آرامي ٿياسين. Istanbul شهر صاف سٿرو آهي ۽ هيءَ Turkey جي راجڌاني آهي.

١٩ مارچ هوٽل ڇڏي ايئرپورٽ کان Amsterdam لاءِ روانا ٿياسين ۽ شام تائين هوٽل Amsterdam De Roade Leeuw ۾ پهتاسين. اُتي رات جو اِنڊين ريسٽارنٽ ۾ کاڌو کائي آرامي ٿياسين.

٢٠ مارچ بس ۾ چڙهي The Clara Maria Cheese farm ۽ منجهند تائين The Coaster Diamond Factory ڏٺيسين. شام جو Canal Cruise جو مزو ورتوسين. هي شهر سڄو Lakes

شاهوڪاريءَ وقت جيڪي توسان گڏ هئا، ڪُلهي سان ڪُلهو ملائي هلڻ ۾ پنهنجو شان ۽ مان سمجهندا هئا، سي تنهنجي مرڻ پڄاڻا شايد تِن جو ڪُلهو بہ نصيب ڪونہ ٿيندو! چار ڪانڌي بہ تنهنجي آخرين سفر ۾ توکي ملن، تہ تنهنجِي قسمت! اِهو ئي سبب آهي جو چوندا آهن، ”شاهوڪار جا سالا بہ ڪوڙ، غريب جو ڪو پيٽويو بہ ڪونہ!“

ائين ڪونهي تہ پيار محبت ڪان رشتيداريون پوريءَ طرح خالِي ٿِي چڪيون آهن، اڄ بہ ناتا نينهن سان نباهيا پيا وڃن، پر اهڙن سپاجهن جي ڳڻپ ڳڻتيءَ جو ڪارڻ بڻجي چُڪي آهي! چوندا آهن تہ ’جِن جي هجي ڳهڻ، ڳالهہ تِنهين جي ڳڻ!‘

دؤلت آهي اُس ڇانوَ جي راند! دؤلت اڄ آهي، سُڀان شايد نہ بہ هُجي... اڄ جي مفلسِي، سُڀاڻي شاهوڪاريءَ ۾ تبديل ٿِي سگهي ٿِي. ڪهڙِي خبر؟ سو اهڙي اڇٽي وڇٽي خزاني تي ڪڇيون هڻڻ ۽ بانور ڪرڻ اجايو ٿيندو! پيار محبت خواہ خون جي رشتن جو خون ڪرڻ مورڪتا ٿيندي، نادانِي ليکبي! اِنسان کي اِنسان سان اِنسان ٿِي ورتڻ کپي. ورتاءُ جو فيصلو هر ڪنهن کي پاڻ ڪرڻو آهي! چونڊ ۽ چاهت تي ٻئي ڪنهن جو ڪهڙو زور... ڪهڙو وَسُ؟...

* * * * *

سنڌي اَدب ۾ مؤجوده دؤر جي مايناز شاعرن ڪشنچند ’بيوس‘، ليکراج ’عزيز‘، هوندراج ’دکايل‘، هري درياڻِي ’دلگير‘، نارائڻ شيام، پرسرام ضيا، سگن آهوجا، اندر ڀوڄواڻِي، لکميچند پريم، هاسارام ’پيئا‘، هرومل سدارنگاڻِي ’خادم‘، سترام ڪلياڻِي ’همدرد‘، نيل ڪمل، پرسرام روهڙا ’نماڻو‘، ارجن ’شاد‘، شيخ اياز، تنوير عباسِي، اُستاد بُخاري ۽ ٻين اهڙن سدا حيات شاعرن تي سڀني سنڌين کي فخر آهي.

ڏاڍي اوچي آهي. اُتان سڄي شهر جو ديدار پڻ ٿيو. ٽاور جي چوڏاري جيڪي بلڊنگس هيون، سي Magnifying glass سان سٺي ڏسڻ ۾ پئي آيون. هن ٽاور ۾ ڪافي لوهه استعمال ڪيل آهي. سڄو ٽاور لوهه جو ٺهيل آهي. لڳي ٿو ٣٠ - ٤٠ هزار ٽن لوهه واپرايل هوندو. اُهائي شهر جي خاص چيز ڏسڻ واري هئي.

اُنهيءَ رات جو Lido Show ۾ وڃي ويا جتي اٽڪل 5,000 ٽڪيٽ هئي. اُنهيءَ ۾ Wine فري ۽ شو ڏسڻ جي ٽڪيٽ هئي. اهو شو به ڏسڻ جهڙو هو.

٢٤ مارچ صبوح جو ناشتو ڪري بس ۾ چڙهي The Louvre Museum لاءِ روانا ٿياسين ۽ شام جو گهمڻ ڦرڻ لاءِ اڌ ڏينهن آزاد رهياسين. اُهو ڏينهن آخرين ڏينهن هو Paris ۾. ٻئي ڏينهن تي يعني ٢٥ مارچ هن ٽرپ مان اٽڪل 25 ماڻهو واپس انڊيا اچڻا هئا. ڪمپنيءَ جي پاران اهو ٽرپ پورو ٿيو. اسان پنهنجو ١٢ ڄڻن جو گروپ ٺاهي پنهنجي خرچ تي اڳتي سئزرلئنڊ وڃڻا هئاسين.

٢٥ مارچ تي صرف اسانجو گروپ يعني ١٢ ماڻهو Boxes ۾ ٺهيل ناشتو کڻي ٽرين ۾ پئرس کان Zurich صبوح جو ڇهين بجي چڙهياسين. اُها ٽرين ڊيوُرچ ۾ منجهند جو اٽڪل ٽين بجي پهتي. اسٽيشن تان بس ۾ چڙهي اچي هوٽل پهتاسين. هوٽل جو نالو هو Movenpick. ٽرين جي رفتار اٽڪل 250 kph هئي ۽ ڪافي سهوليتن ڀري هئي.

٢٦ مارچ تي بس ۾ چڙهي ڊيوُرچ جي هوٽل ڇڏي، سائيٽ سيئنگ ڪري Rhine falls ۾ پهتاسين. هتي موٽربوٽ ۾ وڃي فالس جو مزو ورتوسين ۽ فوٽا پڻ ڪڍياسين.

اُتان بس ۾ چڙهي Interlaken شهر لاءِ روانا ٿياسين. پر وچ ۾ Luzern شهر ۾ بس بيهاري، اُتي پڻ خريداري ڪري ورتيسين. شام جو شهر Interlaken ۾ بس ڇڏي واپس هلي ويئي. اسان پوءِ هن شهر ۾ ٽي ڏينهن ۽ راتيون رهيل هئاسين.

جي وچ وچ ۾ ٺهيل آهي. هن شهر جون بلڊنگس هرهڪ روڊ تي لڳ ڀڳ ساڳئي ڊزائين جون ٺهيل آهن. شهر ڏاڍو صاف آهي. وچ مان ليڪ ٽِي وچي ۽ ٻنهي پاسي آفيسون يا گهر ٺهيل آهن. وچ وچ ۾ برج ٺهيل آهن جا ٻنهي روڊن کي Connect ٿِي ڪري. هن شهر جي هڪ فلم ۾ گهٽي شوٽنگ پڻ ڪيل آهي.

٢١ مارچ جو صبوح جو ناشتو ڪائِي هوٽل ڇڏيوسين. Long Distance Vehicle ۾ ويهي THE HAGUE شهر لاء روانا ٿياسين. هن شهر ۾ Maduradam Miniature Village ڏسڻ جهڙو آهي. هن ڳوٺ ۾ سڄي دنيا جي مشهور جڳهين جا Miniatures ٺهيل آهن. هندستان جي مشهور جڳهين جا به Miniatures آهن جهڙوڪ قطب منار، تاج محل وغيره. هن ڳوٺ ۾ هڪ Cave Ice ٺهيل آهي جنهن جو Temperature (– 10) Degrees آهي. اُنهيءَ ۾ آئيس جي خاص پوشاڪ پائي وڃڻو هو. هن غفا ۾ سڀ برف جا بوٽا، جانور وغيره ٺهيل آهن. هيءَ غفا ڏسڻ لائق آهي. هيءُ ڳوٺ ڏسي بس ۾ چڙهي Brussels ۾ شام جو Hotel Scondic ۾ رهياسين.

٢٢ مارچ صبوح جو هوٽل ڇڏي ساڳيءَ بس ۾ Atomium جي گيٽ تي پهتاسين. هن Atomium ۾ سائنس جا ڪي تجربا وغيره ٿيندا آهن. اُتان بس هلي شهر Paris لاء جيڪو اٽڪل 312 kms پري آهي. اُتي شام جو پهچي هوٽل Sofitel Bercy ۾ رهياسين.

٢٣ مارچ، صبوح جو ناشتو ڪائِي The Versaille Palace ۾ پهتاسين. اهو محلات تمام وڏو آهي. هن جي ايراضي اٽڪل ١٠ - ٢٠ ايڪڙ آهي. هن محلات ۾ لاجواب نقاشي ٿيل آهي. محلات ۾ فرنيچر، غاليچا، ڇتِ جي سونهن، مطلب ته هرڪا چيز لاجواب آهي.

محلات جو ديدار ڪري، منجهند جو Eiffel Tower Level 3 تي ٽڪيٽ وٺي لفٽ ۾ چڙهياسين. هن ٽاور جي لنبائي

۾ چڙهي Istanbul پهتاسين. اُتي جهاز بدلائڻو هو. ٻي ڪلاڪ ايئرپورٽ تي ويهي Flight No TR 1074 ۾ رات جو اُتان نڪتاسين ۽ صبوح جو ڇئين بجي بامبي سهار ايئرپورٽ تي پهتاسين ۽ اُتان بس ۾ چڙهي پونہ شهر ۾ اٽڪل ٩ بجي صبوح جو پهتاسين. هن جنم ۾ تہ اهڙو سهڻو سفر وساري نہ سگهندس.

هن پوري سفر ۾ مان توهانکي پنهنجو تجربو ٻڌائڻ چاهيان ٿو.

يورپ ۾ ماڻهو وقت جا پابند آهن. ٽائيم ٽو ٽائيم ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان ڪڏهن بہ دير ڪئي تہ ڪابہ بس وغيره توهان لاءِ نہ بيهندي. اُتي اسانکي هوٽل ۾ ناشتو ڪائي بس ۾ اچڻو هو. جيڪڏهن پنج منٽ بہ ڪو ليٽ آيو تہ بس هلي ويندي. اسانجي سفر ۾ اهو واقعو ٿيو. هڪ دفعي چار ماڻهو رهجي ويا. اسانجو پهريون هالٽ بس جو ٧٠ ڪلوميٽر پري هئو. رهيل چار ماڻهو ٽئڪسيءَ ۾ اُتي اچي مليا. هنن جو ڀاڙو 5000 روپيا اچي ويو، پوءِ اچي بس ۾ شامل ٿيا. ٻئي دفعي هڪ ڪلپاڻ جو نئون جوڙو رهجي ويو پئرس شهر ۾. اسانجي بس اُتي شهر ۾ وڃي پهتي. اُهو نئون جوڙو اُتي ٽئڪسي ڪري اچي اسان سان شامل ٿيو. ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو 2500 اچي ويس. ڪارڻ اهو هو جو بسون تمام وڏيون هيون ۽ شهر ۾ پارڪنگ رکڻي ناهي. پارڪنگ لاٽ الڳہ ٻاهر آهن. گاڏيون پارڪنگ ڪري هوٽل جي ٻاهران صرف 5 منٽ بيهن ٿيون. پئنسينجر نہ چڙهيا تہ بسون هليون ٿيون وڃن.

هرڪو ڪم ٽائيم تي ڪرڻو ٿو پوي. ٽرينون بہ ڏاڍيون خوبصورت هيون ۽ ماڻهو بہ ڏاڍا فهميدا هئا. اسانجي کاڌي جو بندوبست انڊين ريسٽارنٽ ۾ هرڪنهن جڳهہ تي ڪيل هو.

روڊ ڏاڍا وڏا ۽ عمارتون سونهن واريون آهن. پئرس ۾ ڪاريون ننڍيون اٽڪل 5'x3' اسڪوٽر جي جڳهہ تي پارڪ ڪري سگهجن ٿيون. ٽرينن ۾ No Smoking ۽ Silence جو بورڊ لڳل آهي.

اُتي جي هوٽل جو نالو هو Metropole. اسان اڳم ئي هتي سئزرلئنڊ گهمڻ لاءِ Swiss Pass وٺي ڇڏيا هئا. ان پاس سان ٽرين، ٽرام، بس ڪنهن ۾ به هڪ ڏينهن لاءِ گهمي سگهو ٿا. هڪ ڏينهن جي پاس اٽڪل 2000 - 1500 هئي.

٢٧ مارچ اسان Mount Titlis وڃڻ لاءِ ٽرين ۾ نڪتاسين. ٢ - ٣ ٽرينون بدلي ڪري مائونٽ ٽٽلس جي Base تي پهتاسين. مٿي وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ وٺي ٽراليءَ ۾ چڙهياسين. ٽراليون به ٢ - ٣ بدلي ڪرڻيون پيون. مٿي ٽاپ تي چڙهي ريسٽارنٽ ۾ فريش ٿي ٻاهر برف تي پنڌ ڪري پهاڙ جي هُن پير وڃي هڪ ٻئي کي برف جا گولا ناهي، هٽي مزو ورتوسين. هيٺ وري هڪ روالونگ ريسٽارنٽ آهي، اُتي ڪاڏو کائي لهڻ جي تياري ڪئيسين. ٢ - ٣ ٽرالين جو مزو وٺي واپس Base تي پهتاسين. وري اُتان ٢ - ٣ ٽرينون بدلائيندا واپس هوٽل Metropole ۾ پهتاسين. رات جو کاڌو کائي وڃي آرامي ٿياسين.

٢٨ مارچ اسان Jungfroujoch لاءِ ٽرين ۾ روانا ٿياسين. ٣ - ۴ ٽرينون مٽائيندا وڃي مٿي پهتاسين. هن کي Europe Top of چوندا آهن. هتي چوڌاري برف ئي برف آهي ۽ قدرتي نظارو ڏسڻ وٽان آهي. هتي Ice Cave به آهي جتي جو ٽيمپريچر 10°C هو. اتي به لنچ ڪائي شام جو واپسيءَ لاءِ ٣ - ۴ ٽرينون بدلائيندا اچي هوٽل ۾ پهتاسين. رات جو کاڌو کائي وڃي آرامي ٿياسين.

٢٩ مارچ اسان Geneva لاءِ ٽرين ۾ نڪتاسين. جنيوا ۾ هڪ وڏو Waterfall آهي جتي بوٽنگ ڪلاڪ ڪن اسانکي انهيءَ ٽڪيٽ ۾ فري ڪرايائون. اُتان وري هڪ ٽرام ۾ Broken Chair ڏسڻ وياسين. اُن جي پرسان هڪ Museum پڻ آهي، اُهو ڏسي واپس اسٽيشن تي پهچي Interlaken شهر لاءِ روانا ٿياسين. رات جو هوٽل ۾ Cocktail ڪري آخرين رات جو مزو وٺي آرامي ٿياسين.

٣٠ مارچ هوٽل ۾ ناشتو ڪري هوٽل ڇڏيوسين ۽ بس ۾ چڙهي ذيوُرچ هوائي اڏي لاءِ روانا ٿياسين. Flight No TR 1908

موبائيل فون

پروفيسر نيلم چاهڙيا، پونو

ڊبئيءَ کان آيل هڪ سنڌياڻي ضروري شين سان هڪ ننڍي وئن پرائي، ڇنڇر شام جو ٻٽي جي باباجان درگاه پرسان، گاڏيءَ مان لهي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي. اُتي ويٺل اَٺن - ڏهن فقيرن کي ضروري شين سان ٿملار هڪ هڪ ٿيلهو ڏنائين. جڏهن ٻي ڊرائيور کي اڳتي هلڻ لاءِ چيائين، اُتي بيٺل هڪ فقير ڏٺو ته وئن ۾ ٻيا به ڪيترائي پريل ٿيلها رکيل هئا، هن نماڻائيءَ سان چيو، ”امان، اوهانجي گاڏيءَ ۾ ٻيا به ڪيترا ٿيلها رکيا آهن.“

سنڌياڻيءَ چيس، ”ها، مون سمجهو ته ٻيا به ڪيترا گهرجائو هت گڏجندا.“

نه پهه اُن فقير جواب ۾ چيو، ”ماتا، پنج منٽ ترسو.“ هن کيسي مان ايئر ٽيل جو موبائيل ڪڍي، شربت والا چوُنڪ تي هنومان مندر ٻاهران بيٺل هڪ همراه کي چيو، ”جلد اچو، هڪ مائي ڪجهه ڏيڻ لاءِ آئي آهي.“

ڏسندي ئي ڏسندي، چاليهه پنجاه گهُرجائو درگاه ٻاهران اچي گڏ ٿيا. سنڌياڻيءَ سيني کي آنڊل هڪ هڪ ٿيلهو ڏنو. موٽ ۾ سيني جون آسيسون حاصل ڪيائين.

دڪان وارا، کير وارا، ڀاڄين - ميون وارا، چانهه وارا، ڊرائيور، موچي، پان وارا، مندر جا پوڄاري، ڏاما ڪائيندڙ ٻانيڻ، مَساڻي مطلب ته هر ننڍي وڏي ڪرت ڪندڙ، ٻار، جوان، ٻُڍا، مڙد ۽ مايون موبائيل فون کان بخوبي واقف آهن. اڄ موبائيل فون عيش عشرت جي نشاني نه آهي پر ضرورت جي هڪ رواجي شيءِ بڻجي پيو آهي. اُستاد، شاگرد، گهرڌياڻيون توڙي ڪم واريون به ڇُلل نه آهن.

سڀ ماڻهو پڙهڻ ۾ محو هئا. ڪوبہ ڪنهن سان ڳالهائي نہ پيو. توهانکي پاڻ ۾ ڳالهائڻو هجي تہ فرسٽ فلور تي وڃي وهو. هرهڪ ڪمپارٽمينٽ ۾ لگيج لاءِ جڳهہ نهيل هئي جنهن ۾ توهان سائيڪليون، اسڪيٽنگ ۽ سامان رکي ٿا سگهو.

سئزرلئنڊ ۾ ماڻهو سڀ اڇا جهڙا ڪير هئا. ڙالون ۽ مڙد سڀ اَڇي چمڙيءَ جا آهن. اُتان جي ٻولي French آهي پر انگلش سڀ ڳالهائين پيا. سڄي شهر ۾ بلڊنگس شاندار ۽ ڪيتن ۾ هرياليِ ئي هرياليِ، جنهن پاسي نهار تہ Greenery ڏاڍي هئي. سفر مان اِهو جاتم تہ فارين ۾ وڃي سئزرلئنڊ نہ ڏٺو تہ ڪجهہ نہ ڏٺو.

* * * * *

موتيلعل جوتواڻي (1936 - 2007)

سدا حيات ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي سنڌي، هنديِ، انگريزيِ ٻولين تي سٺو دسترس رکندڙ عالم ۽ اديب، ٥٠ کان مٿي ڪتابن جو رچناڪار ۽ ڪوجنيڪ هو. ديش وديش ۾ سڦل اڏياپڪ رهيو. سنڌيءَ ۾ سندس مشهور ڪتاب آهن: 'سنہنڌن جي سڙڪ تي'، 'عناصرن جيِ سازش'، 'پرش ۽ پرڪرتيِ'، 'ٽي ننڍا ناول'، 'آنءُ جو ئيِ آهيان سو ئيِ آهيان'، 'آتم ڪٿا جي نالي ۾'، 'سڃاڻپ جو سنڪيت'، 'نئين سري کان ڊڪشنريِ آف سنڌي لٽريچر'، هنديءَ ۾ 'پيليِ پيتِ' وغيره

ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي سنڌي اڪاڊمي دهليِ سان ڪافيِ عرصو جڙيل هو. اين.سِي.پي.ايس.ايل. سان بہ ڇڳو وقت گڏ هو.

بطور اڏياپڪ ۽ ليکڪ الڳ الڳ موقعن تي ڪيس ڪيترائي انعام اڪرام عطا ڪيا ويا.

ٿو. هي هڪ ننڍي درجي (Low Power) جو ريڊيو ٽرانسمٽر آهي جيڪو مُنهن رستي آوازي لهرن کي اليڪٽريڪل سگنلس ۾ بدلائي ٿو.

اڄ دنيا ۾ نوڪيا موبائيل فون ۾ ڪيترن قسمن جا سم ڪارڊ مارڪيٽ ۾ ملن ٿا جئن ته بي.پي.ايل.، ايئر ٽيل، آئيڊيا، هچ، ڊالفن، بي.ايس.اين.ايل.، رلائنس وغيره.

هر شيءِ جا ٻه پاسا ٿين ٿا رحمت ۽ زحمت. موبائيل فون مان سُک آهن ته سنڪٽ به آهن. اَچو ته پهرين فائدا نظر مان ڪڍون :

١. موبائيل فون ۾ پنهنجن مترن ۽ عزيزن جا نالا ۽ سندن فون نمبر نوٽ ڪري سگهجن ٿا. ڊائريڪٽري يا فون جي ڊائري ڏسڻ جو ضرور نٿو پوي، وقت بچي ٿو.
٢. ڪنهن به ننڍي وڏي شهر يا ڳوٺ ۾ هن فون رستي هڪ ٻئي سان ڳالهائي سگهجي ٿو.
٣. ايس.ايم.ايس. رستي بنان وڌيڪ خرچ جي لکيل نياپو ڏئي وٺي سگهجي ٿو.
٤. ’بلوُ ٽوٿ ٽيڪنالاجي‘ ذريعي ايس.ايم.ايس. ۾ ڪنهن به شخص، گهٽنا يا مشغوليءَ جا رنگين فوٽا موڪلي سگهجن ٿا. منٽ اندر دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيل گهٽنا جا سماچار موڪلي سگهجن ٿا.
٥. جي.پي.آر.ايس. تنتر گيان جو پريوگ ڪري موبائيل فون ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. انٽرنيٽ ڪنيڪشن ڪري سڄي دنيا کي ڪابه خبر جاڻ پهچائي سگهجي ٿي.
٦. وائيس ميل باڪس رستي، جنهن سان گڏجڻو هجي اُن جو نياپو رڪارڊ ڪري سگهجي ٿو. بنان نمبر ملائڻ جي اُن ماڻهوءَ سان ڳالهائي به سگهجي ٿو.
٧. ٽي يا چار ماڻهو روبرو ڪانفرنس ڪنيڪشن ڪري الڳ الڳ ڏنڊي بابت گفتگو ڪري سگهن ٿا.
٨. موبائيل فون ۾ ڪال رجسٽر رهي ٿو، جنهن وسيلي فون

مهاڀارت ۾ ڪورون ۽ پانڊون جي لڙائيءَ جو اکين ڏٺو احوال سندن مامي سنجيه، سورداس راجا ڌرتراشٽر کي ڪيئن ٿي ٻڌائي سگهيو، اِن ڳالهه سائنسدانن جي دل ۽ دماغ کي جهنجهوڙي ڇڏيو. هُنن ڏينهن رات هڪ ڪري ٽيليويزن جي کوجنا ڪئي، هوائي جهاز ۽ ائنٽي اِسٽڊ مسائيل (Anti Stud Missile) جي کوج ڪئي. سائنسدان ايڊيسن بجلي بلب جو اَوشڪار ڪيو، جنهن ۾ ٽيليفون، ڪيبل ٽيليفون ڪنيڪشن لڳندو آهي ۽ ٽرانسمِشن سينٽر يا ٽاور به ضروري هوندو آهي. سائنسدان اليڪزينڊر گرهام بيل ١٨٧٦ع ۾ ٽيليفون جي کوجنا ڪئي.

اڄ اسين وائرليس ٻنان تند تار رستي هڪ ٻئي سان ڳالهائي سگهون ٿا، جنهن لاءِ ڪنهن به ٿوس پدارٿ جي گهُرج نٿي رهي. وائرليس رستي ڳالهائيندڙ ۽ ٻُڌندڙ کي ڪنهن به تار بدران هوا جوڙي ٿي. هن لاءِ مائڪرو ويو (Micro - wave) ۽ سيٽيلائيٽ (Satellite) جو اُپيوڳ ٿيندو آهي. مائڪرو ويو هڪ سُني ۾ سُنو ذريعو آهي. هن کي موڙي نه سگهبو آهي. سڌي ليڪ ۾ آوازي لهرون هلن ٿيون. لنبي دوريءَ لاءِ ڊش يا اينٽينا جي ضرورت پوي ٿي. اِنٽيلسيٽ (IntelSat) يعني (International Telecommunication Satellite Consortium) انٽرراشٽريه دور سنچار اُپگره سان هڪ سؤ چوڏنهن ملڪ جُڙيل آهن. هن جي شروعات ڇهين اَپريل ١٩٥٦ع ۾ ٿي. انٽيلسيٽ - III 1968ع ۾، V 1980ع ۾ ۽ VIII 1997ع ۾ عمل ۾ آيو. شروع شروع ۾ ٻنان تند تار جي فون جو اُپيوڳ فؤج ۾ سرحدن تي ڪيو ويندو هئو. پوليس کاتي ۾ ۽ تعليمي اِدارن ۾ فزيڪل ٽيچرس به ڪم آڻيندا هئا.

مؤجوده موبائيل فون جي ايجاد 3 اَپريل 1973ع ۾ نيويارڪ سٽيءَ ۾ مسٽر مارٽن ڪوُپر (Martin Cooper) ڪئي. تنهن وقت مسٽر مارٽن موٽورولا ڪمپنيءَ ۾ وائيس پريزيڊنٽ هئو. واشنگٽن ۾ موبائيل فون ۾ وڏيڪ سُڌارو - واڌارو ٿيو.

ريڊيو لهرن جي رستي موبائيل فون پيغام وٺي ۽ پهچائي

١. اسڪولن، ڪاليجن ۽ آفيسن ۾ موبائيل فون جي گهڻي استعمال سبب روزمره جي ڪمن ۾ رنڊڪ پوي ٿي.
٢. نوجوان طبقو هن جو ڏُراُپيوگ ڪري، انٽرنيٽ جي مدد سان اُگهاڙپ، ڇرترهيننتا ڏانهن مُڙي رهيو آهي.
٣. انگلئنڊ جي اسڪاٽمين نالي سائنسدان ثابت ڪيو آهي ته موبائيل فون جي واهپي سبب چمڙيءَ جي بيمارِي ٿي سگهي ٿي.
٤. خميس جي کابي پاسي واري کيسي ۾ موبائيل فون رکڻ سبب دل جي تڪليف جو اِمڪان رهي ٿو.
٥. ڪَمَر ۾ ٻڌل پَٽي جي پاڪيٽ ۾ موبائيل فون رکڻ سبب جيري جي بيمارِي ٿي سگهي ٿي ۽ ائين ڪرڻ ڪڏهن ڪڏهن نامرديءَ جو ڪارڻ به ٿي سگهي ٿو.
٦. موبائيل فون جو واهپو سياڻن ۾، ڪلاس رومس ۾، ستسنگ ۾ رُخنو وجهي ٿو.
٧. ننڍِي ٿهي موبائيل فون جو گهڻو واهپو ڪري نه صرف قيمتِي وقت وڃائي ٿي پر مائٽن جو خرچ به وڌائي ٿي.
٨. موبائيل فون جي پريوگ سبب اڄڪلهه جا ڪيترا جوان نه صرف پاڻ غلط رستا اختيار ڪن ٿا، پر پنهنجن مائٽن کي به گُمراهه ڪن ٿا.
٩. ڪڏهن اڌ رات جو ته ڪڏهن پريات جو، مطلب ته بي وقتو موبائيل فون جي گهنٽِي وڄڻ سان پنهنجي ۽ گڏ رهندڙن جي آرام ۾ رُخنو پوي ٿو.
١٠. هن جي گهڻي واهپي سبب دماغ ۾ ٽيومر ٿي سگهي ٿو.

انسان کي اشرف ال مخلوقات چيو ويو آهي. اسان کي گُڻَ گِراهي ٿيڻ گهرجي. موبائيل فون جڻ ته هڪ جادوءَ جي دٻلِي آهي، جيڪا عجب ۾ وجهي ٿي ڇڏي، سوُلائيءَ سان سُک ۽ سهنج پهچائي ٿي، پوءِ ڇو نه اُن جو سداُپيوگ ڪجي!

* * * * *

ڪرڻ واري جو نمبر، تاريخ، ٽائيم جي ڄاڻ ملي ٿي.

٩. موبائيل فون رستي اي.ميل، ايس.ايم.ايس ۽ براؤزنگ به ڪري سگهجي ٿي. ڏهه-پندرهن اي.ميل اڪائونٽ کولي سگهجن ٿا.

١٠. وڏا لکيل ليک ۽ سنديش شامل ڪري هن فون رستي وٺي يا موڪلي سگهجن ٿا. اُنهن کي بچائي (save) يا اسٽور به ڪري سگهجي ٿو.

١١. ايڊريس بوڪ، ڪئلينڊر، ميموپيڊ، ڪئلڪيوليٽر، ميوزيڪل رنگ ٽون ۽ شخصي ڄاڻ ڊجيٽل ڊائريءَ وانگر لکي سگهجي ٿي.

١٢. هيءُ فون انٽرنيشنل پوري ڪوريج رومنگ ميل ڪري سگهي ٿو.

١٣. الڳ الڳ رانديون ڊائون لوڊ ڪري کيڏي سگهجن ٿيون.

١٤. ويڊيو رڪارڊنگ، فوٽو ڪڍڻ ۽ آواز رڪارڊ ڪرڻ به هن فون رستي مشڪل نه آهي.

١٥. ريڊيو جا گانا ۽ دنيا ۾ جون خبرون به ٻُڌي سگهجن ٿيون.

١٦. مابلاگنگ (Moblogging) مطلب موبائيل ۾ ڪئميرا جي مدد سان دنيا ۾ ڪٿي به گهٽيل گهٽنائن جون تصويرون پهچائي سگهجن ٿيون.

١٧. ڪئمبرج يونيورسٽي پريس طرفان پڌرائيءَ ۾ ڇپيو ويو آهي ته جلد ئي پارٽ ۾ موبائيل فون تي ڊڪشنري ڏيڻ جي يوجنا لاءِ ڪوششون هلندڙ آهن. چين ۾ اها يوجنا عمل ۾ آيل آهي.

١٨. رُبي، پليٽينم، سون ۽ قيمتي ڪاٺ مان ٺاهيل موبائيل فون هاڻي زيورن جي عيوض ڪتب آندا ويندا.

ان طرح جون پيون به فائديمند ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. هاڻي اچو ته جاچيون موبائيل فون مان ڪهڙيون مشڪلاتون درپيش اچن ٿيون :

۾ موجود هوندا آهن.

اِنهن ٽن گُڻن جو شُڌ يا پرڪاشميہ پاسو مطلب تہ ماڻهوءَ جي اندر لڪل روحاني سُرهاڻ. اِهي روحانيِ گُڻ اِيشوَريہ ٿيندا آهن ۽ اِنهن کي اَپنائڻ سان جيون اُجول ٿيندو آهي. ماڻهوءَ جي سوچ ۽ چونڊيل ويچارن تي، هن جي اندر مان نڪرندڙ خوشبوءِ يا بدبوءِ مُنحصر آهي.

هندو ڌرم موجب صُبح جو اُٿڻ سان ماڻهو ڌرتيِ ماتا ۽ سورج ديوتا کي، پنهنجي ماءُ پيءُ کي نمسڪار ڪري ڏينهن جي شروعات ڪندا هئا. وڏن جيِ عزت، شيوا، شڪرگذاريِ، ايمانداريِ، پين لاءِ پيار ۽ سهيوگ جيِ اِڇا، اِهي سڀ خوشبودار گُڻ آهن. ننڍي هوندي کان مليل سنسڪارن سبب انهن گُڻن ۾ اِضافو ٿيندو آهي. جڏهن نفيِ گُڻ مٿي اچڻ جيِ ڪوشش ڪن ٿا تڏهن توهانجا ويچار ڪين پڇائن ٿا يا اَپنائن ٿا، اِهو توهانکي مليل ڦل مان ظاهر ٿيندو.

پرمهنس يوگانند پنهنجي ڪتاب ”Divine Romance“ ۾ چوي ٿو، ”جيون يا ايشور اوهانجو اِمتحان ڪونہ وٺندو آهي، پر توهانجا ڪارج توهانجو نصيب ٺاهيندا آهن.“

جڏهن ٻال کي مٿي ڦٽو ڪرڻ جو ڪارج ڪندا آهيون، تڏهن اُهو ٻال ڌرتيءَ کي لڳي وريِ مٿي اُڇلجندو آهي. اِهو ٻال اُڇلائڻ جو ڪارج جو ڦل ٺئہ آهي. هر ڪارج جو ڦل سرشٽيءَ جي نرماڻ مهل نيمن سان ٻَڌلُ آهي. ايشور هرڪنهن جي ڪارج جي ڦل جو حساب ٺاهڻ لاءِ واندو نہ آهي. هُن هڪ ٿيِ پيري نيم ٺاهي ڇڏيا ۽ اِنسان کي ويچار ڪرڻ جو حق ڏنو ۽ چونڊڻ جيِ اجازت پڻ ڏيئيِ ڇڏيِ تہ هاڻ پاڻ ٺاهيو پنهنجو آئينده. پيل سنسڪار سوچڻ جو رستو ٺاهيندا آهن. توهانجا ويچار توهانجا ڪارج ٺئہ ڪندا آهن ۽ توهانجا ڪارج توهانجو ڦلُ ٺئہ ڪندا آهن. ڦل سٺو مليو تہ پاڻ کي ڀاڳوان سمجهندا آهيون پر جي خراب مليو تہ ٻُرن ڪَرمن جو نتيجو سمجهندا آهيون.

رُوحاني سُڳنڌ

وجيا ٽيڪسنگهاڻي، پونو

گيانيشوريءَ ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي: ”ڪِ ٽِلمو چاچو وَري. ماپَ سُوبي ساگرِي مِي نيٽٽو تياپَري. پِرورتِي ايتَ.“

جئن ٽِمٽو پکيءَ جي سَمُنڊَ مان ڪِريل پنهنجن ٻارن کي بچائڻ لاءِ پنهنجيءَ چهنبَ ۾ پاڻِي ڀري ڪري سَمنڊَ کي خالِي ڪرڻ جي ڪوشش اجائِي آهي، تيئن مان اگيانيِ گيتا جو اَرٿُ ٻُڌائڻ جي اَجائِي ڪوشش ڪريان ويٺو. (سنت گيانيشور پاڻ کي اگيانيِ چيو آهي.)

مرهٽيءَ ۾ منهنجا ٻه ڪتاب ’پرواس‘ ۽ ’مهاراشٽراتيل سات سُڳنڌ‘ ڇپيل آهن. وگيان ۽ روحانيت جي باري ۾ لکڻ جي جيڪا مون همت ڪئِي آهي، اُها ٻه اُن ٽِلمو پکيءَ جهڙِي آهي.

هڪ پروگرام ۾ حاضر ڪِن شخصيتن ۾ عطر جهڙِي خوشبوءِ جو اَنڀوُ ٿيم. جڏهن ڊاڪٽر وشوناٿ ڪراڙ ويٺي ڳالهايو تڏهن چندن جي سُرهاڻ محسوسيم. ڪتاب لکڻ جي پريرڻا پاتم.

نہ صرف پونو، مهاراشٽر يا ڀارت پر سڄو سنسار روحانيِ سُڳنڌيُنِ سان واسيل آهي.

سنت رامداس جي مرائيءَ ۾ لکيل ’داس ٻوڌ‘ گرنٿ ۾ چيل آهي تہ، ”سڄي سرشٽِي ٽِن گُڻن جي ٺهيل آهي. پنج مهاڀوتن ۾ ٽي گُڻ ٿيندا آهن. ظاهر آهي تہ هر انسان ۾ بہ اِهي ٽي گُڻ هوندا آهن.“

بائيبل ۾ لکيل آهي تہ، ”پرميشور ماڻهوءَ کي پاڻ جهڙو ٺاهيو آهي. سَتو، رَجو ۽ تَمو ٽي گُڻ آهن. اِنهن گُڻن جا ٻہ پاسا ٿيندا آهن. هڪ پاسو روشن (شُڌ) ٿيندو آهي ۽ ٻيو پاسو اونداهو (اَشُڌ). ٻئِي پاسا هر ماڻهوءَ ۾ گهٽ وَڌ ماترا

دياوان !

هرڪشن سامتاڻي، پونو

(درشيه پهريون)

مون جهڙو نصيب وارو ٻيو ڪير ٿو ٿي سگهي؟ ورهين کان مان اُتي ئي ٻيٺو آهيان، مهنت جي مهراج جي ڪمري جي دريءَ جي بلڪل سامهون... باغ ۾. منهنجي ٿڙ وٽ چبوترو به ٺاهيو ويو آهي جتي شرڌالو پنهنجو ٿڪ ڀڃڻ لاءِ اچي وهندا آهن. مان ڪين پنهنجي ڀرپور ڇايا ڏيندو آهيان، سج جي تپت کان بچائيندو آهيان. اُها ٻي ڳالهه آهي ته موٽ ۾ اُهي شرڌالو پنهنجو ٻچيل سچيل ڪاڌو، پنا وغيره منهنجي چوڌاري ڦٽا ڪري ويندا آهن. اُهو ته ٺهيو، ڪاڌو کائي هٿ ڌوئڻ جي بدران منهنجي ٿڙ سان هٿ اُگهي ويندا آهن. ڪي ته اهڙا به گندا آهن جي پنهنجو نڪ سُڻڪي، هٿ منهنجي تن سان اُگهي ويندا آهن. بلڪل بي خيالا... بدتميز... جيسين ٻئي ڏينهن صفائيءَ وارا اچي صفائي ڪن، تيستائين اُن ڪاڌي تي ڪانوَ، ڪُتا... ڪيليون... ۽ ٻيا جيو جنتو اچي وارو ڪن ۽ مونکي نقصان پهچائين... خير... پر وري به ڀاڳ زور اٿم جو صبوح ساڻ مهنت جي مهراج جو درشن ٿيندو اٿم ۽ درشن ٿيندي سڀ سوُر وسري ويندا اٿم.

اها ڪهڙي شڪتي آهي جيڪا ڀڳوان ان مهنت کي عطا ڪئي آهي جو سندس درشن سان شرڌالن جي من ۾ شانتي اچي ويندي آهي... روح راحت پائيندو آهي... هوا ٻڌائيندي آهي ته مهنت جي مهراج جي سنسٿا هڪ سنگيت وديالیه به هلائيندي آهي، جتي ٻار سستي اگهه ۾ سنگيت وديا پراپت ڪندا آهن. مهنت جي مهراج پاڻ به سٺو ڳائيندڙ آهي، اُهو

اسان سمجھندا آھيون تہ اِھا Automatic ڳالھہ آھي، پر ھِنَ قصي ۾ ويچارن جو ھَٿُ آھي، اِھا ڳالھہ اسان نٿا ڄاڻون. من ۾ ھلندڙ ويچارن تي ڌيان ڏيڻ ڏاڍو ضروري آھي.

سُٺا ويچار ۽ سُٺي ڀاونا ڪنھن بہ ڳالھہ کي پرڪٽ ڪرڻ لاءِ ضروري آھن. جيڪا شيءِ اوھان مَنَ جي اَک سان ڏسندا آھيو، اُھا اوھان حاصل ڪري سگھندا آھيو. جنھن شيءِ جي باري ۾ ھرگھڙيءَ سوچيندا، ڳالھائيندا، محسوس ڪندا، اُھا اوھانکي حاصل ٿيندي.

منھنجي ڪتاب ۾ شامل شخصيتن ۾ ھڪڙو سَمان روحاني گُڻ آھي. سڀيئي ڀاونا پرڌان آھن. سندن ڪلپنا شڪتي وِڪسِت آھي ۽ ڪين ڦل جي بہ خاطري آھي. ڪابہ ڳالھہ ظاھر ٿيڻ لاءِ اِھي ٽي ڳالھيون لازمي آھن. اِھو سرشٽيءَ جو نيم آھي.

صحيح سوچ سان (Mind control) ويچارن جي دِشا مَٽائي، پنھنجي زندگي ڪيئن ٺاھجي، اِھو ڌيان - ساڌنا سان ڪري سگھبو.

جڏھن اسين ڪو نئون ويچار پڙھندا آھيون، اسانجي اندر ۾ اڳ ۾ ئي ڪي اُدما مؤجود ھوندا آھن، اُنھن کي پاسيرو ڪري، نئين ويچار تي سوچي پوءِ ڪنھن نتيجي تي اچڻ گھرجي.

وديارٿين ۾ سُٺا ويچار وجھڻ جو ڪم ماتا - پتا ۽ اُستادن جو ٿيندو آھي. سُٺا سنسڪار ھُئڻ سان آئينده جي پيڙھيءَ جو ڀوشيہ سھڻو ٿيندو.

ڀَسايدان ۾ چيل آھي، ”ھن ڌرتيءَ تي سنتن جا وڻ پئدا ٿيندا. ڊاڪٽر اي.پي.جي.عبدل ڪلام جو Vision سنہ 2020ع ۾ پورو ٿيندو. 19 - 20 جي فرق سان، اِھو سپنو ڊاڪٽر وشوناٿ ڪراڙ، ڊاڪٽر وجيہ ڀَٽڪر، ڊاڪٽر رگھوناٿ ماشيلڪر، ڊاڪٽر رَوي ڪولھي، ڊاڪٽر وسنت گوواريڪر، ڊاڪٽر چندرڪانت پانڊو ۽ ڊاڪٽر ساپٽنيڪر جو بہ آھي.

* * * * *

مهنت جي مهراج دريءَ وٽ پرگهٽ ٿيو... ماڻهو درشن ڪري گدگد ٿيا... ماري چار پڃرا، پکين سان ڪچاڪچ ڀريل... اچي ٽيبل تي رکيا ۽ اُنهن مان هڪ پڃرو کڻي دريءَ تي رکيائين... پڃري جو در کوليو ويو. هڪ هڪ ڪري پکين کي هٿ ۾ پڪڙي، مهنت جي مهراج هوا ۾ اُڏائڻ لڳو... ماڻهن جي دلين تي ڀاري چانئجڻ لڳي... شرڌالن جي ڀيڙ ۾، هڪ پيءُ پنهنجي پُٽ کي چوڻ لڳو، ”ڏسُ، مهنت جي مهراج ڪيڏو نه دياوان آهي، پکين پسُن لاءِ ڪيتري نه ديا ميا اٿس، سيني جو خيال رکندو آهي... ڪين پڃري مان، ماريءَ جي ظلمن کان آزاد ٿو ڪري جيئن پنهنجي زندگي آرام سان ڪاٽي سگهن... پکين پسُن کي به اسان وانگر آزاديءَ سان جيئڻ جو حق ملڻ کپي... واه! ڇا نه ڪروڻا آهي... پيار آهي... اهڙا دياوان انسان صدين کان پوءِ پئدا ٿيندا آهن جيڪي انسان جي ڀلي سان گڏوگڏ پکين پسُن جي لاءِ به سوچين...“

مهنت جي مهراج پکين کي آزاد ڪندو رهيو... آخرين پڃري ۾ به چار طوطا بس هئا جي ٻاهر نڪرڻ کان نابري واري ويٺا هئا. پڃري جي تارُن کي ئي مضبوطيءَ سان پڪڙي ويٺا رهيا... جڻ ٻاهر نڪرڻ کان، آزاد فضا ۾ اڏڻ کان ڊنا پئي... ماريءَ هڪ سوئو کڻي اُنهن مان هڪ طوطي مٿان ٽنبيو... طوطو ويچارو درد مان ڪراهي اُٿيو... ۽ مجبورن ٻاهر نڪتو. مهنت جي مهراج ڪيس پنهنجي پوتر هٿن ۾ کڻي دريءَ مان ٻاهر اُڏايو. اُهو طوطو اچي منهنجي ٽاريءَ تي ويٺو. ساڳي حالت ٻين سان به ڪئي ويئي. مهنت جي مهراج صرف ماڻهن ڏانهن ئي نهاريندو رهيو. ماڻهن تي پنهنجي دياوان هئڻ جي ڇاپ کي مضبطوي بخشيندو رهيو. ماريءَ جي سوئي کان بيخبر... طوطن جي وهندڙ خون کان بيپرواه... اُهي چار ئي زخمي طوطا اچي منهنجي ڏار تي ويهي رهيا. پاڻ کي باز جي نظرن کان بچائڻ لاءِ پاڻ کي منهنجن

۽ ڪين ڏيان ۽ لڳن سان ڳائڻ وديا سيکاريندو آهي. هڪ هوميوپيٿڪ اسپتال ۽ هلائيندا آهن، جتي ماڻهن جو مفت علاج ٿيندو آهي. ماڻهن جي صحت جي حفاظت ۽ ٿيندي آهي ته پئسا ۽ بچندا آهن. شُڪر آهي جو اسين ان پئسن وئسن جي جهنجهٽن کان بچيل آهيون... ان ڏي وٽ کان ڇُٽل آهيون...

اڄ جو ڏينهن تمام شُڀ آهي... اڄ مهنت جي مهراج جو جنم دن آهي... وڏو ڏڻ آهي... هفتو پهرين کان ئي ماڻهن جو ميلو لڳندو آهي. هزارين ماڻهو مهنت جي مهراج کي واڌايون ڏيڻ ۽ پنهنجي پيٽا چڙهائڻ ايندا آهن... ڪيترائي ايندا آهن مهنت جي مهراج جا وچن ٻُڌڻ... سڄي باغ کي سينگاريو ويندو آهي. گهڻائي دڪان نهي ويندا آهن جتي ماڻهو اڇي قسمين قسمين جون شيون وڪڻندا آهن... ڪتاب، ڪپڙا، Souviners، مهنت جي مهراج جي آواز ۾ رڪارڊ ڪيل ڀڄن جون ڪئسيٽ، سي.ڊي... مهنت جي مهراج جا فوٽا... فريم ۾، گهڙيالن تي، ڪيلينڊرن تي، لئمينيٽ ٿيل - گهڻن ئي قسمن جا، ڪي ننڍا، ڪي وڏا... ٻيو ۽ گهڻو ڪجهه هوندو آهي کاڌا، پيتا... ماڻهو ته اصل موڄ ۾ اچي ويندا آهن. بس سڄو هفتو موڄ ئي موڄ لڳي پيئي هوندي آهي.

خئر... اڇون اڄ تي... اڄ مهنت جي مهراج جو جنم دن آهي... صبوح ساڻ ڀڄن ڪيرتن زور شور سان شروع ٿيو آهي. هون ۽ ڪيو ويو ته اکنڊ پاٺ جو ڀوڳ ۽ ٿيو... ماڻهو مهنت جي مهراج جو درشن پائڻ لاءِ سندس دريءَ هيٺان بيٺا هئا... هڪ ٻي رسم آهي، جا هر سال نڀائي ويندي آهي. مهنت جي مهراج اُن ڏينهن گهڻيئي پکي پڃري مان آزاد ڪري هوا ۾ اُڏائيندو آهي... کين آزادي بخشيندو آهي... اهو نظارو ڏسي شرڌالن جون اکيون پرجي اينديون آهن، شرڌا سان... آنسن سان... پيار سان...

اُهي چار ئي طوطا، رات ڀر منهنجا مهمان بڻجي رهيا... سڄي رات درد ۾ ڪراهيندا رهيا... پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا، ”آخر هي ڍونگ، هي تماشو ڪيستائين هلندو رهندو؟“

”ڪهڙو تماشو؟“ سيني ڪان ننڍي طوطي پڇيو.

”هي تماشو ناهي تہ ڇا آهي؟ روز ماڻهو اسانکي پڪڙي پڃري ۾ قيد ڪري، ڪڏهن ڪنهن نيتا وٽ، ڪڏهن ڪنهن سنت وٽ تہ ڪڏهن وڏي اپينيتا وٽ کڻي ويندو آهي ۽ اُهي اسانکي آزاد ڪري، نالو ڪمائيندا آهن... پاڻ کي ديا جو مجسم سڏائيندا آهن... دياوان چوارائيندا آهن! ماڻهوءَ کي بہ خبر آهي تہ اسين ڪهڙي وڻ تي وڃي وهندا آهيون، اُتي اچي اسانکي وري پڪڙيندو آهي... ائين ئي سندس ڌنڌو هلندو رهندو آهي. ماڻهو ناڻو ڪمائيندو آهي ۽ اسانکي آزاد ڪرڻ وارا نالو... ڪيڏو نہ سٺو ۽ سهڻو بندوبست آهي... ۽ ان سڄي سرشتي ۾ تڪليف اسانکي ئي ٿيندي آهي ۽ ان تڪليف کي انسان ديا جو نالو ڏيئي پاڻ کي دياوان سڏائيندا آهن.“

”پر ڇا ماڻهو ڪڏهن اِهو سوچيندا ڪونهن تہ ان سنت وٽ اهي پڃرا آيا ڪٿان؟ ايترا پکي آيا ڪٿان؟ ضرور ماڻهوءَ کان پئسا ڏيئي خريد ڪيا هوندائين. پئسن جو ئي تہ کيل آهي سارو...“

ٽئين پکيءَ چيو، ”ڇا ماڻهن جون اکيون ڪڏهن ڪونہ کُلنديون؟ ڇا اُهي وڏيون هستيون، ان سرشتي جو هڪ حصو ڪونهن، جيڪو درحقيقت اسانکي تڪليف پهچائي رهيو آهي؟ جي اُهي اسانکي خريد ئي نہ ڪن تہ شايد ماڻهو اسانکي ايترو پريشان بہ نہ ڪن...“

چوٿين چيو، ”جيستائين خريد ۽ فروخت جو چڪر هلندو تيستائين اسين ائين ئي پيا ان چڪيءَ ۾ پيسجندا رهنداسين.“

پتن جي وچهر لڪائي ڇڏيائون. خير، تماشو ٿيو پورو... سڀ خوش... عوام مهنت جي مهراج جا ڳُڻ ڳائيندو، ڪاڏو ڪائڻ لاءِ لنگر طرف وڃڻ لڳو.

مهنت جي مهراج، اهو شڀ ڪرم پورو ڪري، هٿ ڌوئڻ لاءِ واش بيسن تي آيو. تڏهن نظر پيس اُنهن خون جي بونڊُن تي جن سان سندس هٿ رڱجي چُڪا هئا. ڪن پل لاءِ سمجهيائين تہ سندس ئي خون آهي... ڏجي ويو... سندس شش بہ ڏجي ويا... چيائين، ”مونکي تہ هيٺ بہ ڪانہ پئي تہ ڪو منهنجو هٿ زخمي ٿي چُڪو آهي... مونکي تہ صرف اُنهن پکين جا خوش چهرا پئي نظر آيا، جي مُڪتي پائي بيحد خوش هئا...“ هڪدم موبائيل تي فون ڪري مهنت جي مهراج جي خانگي ڊاڪٽر کي گهُرايو ويو. سيني ڀڳتن جون اکيون آنسُن سان ڀرجي ويون. ٿڏا شوڪارا ڀري چوڻ لڳا، ”ڏسو مهنت جي مهراج جي مهانتا! سچ پچ ڀڳوان وٽ بہ ڪيتري نہ بي انصافي آهي. مهنت جي مهراج ديا ڪري پکين کي آزادي پئي ڏني ۽ ائين ڪندي شايد پڃري جي تار سان هٿ زخمي ٿي ويو اٿس.“ ڊاڪٽر خون اُگهيو، ڏٺائين تہ زخم تہ هٿ تي هوئي ڪين. پر چُپ رهيو... ڪنهن کي بہ ڪجهہ ڪين ٻڌايائين... مهنت جي مهراج بہ سڀ ڏٺو... ڪيس تہ ڪو سُور هوئي ڪين... زخم هجي تہ سُور ٿئي نہ... پر هوُ بہ چُپ رهيو... چُپ چاپ ڊاڪٽر کان هٿ تي پٽي ٻڌائي هليو پنهنجي اڳلي پروگرام تي... مسڪرائيندو... پنهنجي زخم کان بيپرواهہ... سڀ سُور سهندي بہ سندس چهرو ٻهڪي رهيو هو... پيار سان... پيار، پکين لاءِ... اِنسانن لاءِ... ۽ ماڻهو سندس اِها فراخدلي ڏسي، سندس همت کي ساراهيندا، سندس ڳُڻ ڳائيندا سندس پليان پليان هلڻ لڳا... واهہ! مهنت جي مهراج، واهہ!

(ٻال ڪھاڻي)

قرباني

ھيملتا بجاج، لوناوالا

ھڪ ھل اسٽيشن تي لڇمڻداس نالي ھڪ سيٺ رھندو ھو. ھو ڪافي ڏنوان ۽ داني پرش ھو. ھن جي در تان ڪوبہ خالي ڪونہ ويندو ھو. امير ھجي چاھي غريب، ھرڪو ڪائي ۽ سُک پائي ويندو ھو. ھن وٽ ھڪڙو وڏو عاليشان بنگلو بہ ھو. نوڪر چاڪر بہ جام ھُئس. ھو نوڪرن کي ڪڏھن بہ گھٽ نہ گھرندو ھو. نوڪر بہ خوب خوش ھئا.

لڇمڻداس سيٺ جي زال ديوڪي بہ گڻوان ۽ پڳتياڻي ھئي. ھوءَ روز مندر ۾ ويندي ھئي. غريب ٻارن کي روز کاڌو ڏيندي ھئي. ڪنھن بہ بکئي کي ڏسندي ھئي - پوءِ چاھي اُھو اِنسان ھجي يا جانور، سڀني کي کاڌو کارائيندي ھئي. مطلب تہ ٻئي زال مڙس دياوان ۽ غريبن جا خيرخواه ھئا.

ھڪ ڏينھن جڏھن ديوڪي مندر وڃي رھي ھئي تہ رستي تي ھڪ ڪُتي جو گُلڙو ٿڌ ۾ ڏڪي رھيو ھو ۽ ڪوُ... ڪوُ... ڪوُ... ڪري رڙھيو ھو. ديوڪيءَ کي رحم اچي ويو، ھوءَ تڙتڪڙ ۾ مندر مان تي گُلڙي کي پاڻ سان گڏ وٺي آئي. ننڍڙي گُلڙي کي ھڪ گرم ڪپڙي ۾ ويڙھي پنھنجي گھر جي گرم ڪمري ۾ رکيائينس. کير ۽ بريڊ بہ کائڻ لاءِ ڏنائينس. گُلڙي جو نالو رکيائين 'سومو'.

سومو بہ جلدي کير بريڊ چَٽ چَٽ ڪري کائي ويو. شايد ٻن ٽن ڏينھن کان بکايل ھو. پيار سان مالڪڻ ديوڪيءَ کي ڏسڻ لڳو ۽ پُڇ لوڏائڻ لڳو، ڄڻ مالڪڻ جا احسان پيو مڃي.

ديوڪيءَ کي ھڪ پُٽ ھو جنھن جو نالو ڪمل ھو. ڪمل پنجين سالين جو ھو. ھو بہ سوموءَ وٽ اچي ويٺو ۽ پيار سان ڏسڻ لڳو ۽ ھٿ لڳائي سوموءَ کي پيار ڪرڻ لڳو.

”ڇا ان تماشي جي پنيان لڪل حقيقت طرف ماڻهن جو ڌيان ڪڏهن ڪونه ويندو؟“

”جيستائين انسان ٻاهرين ڏيک ويک ۾ وشواس رکندو، جيستائين انسان حقيقتن کان منهن موڙيندو تيستائين اهو سڀڪجهه هلندو رهندو.“

”آخر اهي نيتا، سنت، مهنت، اداڪار پاڻ کي مهان سڏائڻ لاءِ، پاڻ کي اوچو ڏيکارڻ لاءِ ڪيتري حد تائين ڪرندا ويندا؟“

”انسان کي اهو گمان ڪيئن ٿيو آهي ته اسانکي آزادي ڏيڻ هُنن جي هٿ ۾ آهي؟ اهو حق ته صرف هڪ ئي هستيءَ کي آهي... جيستائين انسان پاڻ کي ٻين سڏائڻ جي ڪوشش ڪندو، جيستائين ٻين بڻجڻ جي ڪوشش ڪندو، تيستائين اهڙا ناٽڪ ٿيندا رهندا. ماڻهن ۾ انڌ وشواس جي ڪمي ناهي. جيسين انسان ۾ انڌ وشواس ۽ سچي شرڌا کي الڳ درجو ڏيڻ جي لياقت ناهي تيسين اسين ائين ئي ان چڪر ۾ ڦرندا رهنداسين.“

”پوءِ ته نهيو. اسانجو ڪجهه به ڪونه ٿيڻو آهي.“

نراسائيءَ جون ڳالهيون ڪندي چار ئي طوطا سُمهي پيا.

(درشيه ٽيون)

ٻئي ڏينهن صبوح ٿيو. پکي اُٿيا. پر ڦاهائڻ جي اجائي ڪوشش ڪيائون. ماري هُنن کان اڳُ جاڳي سندن مٿان پنهنجو جار وجهي چُڪو هو... چڪر وري شروع ٿي چُڪو هو... اڄ ماريءَ کي ماتا پُتلي ٻائيءَ جي جنم ڏينهن لاءِ هڪ سوَ پکي پهچائڻا هئا...

* * * * *

AUTHORS OF THIS ANTHOLOGY



Prin. Aruna Jethwani,
H - 2, Pluto Society,
Kalyani Nagar,
Pune - 411 006 (M.S.)
Tel.: 26650392

Mrs. Indra B. Budhrani,
8/124, Mira Housing Society,
Shankar Sheth Road, Pune - 411 037 (M.S)
Tel.: 26448642 Mobile: 9822519922





Mrs. Indra Poonawala 'Shabnam'
B-9, Mayurban Apts., Nr. Model Colony,
Shivaji Nagar, Pune - 411 016 (M.S.)
Tel.: 25671039 Mobile: 9422001711


Prof. Ishwari Jotwani,
B - 12, Shantikunj,
Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001 (M.S.)
Tel.: 26123197,26121636





Prof. Baldev Budhrani 'Deep',
8/124, Mira Housing Society,
Shankar Sheth Road, Pune - 411 037 (M.S)
Tel.: 26448642 Mobile: 9822519922

Mr. Baldev Sadhwani 'Nirmohi',
11/20, Anand Society, Shankar Sheth Road,
Pune - 411 037 (M.S.)
Tel.: 26446660



ٿورن ڏينهن ۾ ڪمل ۽ سومو پاڻ ۾ ڏاڍو هري مري ويا ۽ پاڻ ۾ دوستي ٿي وين. گڏ کائيندا هئا، گڏ راند ڪندا هئا. اگر گهر ۾ ڪمل ڏسڻ ۾ ڪانه آيو ته گهر وارا سمجهي ويندا هئا ته هو پڪ ئي پڪ سوموءَ سان راند ڪندو هوندو. ڪمل ۽ سومو ٻئي ڪمري مان راند ڪندي ڪندي ٻاهر باغ ۾ نڪري ويندا هئا. ٻئي هڪ ٻئي جي پٺيان ڊڪندا رهندا هئا. ڪمل کي هڪ راند ڪندڙ دوست ملي ويو. سومو به سٺو کاڌو ۽ پيار پائي ٿُلهو متارو ٿي ويو.

هڪ ڏينهن ڪمل ۽ سومو راند ڪندي هڪ وڻ جي هيٺان اچي ويٺا. اينتري ۾ سوموءَ جي نظر وڃي هڪ نانگ تي پيئي. ڪمل نانگ نه ڏٺو. هو ته مستيءَ ۾ ويٺو هو. سوموءَ جهٽ ٽپو ڏيئي نانگ کي پڪڙي ورتو. نانگ به پنهنجي سڄي طاقت سان سوموءَ جي بدن ۾ وڪوڙجي ويو. خوب لڙائي لڳي.

هنن ٻنهي جي لڙائي ڏسي ڪمل زور زور سان روئڻ لڳو. پوءِ ته گهر جا سڀ نوڪر، سيٺ لڇمڻداس ۽ ديوڪي ڀڄندا آيا. اچي ڏٺائون ته سومو نانگ سان لڙي رهيو آهي ۽ پاڻ کي نانگ جي وڪڙن کان ڇڏائي رهيو آهي. نانگ به پوريءَ طاقت سان سوموءَ جي سڄي بدن کي ويڙهي سوگهو ڪيو هو. سومو رتورت ٿي ويو هو. نوڪرن نانگ کي ماريو. نانگ نستو ٿي سوموءَ جي بدن تان لهي ويو. سومو ويچارو بيهوش ٿي ڪري پيو.

بس پوءِ ته ڊاڪٽر اچي ويا. سوموءَ کي بچائڻ لاءِ چٽي ڪوشش ڪئي ويئي. ڪمل سوموءَ جي اِها حالت ڏسي ڏاڍو روئي رهيو هو. سيٺ لڇمڻداس ۽ ديوڪي سڀ سمجهي ويا ته سوموءَ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڪمل کي بچايو آهي. نه ته نه ته اڄ نانگ، سوموءَ جي جڳهه تي ڪمل کي ماري ڇڏي ها. ڊاڪٽرن جي گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ به سومو بچي ڪانه سگهيو. هو پنهنجي مالڪڻ جو احسان چُڪائي رمندو رهيو. گهر جا سڀ نوڪر چاڪر، سيٺ لڇمڻداس، ديوڪي ڪمل روئندا رهيا.

* * * * *



Mrs. Chandra N. Khiani,
Twin Bungalow No. 75,
Hermes Heritage, Nagar Road,
Pune - 411014
Tel.: 26615813


Adv. C. T. Keswani 'Lal',
19, Jeevan Jyoti, Guru Nanak Nagar,
Bhawani Peth, Pune - 411042
Tel.: 26434655 Mobile: 9930647169





Mr. Chabhaldas D. Milaney 'Das',
K. P. Telecom, 302, Raasta Peth,
Pune - 411011
Tel.: (O) 26129596 (R) 26855600


Dr. Dashrathraj Asnani,
35/16, South Wing,
Pratiknagar, Pune - 411006 (M.S.)
Tel.: 26680009





Mrs. Ratna Godia 'Rolaak'
Mt. Alps, 'B' Wing 1101 - 1102, 11th Floor,
Bhakti Park, Anik Wadala link Road, Next to
Imax Theatre, Wadala (E), Mumbai - 400031
Mobile: 9892065242


Mrs. Rukmini S. Chainani,
101, Casa Grande, 13/12, Riverside Estates,
12, Boat Club Road, Pune - 411001
Tel.: 30522410 Mobile: 9922111131





Mrs. Tara Mirchandani,
1, Jack & Jill Hsg. Society,
Narangi Bagh Road, Pune - 411 001 (M.S.)
Tel.: 26160842


Mr. Tolaram Raheja 'Laali',
C/2 Flat No. 21, Greenfield Society,
Near Ajmera Complex & Rasrang Mithaiwala,
Pimpri, Pune - 411 018.
Mobile: 93925298639





Mr. Tikam Bhojwani,
Flat No. A-6, Popular Heights,
Koregaon Park, Pune - 411 001
Tel.: 26122592 Mobile: 9881109687

Dr. Prem L. Sharma,
301, Nalini Apartments,
2, Sholapur Road, Pune - 411 001
Tel.: 26330734 Mobile: 9890630044





Dr. Jairam Tejwani,
Mansarowar Gurudwara,
Near Akurdi Railway Station,
Chinchwad, Pune - 411 033
Mobile: 9372090369

rs. Jaishree Chetwani,
/1 Tulsiani Estate,
pp. ICCU Cable Communications,
00, Bhawani Peth, Pune - 411 042.
el.: 26358707 Mobile: 9970728084





Mr. Goverdhan Sharma 'Ghayal'
202, Rio Grande, Fortaleza,
Kalyani Nagar, Pune 411 006
Tel.: 26608752 Mobile: 9823788690

Dr. Geeta & Adv. Jetho Makhijani,
5/76, Mira Society,
Shankar Sheth Road,
Pune - 411 037
Tel.: 26453818






Mr. Mayaram Kukreja 'Dard'
Keer Bungalow, 1st floor,
Opp. Holaram Colony, Sadhu Vaswani Road,
Nashik - 422 002 (M.S.)
Mobile: 9370203596

Mr. Motilal J. Lulla,
Jay-Kay Co-op Hsg. Society,
322/17, Shankar Sheth Road,
Pune - 411 037 (M.S.) Tel.: 26836745,
26443907, Mobile: 9822914661





Prof. Neelam Chhabria,
53/5, Saraswati Co-op. Hsg. Society,
819 - A, Bhawani Peth, Pune - 411 042 (M.S.)
Cell: 9822884463

Mrs. Vijaya Teksinghani,
4/60, Mira Housing Society,
Shankar Sheth Road, Pune - 411 037 (M.S.)
Mobile: 9890386066






Mrs. Rita V. Shahani,
7, Floriana Estate,
Boat Club Road, Pune - 411001
Tel.: 26162526 Mobile: 9822068622

Mrs. Saroj Bharwani,
Bungalow No. 52, Hermes Heritage,
Phase - 1, Shastrinagar,
Pune - 411014
Tel.: 26694601





Mr. Srichand Sangdil,
Rainbow Traders, Sai Chowk,
Pimpri, Pune - 411017 (M.S.)
Tel.: 27413996 Mobile: 9373182682

Ms. Shaku F. Khilnani,
6, Agha Khan Palace Bldg,
Nr. Pune Rly. Station, Pune - 411001 (M.S.)
Tel.: 26127341





Dr. Shobha Relwani,
G - 2, Hermes Apartments,
389, Bhawani Peth, Pune - 411042
Tel.: 26445078

Mrs. Kavita Tahiliani,
5 - B, PCMC Colony, Ajmera Complex,
Pimpri, Pune - 411018 (M.S.)
Tel.: 27455983





Mr. Harkishin Samtani,
9, Yak & Yeti Apartments, Bund Garden Road,
Near Hotel Shrimaan, Pune - 411 001
Tel.: 26123756 Mobile: 9764390680




Mrs. Hemlata Bajaj,
'Aashirwad' Bungalow,
Shri Sainath Nagar, Opp. Ganapati Temple,
Kushnagaon, Lonavla - 410 401 (M.S.)
Tel.: 952114 - 271348

الڳه الڳه کيترن ۾ سڀوري سنڌڙيءَ جا سدا بهار سُپاتر سدا حيات ساڌو ٽي.ايل.واسواڻي، سوامي ليلا شاهه، ما هري ديوي، سوامي شانتي پرڪاش، ڀڳت ڪنوررام، شري تُلسيداس تلريجا، ڀائي پرتاب ڏيئلداس، پرنسيپال لالسنگهه اجواڻي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، دادا تيرٿ سڀاڻي، پروفيسر اين. آر. ملڪاڻي، ڀائو پريداس برهمچاري، پنڊت ديودت ڪندارام شرما، پرنسيپال جهمٽمل ٽلواڻي، شري عطر سنگناڻي، شري موتيلال ٻُناڻي جج، ماسٽر چندر، ڪلاڪار گوپ ۽ ڀُڏو آڏواڻي، شري ٻُلو سي. راڻي، شري سي. ارجن، مهاراج وشنو شرما، شري هاسانند جادوگر، شري جهمٽمل واڌواڻي، ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي، شري ناري گُرسهاڻي ۽ اهڙا ڳُڻڪاري ٻيا ڪيترا.

زنده مانوارين شخصيتن ۾ دادا جشن واسواڻي، سائين چانڊورام، سائين ساڌرام، شري لال ڪرشن آڏواڻي، ڊاڪٽر هيرانندڻي، ڊاڪٽر جي. ايس. سئناڻي؛ ڊاڪٽر آڏواڻي، پرفيسر سترامداس سائل، وڪيل رام پنجواڻي، پرنسيپال تُلسي نوتاڻي، دادا روچيرام ٿاواڻي، پرنسيپال دَيو ناٿاڻي، سنڌي شاعر جناب ايم. ڪمل، شري اَرجن حاسد، شري واسديو موهي ۽ اَهڙا انيڪ مٺيادار ملهائتا ماڻهو سنڌڙيءَ جا سڪيلڌا، سنڌيت جا شيدائي، سُگداسي چانورن جي سونهن، سُنائي، سچائي ۽ سواد ۾ اَڪٿُ اضافو آڻيندڙ ليکجن ٿا.

هڪ ساهتيه پريمي


هڪ ئي آهيون سيئي سنڌي،
ڀارت جنئيِ جي سنتان،
پيارو هندستان.